ڌيءُ جا پيءُ ڏانهن خط

ماڙيوالا

ڌيءُ جا پيءُ ڏانهن خط

چيتن ماڙيوالا

مصنف

سانيهءَ جي درسنيءَ تان، تواريخي مضمون،
اتهاسڪ چتر، وچتر ورق، همايون جو
خواب، جڏهن طوفان آيو، وغيره؛
اتهاس آڌياپڪ، جئه هند ڪاليج،
چرچگيٽ، بمبئي-۲۰.

دفعو ٻهريون   حق واسطا قائم   قيمت ٻه رپيا

نیویارک طبي مرکز ءَ



ڈاکٹر هاورڈ رسکءِ زیر علاج بیمار ءِ کملا

نئين سال جي سوکڙي

نئين سال جي مند آهي سوغاتن ۽ سڏياوناءُن ڏيڻ ڪاڻ. هن سال سنڌيءَ جي پيار وارن کي هيءَ سوکڙي آڇيندي بيحد خوشي ٿي ٿئيم.

هونءَ ته ٻي ڇئين سالين سنڌي ساهتيه جي پريمين جي ورونهه لاءِ ڪا نه ڪا نئين چيز پيو پيش ڪندو آهيان. ويجهڙائيءَ ۾ سانده پڇا پئي ٿي آهي ته اَڄ ڪالهه ڇا پيو لکان ڪريان. اِنهيءَ تقاضا جي لحاظ کان هيءُ "ڏيءُ جا پيءُ ڏانهن خط" تيار ڪري، پيش ٿو ڪريان.

ڪملا هئي ڊاڪٽريءَ جو اِمتحان پاس ڪري، وڌيڪ طبي اَڀياس لاءِ وئي اَميريڪا. پورا پنج سال هوءَ اُتي رهي ۽ چڱو پاڻ موڪيائين؛ پر گهر ۽ دادا کي اَصل ڪين وساريائين - هر هفتي خط لکڻ جو نيم ڪري ڇڏيائين. اِهي انگريزيءَ ۾ لکيل خط مون پاڻ وٽ سانڍي رکيا ۽ جڏهن هوءَ آئي ته اِهي سهيڙي، اُنهن جو سنڌيءَ ۾ مجموعو تيار ڪري ورتم. ڪملا جيڪي ڪجهه ولائت ۾ ڏٺو وائٺو، جيڪو اَڀياس ڪيو ۽ وقت بوقت سندس من ۾ جيڪي ويچار ۽ ڀاوناءُون اُٿيون ٿيون، سي هوءَ "دادا" ڏي خطن ۾ درج ڪندي رهي. اِهن خطن ۾ اِن ڪري ايتروئي جيون-رس ڀريل آهي، جيترو منهنجي "ساليڪ جي درسنيءَ" ۾ هو، بلڪ اُن

نيُويارڪ ۾



ناتال جو بتين جهدجهل جهاڙ

ڏيءُ جا پيءُ ڏانهن خط

(١)

وائز باڊين (جرمني)
١١ سپٽمبر ١٩٦٦ع
پيارا دادا،

اُميد ته اوهين ۽ ٻيا گهر جا سڀ ڀاتي خوش چڱا ڀلا هوندا.

مان هتي سک سان پهتيس. مسافري سٺي گذري، جيتوڻيڪ بمبئي کان بيروت تائين وهڻ لاءِ ڪرسيون اهڙيون سهوليت ڀريون نه هيون.

بمبئيءَ کان جو جهاز هليو سو ٻڌا ڪثي ٻيهڻ جي سڌو بحرين هوائي اَڏي تي سوائي يارهين بجي ڏينهن جو اچي لٿو. بحرين ۾ ڪجهه چپو چورو ڪيوسين ۽ بندر نظر مان ڪڍيوسين ته اڳتي هلڻ جي اچي مهل تي. هاڻي هوائي جهاز رخ رکيو بيروت ڏانهن. بحرين ۽ بيروت وچ ۾ هوائي جهاز زمين کان اَٺاويهه هزار فوٽ اوچائيءَ تي تي اُڏاڻو. بيروت ۾ منجهند جو اَڍائي بجي پهتاسون. بيروت ۾ ماڻهن انگريزي ٻولي مڪاني تلفظ (ٻوليءَ جي اُچارن) سان تي ڳالهائي، جنهنڪري وقت تي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته هو انگريزي زبان ۾ ڳالهائي رهيا هئا يا مڪاني ٻوليءَ ۾.

ڪان ڪجهه سرسيروئي، جو تہ هيءُ آمريڪا جي ترقيءَ ۽ قدر واري فضا جو آئينو آهن.

منهنجي ”سانيڀر جي درسنيءَ“ سنڌي جڳت ۾ چڱي چرپر پيدا ڪئي. ڪنهن ڪيئن چيو، ڪنهن ڪيئن؛ جئن منهنجي ڪنوار چوندي آهي، ”اُنت رڪ بازار ۾، ڪو ڪيئن ڦيرائيس، ڪو ڪيئن.“ ڪن چيو، ”اسانکي پڻ آتم ڪهاڻي لکڻ جو ڪڏهونڪو ويچار هو...؛“ ڪن ٻين وري چيو، ”پاڻکي سمجهي اَلائي ڇاٿو. ٻيا مڙئي ميسارجي ويا، باقي هن پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي آهي...“ مطلب تہ سنڌي ذهنيت جو چڱو ڇهڇٽو لڳو.

مان سمجهان ٿو تہ ”سانيڀر جي درسنيءَ“ وانگر هيءُ ”ڏيءُ جا پيءُ ڏانهن خط“ سنڌي ساهتيہ ۾ هڪ نئون ورق آهن. اَدبي دوست پنهنجو پنهنجو رايو ڏيندا، تلخ يا شيرين. انهيءَ جو فڪر ناهي. پر اِها خاطري اَٿم تہ هو ايترو ضرور مڃيندا تہ هيءَ هڪ انوکي سوغات آهي، پوءِ اندر جا سور هوُ پل اندر ۾ئي سانڍين.

قدرشناس قدر ڪندا، اِن ۾ ترماتر بہ شڪ ڪينهيم. آرزو اِهائي اَٿم تہ هيءُ ڪتاب پڻ ولدر ۽ تربيت جو باعث ٿئي. اِهوئي اُجورو ڪافي ٿيندو.

١، جنوري ١٩٧٣ع،

”هري-ڪرپا“،

سيان، بمبئي-٢٢.

جيٺن مارُيوالا

ته واهه جهڙو ترسڻو پيو. اهو سڄو وقت مسٽر شرما مون سان گڏ هو. هو به ساڳئي هوائي جهاز ۾ هندستان مان آيو هو ۽ بجليءَ جو وڌيڪ اڀياس ڪرڻ ڪاڻ ڪئناڊا وڃي رهيو هو. هنکي فرئنڪفرٽ ۾ هوائي جهاز مٽائڻو هو، جو ڪجهه ڪلاڪن بعد ئي ڇٽڻو هو. مسٽر شرما منهنجو سامان بس ۾ چاڙهڻ جي ۽ ٻي منهنجي چڱي واهر ڪئي، جنهن لاءِ مون سندس شڪرانا مڃيا.

بس ڊرائيور ڏاڍو نيڪ انسان ٿي ڏٺو. هن بس هوٽل جي بلڪل ٻاهران اچي بيهاري ۽ سامان پڻ لاهي ڏنائين. مسٽر ٽيلر مون لاءِ ترسيو بيٺو هو. هن سان گڏ ڊاڪٽر رسڪ، جوئي آمريڪا ۾ جتي مولکي ڪم ڪرڻو هو اُن جو وڏو هو، سو ۽ ساڻس گڏ ٻيا ڪي ڊيليگيٽ بيٺا هئا، جن سان منهنجي مسٽر ٽيلر سڃاڻپ ڪرائي. مسٽر ٽيلر پوءِ مولکي ٻڌايو ته جئن ته ڪانفرنس تي جهجهن ماڻهن جي اچڻ ڪري ڪنهن به سٺي هوٽل ۾ جاءِ خالي ڪانه هئي، تنهن ڪري منهنجي رهڻ جو بندوبست ڪنهن خانگي ڪٽنب ۾ ڪيو ويو هو. جرمنيءَ ۾ خرچ پکي لاءِ مسٽر ٽيلر مولکي چيڪ ڏنو. جيستائين چيڪ مٽايان تيستائين ٽئڪسي، وغيره تي خرچ لاءِ هن مولکي ڪجهه مڪاني سڪا ڏنا، جيتوڻيڪ مون کيس ٻڌايو ته هوائي اڏي تي مون پڻ ٽي پائونڊ مٽائي، مڪاني سڪا ورتا هئا. هن رچ چڱي مڙس مرڪندي ائين ٿي چيو ته "اهي پل ته پاسيرا پيا هجني،

بيروت ۾ اسانکي جهاز مٽائڻو پيو. نئين ڪئراويل جهاز ۾ وهڻ لاءِ جايون اَڳئين ڪاميٽ جهاز جي جاين کان وڌيڪ سنيون ۽ سهوليت واريون هيون. هاڻي جهاز وک وڌائي روم بندر ڏانهن. بيروت کان روم ڏانهن هوائي جهاز ٣٥ هزار فوٽ اوچائيءَ تي پرواز ٿي ڪيو. روم هوائي اڏي تي اسين ٧ بجي شام (هندستاني ٽائيم) جو پهتاسين. روم جو هوائي بندر سهڻو ۽ شاهي بندر آهي. هتي گهڻائي دڪان آهن، جن ۾ وڪري لاءِ وچتر شيون رکيل آهن. دڪانن ۾ هندستان جون ٺهيل بئگون ۽ رانديڪا پڻ پئي ڏسڻ ۾ آيا. روم ۾ پنجيتاليهه منٽ دابو ڪري وري اڳتي سفر ڪيوسين.

هاڻي اسانجو هوائي جهاز اَٺٽيهه هزار فوٽ اوچائيءَ تي هلڻ لڳو ۽ آلپس جا اوچا پهاڙ اورانگهيندي، زيورچ جي سهڻي شهر کي مٿان ئي پرڪام ڪري آسانيءَ سان ڏهين بجي جرمنيءَ جي ناميارِي فرئنڪفرٽ هوائي بندر تي اچي لٿو. اوڏي مهل اتي جي ٽائيم موجب شام جا ساڍا پنج لڳا هئا. پاسپورٽ ۽ ڪسٽم وارن نڪي گهڻو وقت ورتو، نڪي ڪي اسانکي تنگ ئي ڪيو. فرئنڪفرٽ هوائي بندر تي مون لاءِ ٽيليفون تي نياپو آيل هو ته مان مسٽر يوُجين ٽيلر کي وائزبادين شهر جي ”ناصرهاف“ هوٽل ۾، جتي هو لٿل هو، اَئي کيس وڃي گڏجان. وائزبادين شهر ڏي بس رستي ئي وڃڻ جو بندوبست هو. انهيءَ بس لاءِ مونکي ڪلاڪ

(٢)

وائز بادين (جرمني)
١٥ سيپٽمبر ١٩٦٦ع
پيارا دادا،

اسانجي طبي ڪانفرنس جي بيٺڪ هرروز صبح جو نوين بجي شروع ٿيندي آهي ۽ اِها شام جو ساڍي پنجين بجي تائين هلندي آهي. وچ ۾ ڏيڍ ڪلاڪ کن ماني ۽ ڪافيءَ لاءِ ڪانفرنس جي ڪارروائي بند ڪئي ويندي آهي. مسٽر ٽيلر منهنجي هتي پهچڻ کان اڳ ئي منهنجو نالو داخل ڪرائي، مون لاءِ ڪانفرنس جو پلو وٺي رکيو هو، جو هن مونکي پهرين گڏجڻ سان ئي ڏنو. جنهن گهر ۾ مان رهندي آهيان اُتي ٻيا چار ڄڻا پڻ رهندا آهن، جي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ئي آيل آهن. منجهانئن هڪ ڊاڪٽر اوير جرمنيءَ کان آيو آهي ۽ پنهنجي موٽر به ساڻ آندي اٿس. اسين چارئي ڊاڪٽر نيرڻ ڪري هنجي موٽر ۾ ڪانفرنس تي ويندا آهيون. باقي شام جو هرڪو پنهنجي سر گهر موٽندو آهي. مان اڪثر ٽئڪسيءَ ۾ گهر ايندي آهيان. هن ڪانفرنس ۾ نو ڪي ڏهه هندستاني شريڪ ٿيڻ لاءِ آيل آهن.

جئن ته سڄو ڏينهن ڪانفرنس تي گذري وڃي ٿو، سو گهمڻ جو وقت البت گهٽ ٿو ملي. هندستان مان به نوجوان جرمنيءَ ۾ چئن پنجن سالن کان ڪم ڪندڙ

ڪم اچي ويندءِ." پوءِ مسٽر ٽيلر مونکي ٽئڪسي پاري ڏني، جنهن مونکي اٽلي شريمتي آبرمن جي گهر وٽ لاٿو.

شريمتي آبرمن پنهنجن ٻن ٻارن سان گڏ رهندي آهي. سندس مڙس ڪانئس ڌار رهندو آهي. ان ڪري شريمتي آبرمن کي آجيوڪا لاءِ پاڻ پتوڙڻو پوندو آهي. شريمتي آبرمن سڀاءَ جي حد سٺي ۽ وڻندڙ آهي ۽ سندس گهر پڻ عمدو آهي. مون کان سواءِ وٽس ٻيا ٻه ڊاڪٽر پڻ مهمان طور رهيل آهن، جي پڻ مون وانگر خاص طبي ڪانفرنس لاءِ آيل آهن ۽ اڃا هڪ ٻيو ڊاڪٽر به سگهو اچڻو آهي. رات جي ماني کائي جڏهن آئي بستري تي وڃي ليٽيس ته هڪدم ننڊ ڪٽي ويئي؛ ننڊ به اهڙي گهري ۽ مٺي آئي جو صبح جو اُٿندي هيڏي مسافريءَ جي ٿڪ جي ريکا به نه رهي. وڌيڪ ٻئي خط ۾.

پيارن مان،

ڪملا

جو هر هنڌ منهنجون تصويرون پئي کينچيون اٿن. ڇا
رستن- سڙڪن-تي، ڪانفرنس ۾ اسانجي شان ۾ ڪيل
چانهه پارٽيءَ جي موقعي تي، منهنجي ڪن خانگي گهرن
۾ وڃڻ تي، ايتري قدر جو مان ته ڪڪ ٿي پيئي
آهيان. پر ورچان ٿي، جو اِهو اسانجي ديش جي شان
خلاف ٿيندو! شهر جي نگرواسين جيڪا اسانجي شان
۾ چانهه پارٽيءَ جي محفل ڪئي هئي اُتي مان ويئي
هئس ۽ اُتي جيڪو منهنجو فوٽو ڪڍيو ويو سو مونکي
مليو، جو جلد مان اوهان ڏي روانو ڪنديس. ساڙهين
۾ هتي جي ماڻهن جو ايترو ته چاهه آهي جو هڪ شام
جو ڪنهن انگريزي عورت مونکي پنهنجي گهر ۾ رات
جي ڪاني جو نوتو ڏنو، ڇاڪاڻ ته سندس دل هئي
ته مان کيس ساڙهي ٻڌڻ سيکاريان. هن انگريزي عورت
جي هڪ يوناني جوان سان شادي ڪيل آهي ۽ هو
هتي وائزبادين ۾ رهندا آهن. کين پنجن ورهين جو
هڪ پٽ به آهي. هو ڏاڍا سٺا ماڻهو هئا ۽ سندن
سنگ ۾ منهنجو وقت ڏاڍو سٺو گذريو. هن عورت
کي اِها ساڙهي جا هن پائڻ تي گهري سا ڪنهن هندستاني
ساهيڙيءَ وٽان سوکڙيءَ طور ملي هئي. مون سندس
ڪالي جي ليند کين ناڪاري ۽ کيس جڏهن ساڙهي
ٻڌي پوري ڪيم ته هوءَ خوشيءَ ۾ ڦولي نه پيئي سمائجي.
سندس گهوٽ پنهنجي ونيءَ کي هن نئين لباس ۾
ڏسي گدگد ٿيو. هن عورت مونکي ٻڌايو ته هنکي

آهن. هنن مونکي شهر ڏيکارڻ، جي ذميواري پاڻ تي هموار ڪئي آهي. ڊاڪٽر آنٽيا بمبئيءَ جو ناميارو Plastic Surgeon، جنهنجي سفارش تي مونکي آمريڪا ۾ وڏيڪ اڀياس ڪرڻ جو وجهه مليو آهي، سو پڻ ڪانفرنس تي آيل آهي ۽ هر روز مونکي اُتي گڏبو آهي. هن ڪالهه مونکي چيو، "ڪملا، فرئنڪفرٽ جو چڙيا-گهر Zoo ضرور ڏسج."

دادا، وائزبادين جو شهر نهايت اُڇو اُجرو ۽ عمدو شهر آهي. صفائي تہ جڻ هتي جي ميونسپالٽيءَ وارن کان سکجي. هيءُ شهر گلن ۽ گلزاريءَ ڪان ناميارو آهي. جيڏانهن نهار تيڏانهن قسمين قسمين گل پيا نظر اچن، جن ڏٺي تن توانو ٿيو وڃي. ۽ دل بهار بهار. هتي جا ماڻهو شاهوڪار ۽ شوقين، آسودا ۽ ڪلاونت پيا ڏسجن. سياءَ جا خاص وڻندڙ آهن. اوهان کي اچرج وڻندو تہ هتي جا ماڻهو پيئڻ لاءِ پاڻي ڪم ڪين آڻين. هو گهڻو تڻو بيرئي پيئن يا سوڊا، وغيره. مونکي فقط هڪ دفعو پيئڻ لاءِ پاڻي نصيب ٿيو آهي. بير تہ اڃا مون چکيو بہ ڪينهي. باقي سوڊا، وغيره ئي پئي ورتائي اٿم.

مون هتي ساڙهيون ئي پئي پاتيون آهن، جنهنڪري ماڻهن جون اکيون جهٽ اچيو مون ۾ کپن، ڇاڪاڻ تہ ساڙهي کين خاص پسند آهي. ساڙهي پهرڻ سبب سيڪو مونکي پريان ئي سڃاڻيو وٺي تہ آءٌ هندستاڻ آهيان. هتي جا ماڻهو ساڙهيءَ پٺيان اهڙا مست آهن،

(٣)

نيوُيارڪ (يوُ. ايس. اي)
٢٠ سپٽمبر ١٩٦٦ع

پيارا دادا،

مان نيويارڪ ۾ پهچي چڪي آهيان. پهچڻ شرط مون اوهان کي هتي سک سان پهچڻ جي تار ڪئي، جا اُميد ته پهتي هوندو.

اسان جو هوائي جهاز ڪينيڊي هوائي اَڏي تي شام جو ساڍي ڇهين بجي پهتو، هونئن ڪان ڪلاڪ دير سان، ڇو ته فرئنڪفرٽ مان نڪتوئي ڪلاڪ دير سان هو. اَسان هيل ساڍا اَٺ ڪلاڪ يڪي مسافري ڪئي ۽ وقت ڏاڍو مزي ۾ گذريو. اسان جو هوائي جهاز پئن آميريڪن ڪمپنيءَ جو جيٽ ڪلپر (بوئنگ ٧٠٧) هو، جو ڏينهن ڏني جو فرئنڪفرٽ مان نڪتو ۽ (ڪلاڪ ۾ پنج سؤ ميلن جي رفتار سان) ڌرتيءَ کان پنجٽيهه هزار فوٽ مٿاهون بنا ساهي پٽڻ جي زوُم مان اُڏامندو، شام ٽاڻي اچي نيويارڪ نڪتو.

هن نئين ملڪ ۾ پير رکڻ سان مٺت اَڌ مڇهيس ضرور. تنهن ڪري شايد ڪنڌ مٿي ڪٽي ڪيڏانهن نهاريم ڪين ۽ مان ميٽ ۾ هلندي هليس. اِتي اَوهان جا موڪلائڻ ويل آسيس يريا چيل اَکر ڪن ۾ پرڻ لڳا،

هندستان ڏسڻ ٿي ڏاڍي دل آهي ۽ هوءَ ٿوري ئي وقت ۾ ايڏانهن ايندي. مون انهيءَ تي ڪيس اوهان جي ائڊريس ڏني.

مون هتي پهچڻ تي اوهانکي تار ڪانه موڪلي جو دير ٿي چڪي هئي؛ ٻئي ڏينهن آرتوار هو ۽ مونکي خبر ڪانه هئي ته هتي آرتوار ڏينهن تار موڪلي سگهبي آهي يا نه ۽ نڪي ڪي خبر هيم ته تار ۽ ٽپال آفيس هئي ڪٿي. اوهان ڪي تار نه پهچڻ تي البت خيال ٿيو هوندو، پر مان لاچار هيس. نيويارڪ پهچڻ تي تار ضرور ڪنديس. مونکي اُميد ڪانه هئي ته اوهان جو ڪو هتي خط ايندو، جو نه اوهان ڪي هتي جي ڪانفرنس جو ڪو ڏس پتو هو ۽ نه مونکي ئي ڪا ڄاڻ هئي. انهيءَ ڪري ٻه ڏينهن ته مون ٽپال لاءِ ڪا ٻڇا ڳاڇا ڪانه ڪئي. ٽئين ڏينهن اندر واري ڇيو ته ڪانفرنس واري هنڌ تي جو خاص ٽپال آفيس کولي ويئي آهي ۽ هرڪو پيو اُتان پنهنجي ٽپال پڇي، سو باقي تون ڇو پوئتي پيئي آهين؟ وٽ ۾ وڌ ڪري ٽپال نه هوندي. سو مون به وڌي وڃي پڇيو ته منهنجي حيرت جي حد نه رهي جڏهن ٽپال ڪلارڪ توهان جو موڪليل خط آڻي مونکي ڏنو. پر جهٽ ۾ عجب ڪافور ٿي ويو جڏهن خيال ۾ آيم ته دادا ڪي اسانجو ڪيڏو نه هميشه اونو رهندو آهي ۽ هو اسان ڪي ڪيڏو نه ياڻيندا آهن.

خط البت وڏو ٿي ويو آهي، شايد انهيءَ ڪري جو اهو پهريون خط آهي. هاڻي وري نيويارڪ مان لکنديس.

پيارن مان، ڪملا.

لهي هيٺ ٿياسين ته منهنجي ساڙهيءَ کين اُتائين اطلاع ڏنو، ”مهمان اَچي ويو آهي.“ پشوءَ گهنشيام گهڻي قرب مان اچي گڏيا. پنهنجن سان گڏجي منهنجي دل به بهار ٿي. جڏهن ته رات پئجي چڪي هئي، تنهن ڪري هلياسين هوٽل ڏي پيٽ پوڄا ڪرڻ لاءِ. ماني کائيندي هڪ ٻئي کان احوال ورتوسين. اِتي رات جا ڏهه ساڍا ڏهه اچي لڳا، جنهن تي سامان کڻائي پشوءَ گهنشيام مونکي ”اِنٽرنيشنل هائوس“-”سروديشڪ گهر“ ۾، جتي ڪان چاچا جي دوست منهنجي رهڻ جو بندوبست ڪيو هو، اُتي ڇڏڻ آيا. ٻاهرين ديسن مان جيڪي به وديارٿي وڌيڪ اڀياس لاءِ هتي آمريڪا ۾ اچن ٿا، اُهي اڪثر طرح هتي ئي رهايا وڃن ٿا. اِنٽرنيشنل هائوس ۾ پهچي مون گهنشيام کي پاڻس جي سندس لاءِ ڏنل بدڙي ٻئگ مان برقت ڪڍي ڏني. اِها گهنشيام ۽ سندس ڪنوار پشوءَ جي پلائي ڇپي جو هو مونکي وٺڻ آيا هئا، پر مون وٽ اُن ويل ڪابه اهڙي شيءِ هٿيڪي ڪانه هئي جا کين آڇي، سندن شڪرادائي ڪريان. سڪتا شڪر مڃڻ سهڻو ڪين ٿي لڳو، سو پان جي مصالحي جو پڙيڪو، جو بئگ ۾ مٿان ئي پيو هو، سو ڪڍي ڏنومان ۽ ائين پت رهجي آئي.

مان ڪلهه طبي اِنسٽيٽيوٽ ۾ ويئي هيس، جتي منهنجو گهڻن ئي ماڻهن سان گڏجڻ ٿيو. ڊاڪٽر رسڪ، ڊاڪٽر اِسٽرئنس، ڊاڪٽر شاهاڻي ۽ سندس زال، وغيره.

”ساٿي ٿيندءِ ساڻ، وک هميشه اڳتي ئي وڌائيندي
رهج.“ پنهنجو پاڻ ڪنڌ مٿي ڪري ويو ۽ جان ڪٿي
نهاريان ته هڪ ماڻهن جو ميڙ، جن ۾ هڪ عورت به ٻئي
ڏني، سو مون طرف اشارا ڪري رهيو هو. البت عجب
لڳم ته هتي منهنجي سڃاڻپ وارو خاص ماڻهو ته آهي
ڪونه، اَلائجي ڇو اُهي ماڻهو مون طرف اشارا پيا ڪن!
جڏهن هڪ ٻئي جي ويجهو آياسين ته ڪين سڃاڻڻ ۾
دير نه لڳي- اَڙي، هيءُ ته پشوءَ گهنشيام ۽ سندن
دوست هئا.

گهنشيام کي اُوهانجو خط پهتو هو ۽ هوُ ۽ پشوءُ پنهنجا
ڪجهه ڊاڪٽر دوست ساڻ ڪري منجهند جو نيوُ جرسيءَ
کان نيويارڪ ۾ آيا هئا ۽ هوٽل ۾ ماني کائي اچي هوائي
اَڏي تي وينا هئا. هنن منهنجي جهاز جي گهڻيائي پڇا
ڳاڇا ڪئي، پر پتو ڪجهه به ڪونه لڳن، ڇاڪاڻ ته
جنهن جهاز ۾ مان نيويارڪ اچي رهي هيس سو خاص
طور پاڙيو ويو هو ۽ اِن ڪري اُن جي مسافرن جي
يادداشت جهاز ڪمپنيءَ کي بندر تي ڪانه موڪلي وئي
هئي. اِن سبب هيءُ هندستاني ڊاڪٽرن جو دستو،
جيڪو هوائي جهاز بندر تي اچي ٿي لٿو تنهنجي مسافرن
ڏي گهوُري نهاريندو ٿي رهيو ۽ جڏهن شام جو پاڇولا
ڊگها ٿيندا ٿي ويا، تڏهن سندن انديشو وڌندو رهيو ته
شايد ڪين نراس ٿي مهمان کان سواءِ گهر موٽڻو پوندو.
پر جڏهن ئي اَسانجو جهاز مقرر جاءِ تي اَچي بيٺو ۽ اسين

ڪانسواءِ مونکي اَڍائي سؤ ڊالرن جو چيڪ پڻ ڏنو ويو. ٻه سؤ ڊالر مسافريءَ جي خرچ بلي ۽ پنجاهه ڊالر جرمنيءَ ۾ مليل پئسن مان بچت رهيل.

دادا، توهانکي منهنجي ڪابه چنتا ڪرڻ نه گهرجي. سڀ ماڻهو سهنجا پيا لڳن ۽ سهنجائي ٿي هلندا.

پيارن مان،

ڪملا.

سيٺيءَ اُهڙي طرح گذريا، جڻ سالن کان هڪ ٻئي کي سڃاڻندا هئاسين. شهاڻي ڊاڪٽرن- مڙس ۽ زال- مونکي سڄي انسٽيٽيوٽ ڏيکاري ۽ پوءِ مونکي پنهنجي گهر وٺي هليا، جتي ماني کاڌيسين.

جڏهن ته کان چاچا جي دوست مسٽر کليمن فون تي ٻڌايو ڇڏيو هو ته مان ساڻس ڳالهايان، تنهن ڪري مون کيس فون ڪيو. هو ڏاڍو لائق ماڻهو ٿي لڳو. چيائين، ”مان توکي بندر تي وٺڻ اچي نه سگهيس، جو کان جو خط تنگ وقت تي مليم ۽ ڏاڍو ڏک اٿم جو اڳواٽ رکيل انگيجمينٽس رد نه ڪري سگهيس. توکي ڪوبه ڪم هجي ته بنا هٻڪ ۽ هٽڪ جي مونکي چئج.“ کان چاچا جي ٻئي سنگتيءَ مسٽر نائڪ سان به ڳالهايم. هوُ پڻ اهڙوئي رڄ مڙس ٿي ڏٺو جهڙو مسٽر کليمن. هن چيو، ”مان تنهنجو رهڻ جو بندوبست ڪريان ٿو. جي اهڙو سٺو بندوبست نه ٿي سگهيو ته پس پيش منهنجو گهر ته. هميشه تولاءِ کليل ئي آهي. منهنجي گهرواري ته. تو جهڙي ساهيڙي هٿ ڪري گدگد ٿيندي...“

پر طبي انسٽيٽيوٽ وارن اچ ٻڌايو ته مونکي ٢ آڪٽوبر کان گولڊ واٽر يادگار اسپتال ۾ ڪم تي چڙهڻو هو ۽ منهنجي رهڻ جو بندوبست پڻ هينئر کان ئي اُتي ڪيو ويو هو، فقط منهنجي وڃڻ جي دير هئي. تنهن

گهر جي لاڳيتو ڪين رهندي هئي... اڇا مونکي ڪين ٿو سڃاڻين؟" نانڪ گهڻوئي دماغ ڊوڙايو، اکيون مهٽيون، پر مونکي سڃاڻي نه سگهيو. آخر چيائين، "هن پرديس ۾ مونکي گهر جي ڀاتين ڪانسواءِ ڪو به منهنجي شخصي نالي سان ڪونه سڏيندو آهي، ڪين اُن جي سڌ به ڪانهي. تنهنجا ڏس پتا سڀ ٺيڪ آهن، پر پوءِ به پرولين ۾ ڇو پيئي ڳالهائين؟ پڇاڻ ڇو ڪين ٿي ڏين؟ جڏهن ايترو به ٿي چئين ته مان اوهان جي گهر به ايندو هوس ته آخر تون ڪنهن جي ڌيءُ آهين؟" جڏهن ٻڌايومانس، "پروفيسر..." ته چيائين، "بس، هاڻي سڃاتم. وڏا ڀاڳ منهنجا چئبا جو پروفيسر...... صاحب جي ڌيءُ سان هيئن گڏجڻ ٿيو اٿم." پوءِ ته مونکان ڏس پڇي ٻئي ڏينهن مون وٽ آيو ۽ پنهنجي گهر وٺي هليو. هو نيويارڪ جي ڪئينس يعني راڻي لتي ۾ سگهڙو رهندو آهي. هنکي ڏيڍ سال جو پٽ به آهي. گهر ۾ هلي پنهنجي ڪنوار سان ڏيٺ ويٺ ڪرايائين ۽ مونکي چيائين، "ڪڏهن به حجاب نه ڪج؛ هيءُ گهر جڻ تنهنجو پنهنجو گهر آهي. منهنجي ڪنوار توکي سڀ ڳالهه ۾ سهڪار ڏيندي. جيئن ته هوءَ هتي ڪجهه وقت رهي آهي، سو هنکي خبر آهي ته ڪفائت سان خريداري ڪيئن ڪجي. هوءَ تو سان گڏجي هلندي." نانڪ هاڻي اُهو نانڪ ڪونهي جيڪو اوهان ڏٺو هو. هو بدن ۾، ٻول ۾، ڳالهائڻ ۾، هر حال ۾ گهڻو بدلجي

(۴)

نيوُيارڪ،
۱۲ آڪٽوبر ۱۹۶۶ع
پيارا دادا،

اوهالجا خط سڀ مونکي پهتا ۽ اِتي جو واءُ سڻاءُ چڱيءَ طرح لڌم. ڏسڻ ۾ تو اچي ته اوهانکي منهنجي اچا چڱي چٺا آهي، جيتوڻيڪ مون اوهان کي لکيو آهي ته هتي جا ماڻهو جن سان منهنجو گڏجڻ ٿيو آهي سي سڀ چڱا ماڻهو آهن ۽ ڪنهن به قسم جي واهر ڪرڻ کان اصل نٿا نٽائين. هاڻي ته مون ڏڪڙو اهڙو ماڻهو ڳولي لڌو آهي، جنهنجي خبر ٻڌي اوهان جي مون بنسبت ڳڻتي بنهه لهي ويندي.

ڪجهه ڏينهن ٿيا ته مان هڪ ديسي فلم ڏسڻ ويئي هيس، جا ڪولمبيا وشو وديالیہ جي هندستاني وياڳي هلائي هئي. اُتي اِنٽرول ۾ ٻاهر آيس ته منهنجي هڪ ماڻهوءَ تي نظر چڙهي. مون کيس هڪدم سڃاتو ۽ سندس ويجهو ويس، کيس سڏيم، ”نانڪ“. هن ڪنڌ مون طرف ڦرائيندي وائڙن جيان مون ڏانهن نهاريو ۽ پڇيائينم، ”تون ڪير آهين؟ سڃاڻپ ته ڏي؛ مونکي ڪيئن سڃاڻين؟“ چيومانس، ”تون ڪلياڻ ڪئمپ ۾ ڪين رهندو هئين؟“ چيائين، ”ها، پر تون ڪير آهين؟“ سڀ ڏس پتا ڏنامانس، ”منهنجي ماسي گل تنهنجي

ڪا ٽپال يا تار آفيس ۽ نه وري ڪا ٻئنڪ ئي آهي. هتان جلد جلد ٻسيون هلن ٿيون جي ٻيٽ جي ماڻهن کي ٻنا خرچ نيويارڪ شهر ۾ چاڙهي ٿيون ۽ وري کين واپس پڻ وٺي اچن ٿيون.

مونکي صبح جو اٺين بجي کان شام جو ساڍي ڇهين تائين ڪم ڪرڻو آهي. پر منجهند ڌاري منهنجو ڪم اُڪلي ويندو آهي، جنهن ڪري مان اَڌ ڏينهن شهر ۾ ڪنهن ڪي ٻه گڏجڻ، يا طبي مرڪز ۾ ليڪچرن يا خريداري ڪرڻ ۾ صرف ڪري ٿي سگهان. اِهو ڪم جو وقت ۽ اِها اَڌ ڏينهن جي سهوليت مونکي هن اسپتال جي وڏي ڊاڪٽر، مسٽر ڊ ٽشيو ڪري ڏني آهي، جنهن مونکي هن اسپتال ۾ ڪم ڪندي ڪنهن قسم جو اهنج يا ڪا اوچڻ نه ٿئي. هن اسپتال ۾ ڪو خاص گهڻو ڪم ڪونهي. منهنجي نظرداريءَ هيٺ چاليهه بسترا (Beds) آهن، جن مان فقط پندرهان يا ويهه مس والاريل آهن.

منهنجي ڪوٺي مون لاءِ ڪافي آهي ۽ ڪند پاسيري آهي، جتان سمنڊ هميشه پيو نظر اچي.

هيءَ اسپتال مون لاءِ چڱي ڪفائتي آهي، جو نه ڪوٺيءَ جي ڪا مسواڙ ٿي ڀريم ۽ نه وري ڪاڏي لاءِ ئي ڪجهه ڀرڻو ٿو پوي. سڄو الائونس لجو پاڻ تي خرچڻ لاءِ بچئہ ٿو پويم. باقي هيءُ ٻيٽ شهر جي ڀيٽ ۾ البت ٻسو ۽ سڄو پيو لڳي. هتي جهولين قتل جاين ۾ چون

ويو آهي. سندس ڪنوار پڻ تمام سٺي آهي. مونکي هڪدم پنهنجو اوور ڪوٽ ڪڍي ڏنائين ۽ چيائين ته جيسين تون پنهنجو وٺين، تيسين منهنجوئي ڪم آڻ. ٻئي ڏينهن تي مونکي ناٽڪ ۽ سندس ڪنوار پنهنجي موٽر ۾ نيوجرسيءَ ۾، جا نيويارڪ جي ڀراڙي يا پسگردائيءَ ۾ آهي، آئي وٺي هليا ۽ ٻڌايائون ته هتي شيون نيويارڪ جي ڀيٽ ۾ سٺيون ۽ چڱيون سستيون ملنديون آهن. ٻئي دفعي هوُ مونکي ڪولبي بيٿ اسپتال ۾ پنهنجي ڊاڪٽر دوست وٽ وٺي هليا، پر ڊاڪٽر هوئي ڪين. تنهن ڪري اسپتال جي ڪڏ تي چڙهي وياسين، جتان بجلي بتين جي جهرمر جي تجلي ۾ نيويارڪ جون مکيه جايون ڏٺيوسين - انتر راشٽريه قومي منڊل جو دفترخانو، ڪينيڊي هوائي اڏو، ناميارون هوٽلون، وغيره. هاڻي ته بس. ناٽڪ کي ڳولي لهڻ ڪانپوءِ سچ پچ توهان کي منهنجي اينٽري اون ڪرڻ جو ڪو به سبب ڪونهي.

مونکي جنهن اسپتال ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليو اٿن اها هڪ ٻيٽاريءَ تي آهي، جا نيويارڪ شهر سان هڪ پل رستي ڳنڍيل آهي ۽ اها شهر جو حصو ڪري ليکي وڃي ٿي. هن ٻيٽاريءَ تي گولڊ واٽر يادگار اسپتال ۽ اُنجي نرسن لاءِ گهر، ڌوٻي گهاٽ ۽ هڪ ٻه ٻي جهوني جاءِ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪينهي، ٻي خير صلاح لڳي پيئي آهي. هتي ڪي به دڪان ڪينهن، لکي کي

(٥)

نيويارڪ،
١٦ نومبر ١٩٦٦ع

پيارا دادا،

اوهانجا خط ۽ ڏياريءَ جي واڌاين جو ڪارڊ مڙيئي پهتا. تنهن کان سواءِ گوپال، نمو، ببي ۽ موتيءَ جا ڏياريءَ جا ڪارڊ پڻ مليا. مون پڻ بروقت اوهالکي پنهنجون شيءِ اچائون موڪليون، جي ڪ اٿم ته اوهان کي وقت سر پهتيون هونديون.

مونکي پؤنا چار سو ڊالر، جئن توهين چوندا آهيو، پهرين تنخواه طور مليا. مون سمجهيو ته اهو سڄي آڪٽوبر مهني جو پگهار هو، پر جڏهن جهٽ ۾ ٻيا ٻه سؤ ڊالر به مليا، تڏهن خبر پيم ته پهريان مليل پئسا فقط ٽن هفتن جي پگهار بابت مليا هئم. هونءَ عام طور پگهار هر ٻي هفتي ملندو آهي، جئن هينئر مليم.

مون سياري جي ٿڌ کي منهن ڏيڻ جي سانباهي ۾ پنهنجي لاءِ اوورڪوٽ، سئيٽر، دستانا، ٻ گها جوراب، برفانا بوٽ، ڪجهه وڏا ۽ وسنتر، ڪجهه پائڻ لاءِ پوشاڪون ورتيون آهن. نانڪ جي ڪنوار ۽ مس ايراني جا پڻ هتي اسپتال ۾ ڪم ڪندي آهي، انهن ٻنهي مونکي خريداري ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. مان جا اُچا نئين آهيان، سو مونکي پوري سڌ ڪالهي ته ڪٿي ۽

ڻا نه پوتن جو واسو آهي، جنهن ڪري سڄ لٿي کان پوءِ ٻاهر ڇڏو نڪرڻو آهي.

سومر ڏينهن ڊاڪٽر پلا گڏيو. منهنجي هتي اچڻ کان اڳ، ڪان چاچا ڊاڪٽر پلا سان گڏيو هو ۽ ٻڌايو هئائينس ته مان هتي جلد اچڻ واري آهيان. ڊاڪٽر پلا مون واري طبي علاج مرڪز ۾ ڪم ڪندو آهي. هُو مونکي پنهنجي گهر مانيءَ تي وٺي هليو. هُو ڪئنيبڊين ڇوڪريءَ سان پرڻيل آهي. هوءَ هندستاني کاڌو تيار ڪري سگهي ويئي آهي ۽ پنهنجي ڇهن ورهين جي پٽ کي ويشنو کاڌي تي هيريو اٿس. گوشت مڇي ته اصل ڪونه کارائينس، فقط ڪڏهن ڪڏهن بيدو ڏيندي اٿس. انهيءَ رات هن پن گوبي ۽ چٽا چاڙهيا هئا ۽ واڱڻن ٽماٽن جي ڀاڄي ڪئي هئي. هنکي پوريون ۽ ڦلڪا پڻ خاص وڻندا آهن ۽ سٺا ٺاهيندي آهي، جيتوڻيڪ انهنکي ويلڻ ڪرڻ ۾ کيس ڇگو وقت لڳندو آهي. ٻئي زال مڙس سياءَ جا وڻندڙ آهن.

مان هاڻي سمجهي سگهان ٿي ته جرمنيءَ مان موڪليل منهنجو لفافو اوهان کي ڇو ڪين پهتو. چاڪاڻ ته مون اُنتي جرمنيءَ جون تازيون ڪڍيل ۽ وچتر ٽڪليون لڳايون هيون، جنکي ڦبائڻ لاءِ مورڳو لفافوئي گم ڪيو ويو تو ڏسجي. وڌيڪ ٻئي دفعي.

پيارن مان،

ڪملا

جي عمدي پتل جي چٽسالي سامان جو نماءُ ڪيل هو.
اُتان تِي مسز ڪليمن مونکي لنڪن سينٽر ۾ سنگيت، ناچ ۽ ناٽڪ گهر ڏيکارڻ هلي، جو وچهڙائيءَ ۾ئي تيار ڪيو ويو آهي. اُنکي ڪلئي سال ڪن مس ٿيو هوندو. پوءِ سندس دل هئي ته هلي ڪٿي هندستاني کاڌي جو سواد وٺجي. ڪيس هندستاني کاڌي جو ڏاڍو شوق آهي. سو لنگهي وياسين "هند-سيلان سراءِ" ريسٽارنٽ ۾. اُتي پلاءُ ۽ ڪباب کائي پيٽ پري، گهر موٽياسين.

اِتي جي ڪهڙي خبرچار آهي؟ ڪهڙو واءُ سڻاءُ آهي؟ هتي جي اخبارن ۾ هندستان جون خبر ڪي خبرون ڏنيون وينديون آهن ۽ جڏهن وري ڪجهه ايندو به آهي ته گهڻي ڀاڱي اِهو اڌورو ۽ واهيات ئي هوندو آهي. مثال طور گئوڪوس ۽ ريلوائي حادثن جون خبرون ڏينديا يا وري هفتي جي هر ڏينهن تي ڏساسوان جا طرف جاٽائيندا، جنهن مان اِئين پيو سمجهبو ته جيئن ته هرروز ڪونه ڪو ڏساسول آهي ئي آهي. تنهن ڪري بهتر ٿيندو ته گهر ۾ ويٺو رهجي، باهر اصل نه نڪرجي! ٽي وي تي پڻ ساڳيو قصو لڳو پيو آهي. رڳو ڏڪارن، ٻوڏن، مورچن، وغيره جا ئي درسن ڪرايا ويندا آهن. بس پوءِ ته صبح ساڻ سيئي جي سوالن جي ڌم شروع ٿي ويندي آهي. نرسون جدا، ڊاڪٽر الڳ ۽ خود مريض پڇهڻي سر پڇندا- اَسانجي ديش جي پيٽڪر دردشا جا پردي تي ياچولا ڏسي

ڪيئن ڪفائتي طرح خريداري ڪجي. هُوَ ڪجهه عرصي کان هتي رهندڙ آهن، تنهن ڪري سندن واقفيت جو فائدو وٺڻ واجب سمجهيم. هنن وڏي خوشيءَ سان منهنجي واهر ڪئي. مون به هتي خريداري ڪرڻ جو هاڻي ڇڱو ڏانءُ پرايو آهي.

سياري جي آجيان ۾ هتي گهڙيال ڪلاڪ پٺيان ڪيا ويا آهن- سچ پچ لڳا پنج هوندا آهن ته هتي جا گهڙيال ڇهه بجا ڏيکاريندا آهن. اِن ڪري جيتوڻيڪ بمبئي ۽ نيويارڪ جي وچ ۾ حقيقت ڪري ساڍا نون ڪلاڪن جو تفاوت هوندو آهي ته اُن بدران هاڻي ساڍن ڏهن ڪلاڪن جو تفاوت ٿيندو. هونءَ جڏهن بمبئيءَ ۾ رات جا ساڍا نو هوندا آهن، تڏهن نيويارڪ ۾ ڏينهن جا ٻارهان لڳا هوندا آهن؛ پر هاڻي ڪلاڪ پٺيان هٽائڻ ڪري هتي جا گهڙيال ڏينهن جا ٻارهان ڏيکاريندا. سياري ۾ هتي سج جلد لهي ويندو آهي، جنهنڪري پنجين بجي اونده ٿيو وڃي. آفيسن ۾ ڪم ڪرڻ جا وقت ڦيرائڻ بدران مورڳو گهڙيال ڪلاڪ پٺيان ڪري ڇڏيندا آهن. اِهو طريقو هتي جي ماڻهن لاءِ وڏيڪ سهوليت ڪيو ڇڏي.

ڪان چاچا جي سنگتيءَ مسٽر ڪليمن مونکي فون ڪيو هو. سندس ڪنوار سان مان وقت ۽ ڏينهن مقرر ڪري شهر جي نظاري ڏسڻ لاءِ ويئي هيس. اُسين پهرين ايشيا هائوس ۾ ويئاسين جتي هندستان

(٦)

نيويارڪ،
٢٥ ڊسمبر ١٩٦٦ع
پيارا دادا،

خط توهانجا پهتا. پڙهي اُتي جو احوال معلوم ڪيم ۽ خوش ٿيس تہ توهين سڀ مزي ۾ آهيو. مان پڻ ٺيڪ آهيان ۽ وقت مزي ۾ پيو گذري. مان برابر نيويارڪ کان اَلڳ هڪ ٻيٽاريءَ تي ڪم ڪري رهي آهيان، پر اُباڻڪائي تہ اُباڻڪائيءَ جي ماڳ، مور ڳو واند ڪائي ۽ اڪيلائي بہ ڪڏهن محسوس نٿي ڪريان. اِلهيءَ جو مؤل ڪارڻ اِهو آهي جو هتي جا ماڻهو ڪا اَصل ڪينهن، هو تمام رلڻا ملڻا آهن. اِنسان ذات سان هنجي ايڏي تہ همدردي آهي جو هو ڪنهن سان بہ واقف ٿيڻ ۾ ويرئي ڪين ٿا ونن. مان ڊاڪٽر مس آلبا جي هيٺان ڪم سکندي آهيان. هوءَ کهڙي نہ سباجهي آهي- هن جو آءَ ياءُ کهڙي بہ اڪيلي اُباڻڪي آدميءَ کي منٽن ۾ پنهنجو ڪري، مزي ۾ آڻي ڇڏي. تنهن کان سواءِ ڪان چاچا جا سنگتي- ڪليمن، نائڪ، گولڊ اِسٽائين، بيلس، وغيره مونکي ايترو تہ گهرن ٿا، جڻ مان سندن گهر جي ڀاتڻ آهيان! ويتر نانڪ ۽ سندس ڪنوار جو گڏيا اُتي، سو وقت ڪڏهن بہ وڌي ڪين پويم. ڪجهہ ڏينهن ٿيا تہ هنن مونکي نيو اِنگلنڊ جي رنگين

ڪانئن پنهنجا درد وسري ويا هئا. هو اوهان جي سنڌ جي ماڻهن جي سهائتا لاءِ تيار ٿيو وڃن!! هو فقط منهنجي ”ها“ لاءِ ترسيل هوندا آهن ته هنن جيڪي ڏنو هو، سو سچ هو. مان سمجهان ٿي ته هيءَ جيڪي اسان جي ديس بنسبت هتي ڏيکاريو ٿو وڃي سو راجنيتي ڪيڏي آهي. اِن ڪري هنن جي همدردي پرکڻ جا واجب ۽ عمدا اُتر ڏيڻ لاءِ ”انڊين نيوز“، هر جمع تي پارٽي ايلچيخاني مان نڪرندڙ هفتيوار گهرائڻ لاءِ واشنگٽن لکيو آهي.

مان بلڪل نيڪ آهيان ۽ اُميد ته اوهين ۽ ٻيا گهر جا ڀاتي پڻ خوش باش هوندا. ممي ۽ نانيءَ جو احوال ڏيندا رهندا. وڌيڪ سڪ.

پيارن مان،
ڪملا.

ويو هو. ڪالهه پڻ خوب برف وسي. مان جڏهن ڪم تان موٽي رهي هيس تڏهن برف چالو ٿي، سا سارو ڏينهن ۽ سڄي رات وسندي رهي تانجو اڄ صبح تائين هلي. مان ڪالهه ناتڪ جي گهر ويئي هيس. برف تان بند ڪرڻ ۾ مونکي ڏاڍو مزو آيو. تنهن خاص ڪانه هئي ۽ برفاني بوٽ سان برف مٿان هلڻ بلڪل ئي آسان هو. رات جو برفاني طوفان لڳو هو. هوا سوسات ڪندي پئي لڳي ۽ برف زور سان اچي ٿي درين جي شيشن ۽ جاين جي ٻاهرين پٽين سان ٽڪري، جنهن ڪري خوب آواز پئي ٿيا. پر طوفان ڪو خاص نقصان ڪونه ڪيو. ناتال جي رات جي ماني مون ڊاڪٽر ڊيتز وٽ کاڌي. هن مونکي ڪاني جي خاص نيڊي ڏني هئي. برف ۾ تنهن ڪان مٿو بچائڻ لاءِ مان پنهنجو تازو خريد ڪيل هندستان جو ريشمي رومال ٻڌي ويئي هيس. انهيءَ رومال تي زريءَ جو ڪم ٿيل هو. رومال جي ڪناريءَ تي چوطرف زري ۽ سڄي تر تي زريءَ جا گل پيرايل هئا. اهو رومال ڊاڪٽر ڊيتز جي زال ۽ ڀيڻ ڏٺي کي ڏاڍو وڻيو.

دادا، اوهانکي ٻڌي خوشي ٿيندي ۽ اچرج پڻ لڳندو ته جڏهن ته مونکي هن اسپتال ۾ ٻيا ٻه ٽي مهنا ڪم ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي ته ان سان گڏ مونکي ائين پڻ چيو ويو ته مان هڪ رواجي اسپتال ۾ رهندڙ ڊاڪٽر بدران اسپتال ۾ سيني رهندڙ ڊاڪٽرن جي مٿان ٿي

آبشار جي سير تي هاڻ جو نوتو ڏنو. ٻڌو هوم تہ اهي آبشار موسم ڦرڻ مهل وڌيڪ موهيندڙ لڳندا آهن. سو موقعو موزون ڄاڻي آيو هو. بهار مان بدلجي سيارو ٿي رهيو هو. تنهن خاص ڪاڻ هئي، پاڻ مزو پئي آيو. آبشار بيشڪ موهيندڙ هئا. اِنسان پنهنجي اَڏاوتن تي خوش ٿئي ۽ ڪڳهون ماري، پر قدرت جي هوُ ڪڏهن بہ شهہ ڏيئي نہ سگهندو! منهنجو لنڪن سينٽر ۾ وري وڃڻ ٿيو، جو اُتي سنگيت جو آرڪيسٽرا پروگرام هو، جنهن لاءِ ٽڪيٽون مليون هيم. لانڪ ۽ سندس ڪنوار مون سان گڏ هليا. پروگرام لاشڪ وڻندڙ هو. اسانکي ڏاڍو مزو آيو. اَهڙيءَ طرح آهستي پيئي نيويارڪ جو اُتاھ نگر ڏسان. هيءَ فل هارمونيڪا وارن جو سنگيت هال شاهي هال آهي جنهن ۾ هڪ ئي مهل اَڍائي هزارن کان مٿي ماڻهن جو بندوبست ڪيل آهي. منهاٽن ۽ ڪئينس جا بہ علائقا گهڻي ڀاڱي گهمي ڏسي چڪي آهيان.

دستوري طرح سيارو هتي گذريل مهني کان چالو ٿي چڪو آهي، پر سياري جي پهرين سوغات گذريل سومر تي ئي نصيب ٿي. هن مند جي پهرين برف رات وڳڙي ڪرڻ شروع ٿي، پر مونکي اُن جو پتو اَصل ڪين پيو، ڇاڪاڻ تہ اُن ويل هرڪو پنهنجي گهر اندر آرامي هو. صبح جو جان ڪٽي ٻاهر نهاريان تہ اَڇ ئي اَڇ لڳي پيئي هئي. سڀ هنڌ برف ڇانئي پيئي هئي، هرطرف سڀ ڪجهہ برف هيٺ ڍڪجي ويو

(٧)

نيو يارڪ،
٢٥ فيبروري ١٩٦٧ع

پيارا دادا،

اوهانجو خط پهتو. پياري ياپيءَ (ناني) جي پرلوڪ پڌارڻ جو پڙهي ڏاڍو ڏک ٿيم. ويچاري ممي ته ڏاڍي اڪيلي ٿي پوندي. ياپي اسان سان هيترا سال گڏ رهي ۽ جڏهن توهين ۽ اسين پنهنجي ڪم تي گهران نڪري هليا ويندا هئاسين، ته ممي‌ءَ کي اهوئي آٿت هوندو هو ته ياپي ويٺي آهي. توڻي ڪٽي ياپيءَ کي ڪيترن سالن کان نوٽ به ڪانه هئي، تنهن هوندي به هوءَ ڪٽ ته چتائي ويٺي هئي، اهوئي ممي‌ءَ لاءِ وڏو آسرو هو. تنهن ڪان سواءِ مائٽ ته هر ڪنهن کي مِنا آهن. هرڪو مائٽن تي ئي ڪڏي ٿو؛ سوئي ممي، جنهن کي هونءَ به مائٽ آهن گهاڻ گهٽيا، آڱرين تي ڳڻڻ جيترا، تنهنجي جي ماءُ جيجل موڪلائي ويئي ته ڪيس ته وڏو ڏڪو اچي ويو هوندو. مون ڪيس جيتوڻيڪ پرچاڻيءَ جي چٺي لکي آهي ته به ڪ سان چئي نٿي سگهان ته سڀ ڪجهه ٺيڪ لکيو اٿم يا نه، ڇو ته اهڙن ڳالهين ۾ اجا نه جڻ اڄاڻائي آهيان. ڪيس دلداري ڏجو ۽ مونکي پڻ ترت احوال ڏجو ته ممي ماءُ جو مرتيو ڪيئن ٿي وٺي. سنيال ڪجوس جئن دل تي ڏڪاءُ نه پويس.

ڪم ڪريان. هيءَ اڄ ٻڌي مونکي خود عجب لڳو.
مون ملبل اڄ في الحال ڪانهِ قبولي ۽ اِهو عذر ڏنم
تہ مان اَڃا ”نئين“ آهيان - مونکي هتي آئي فقط ٽي
مهنا تہ ٿيا آهن؛ تنهنڪري ڪين اِها اڄ ڪنهن وڌيڪ
آزمودگار ڊاڪٽر کي ڪرڻ جڳائي. پر وڏي ڊاڪٽر
جو چوڻ هو تہ ڪين منهنجو ڪم ايترو تہ پسند هو، جو
صفا هن اِنهيءَ پد لاءِ مونکي اُئي لائق ٿي سمجهيو. مون
ناڪار ڪانہ ڪئي ٿي مان؛ مون ڪين ڪجهہ وقت ترسڻ
لاءِ چيو آهي. پر سچ تہ مونکي اِنهيءَ عهدي کڻڻ جو
ويچار ٻنهہ ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ ڪيترا ڊاڪٽر هتي ڳچ
مدت کان ڪم ڪندڙ آهن، اُنهن تي مون سيڪرات
ڊاڪٽر لاءِ ضابطو رکڻ ڪافي ڪٺن ٿيندو. اِن ڪري
انتظام ۽ جوابداريءَ جي خيال کان مون لاءِ اڄيل عهدو
قبولڻ، منهنجي خيال موجب، هڪ ڀل اُئي ٿيندي.
وڌيڪ سک.

پيارن مان،
ڪملا.

دلپسند ڪم ڪري رهي آهين. اِها ڳالهه ڊاڪٽر رسڪ ٻيو نه ته پنج ڇهه دفعا ورجائي.

ٿورا ڏينهن ٿيا ته هتي هڪ رات جو برف جو اهڙو طوفان لڳو جو صبح جو اُٿڻ سان جيڏانهن نهار تيڏانهن اَڇ ئي اَڇ. ٻارهن اِنچ ته واهه جي برف پيئي هئي. رستا ۽ پيچرا سڀ برف سان ڇانيا پيا هئا ۽ گهر کان ٻاهر نڪرڻ مشڪل هو. اڃا به ڪڏهن ڪڏهن برف پوي پيئي.

مان هيءُ خط خاص طور اِنهيءَ ڪري لکي رهي آهيان جو منهنجي مرضي آهي ته اوهين سڀ بنا دير ماتا جا ٽڪا ڏياريو. مونکي اِتان تازو ڊاڪٽر آيرَ وٽان چٺي آئي آهي، جنهن ۾ لکيو اٿس ته بمبئيءَ ۾ ماتا وڌي ويئي آهي. تيستائين ترسي ويهڻ جيستائين ماتا پاڙي ۾ منهن ڪڍي، سو بلڪل خطري ڀريو ٿيندو. اَوهان سڀني ڀلي اڳئين سال ڇو نه ڪٿي ٽڪا ڏياريا هجن، ته به اوهان لاءِ نئين سر ٽڪا ڏيارڻ ضروري آهن، ڇاڪاڻ ته شهر ۾ ماتا نئين سر پکڙجي رهي آهي. خاص طور مميءَ کي هيءَ ڳالهه سمجهائجو ڇاڪاڻ ته ڪيس اِهوئي ويچار آهي ته جئن ته هن ننڍي هوندي ماتا لڳائي آهي تنهنڪري ڪيس ٻيهر ٿي نٿي سگهي. ماتا جي ور ور ڪري ٿيڻ جا گهڻيئي مثال هيڏهن پڻ ملندا. تنهن ڪري ٽڪا ڏيارڻ سڀني لاءِ بلڪل ئي ضروري آهن. مونکي جلد خبر ڏجو ته اَوهان ٽڪا ڏياريا ڪين نه. وڌيڪ سڀني لاءِ پيار.

پيارن مان، ڪملا.

مان وري به کيس لکنديس. ممي پاڻ به سمجهو آهي. تنهن ڪانسواءِ توهين جو وينا آهيو ته اوهانجي همدرديءَ سان هوءَ هيءُ صدمو سهاري ويندي.

ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي ته مونکي ٽي مهنا ٻيا به هن اسپتال ۾ ئي ڪم ڪرڻو پوندو. نئين سال شروع ٿيڻ کان جلد پوءِ اسانجي ڪاتي جي وڏي ڊاڪٽر، ڊاڪٽر هاورڊ رسڪ مونکي ۽ مون جهڙن ٻين اڀياس ڪندڙ ڊاڪٽرن کي پنهنجي گهر ڪاني تي گهرايو. هوُ پنهنجي ڪم ۾ دنيا ڀر جي ماهر ڊاڪٽرن ۾ مکيه ڪري شمار ڪيو ٿو وڃي. سندس زال پڻ ڏاڍي وڻندڙ آهي. هيءُ ٻيو دفعو هو جو مان کيس گــڏيس. ڊاڪٽر رسڪ کي هڪ پرڻيل ڌيءُ پڻ آهي، جا گهوٽ سوڌي ڪاني تي آيل هئي. ڪاني تي گهڻائي وڏا ماڻهو پڻ آيل هئا، جنسان هوند منهنجو ڪڏهن به گڏجڻ ڪين ٿئي ها. جيتوڻيڪ ڪانو چڱي دير توڻي هليو، تــه به جهجهو مزو آيم، ڇو جو طعامن جي سواد کان وڌيڪ قسمين قسمين ماڻهن سان گڏجڻ مسجڻ جو لطف نصيب ٿيو. ڊاڪٽر رسڪ سان نويڪلو ڳالهائڻ ٿيو. هن چيو ته مونکي ڏاڍي خوشي ٿي ته مون توکي آميرڪا ۾ وڌيڪ اڀياس ڪرڻ لاءِ چونڊيو هو. جڏهن اسپتال ۾ تون ڪم ڪري رهي آهين اُتان وقت بوقت مونکي تنهنجي ڪم بنسبت رپورٽون ايندڙيون رهيون آهن، جن مان ظاهر ٿــو ٿئي ته تون

لاءِ ٽيليفون ڪنيم ته گوپال بدران دادا جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. اُوهانجو آواز مونکي بلڪل چٽو ٻڌڻ ۾ آيو. اِئين سمجهيم جڻ هتي اُي ويجهو ڪنهن سان ڳالهائي رهي هيس. توهان کي منهنجو آواز ڪيئن لڳو؟

مون ڪنهن خاص مطلب سان اوهان سان ٽيليفون تي ڳالهائڻ ٿي چاهيو. مون مميءَ جي ناليِ اوهانکي چيڪ موڪليو هو، پر اوهان وٽان اُنجي ڪابه پهچ مونکي ڪانه آئي هئي. جڏهن ته انهيءَ ڳالهه کي چڱو وقت ٿي ويو هو، تنهن ڪري مون اوهان کان انهيءَ بنسبت ٽيليفون تي پڇڻ ٿي چاهيو. مون ته ٻ ٽو ڀ ڪري هتي جي بئنڪ کي منع ڪري ڇڏي ته پئسا نه ڏجو. تنهن ڪري انهيءَ باري ۾ اسان جي سڀ جوابداري پوري ٿي. پر ماڻهن جا حال ته ڏسو. هتي جي بئنڪ ڪجهه ڏينهن ٿيا ته مونکي اطلاح ڏنو ته موڪليل چيڪ مٽايو ويو هو! چيڪ تي مميءَ جي جڙتو صحيح ڪئي ويئي هئي، جڏهن چيڪ تي نالو لکيل هو، ۽ اِهو چيڪ موهن شاهه نالي ڪنهن ماڻهوءَ جي کاتي ۾ جمع ڪرايو ويو هو!! ارمان جي ڳالهه آهي ته اسانجا ماڻهو ڪيتري قدر نه ڪري چڪا آهن. اوهين جي پوليس ۾ دانهن داخل ڪريو ته اِهو موهن شاهه هوند ڪهڙي نه آهيءَ ۾ اچي وڃي. عزت خاڪ هڪ طرف؛ رقم ڪان وڌيڪ ڏنڊ جي چٽي ٻئي پاسي! خير، مونکي بئنڪ هن باري ۾ وڌيڪ ڪجهه ڪين لکيو جو

(٨)

نيو يارڪ،
٢٧ اپريل ١٩٦٧ع

پيارا دادا،

خط توهان جا سڀ پهتا اٿم. پڙهي خوشي ٿيم ته توهين سڀ خوش آهيو. مان هتي بلڪل مزي ۾ آهيان. اوهان کي جڏهن ٽيليفون تي سڏ ٿيو ۽ اوهانکي ٻڌايو ويو ته اوهان سان نيويارڪ مان ڪو ماڻهو ڳالهائڻ ٿو گهري، ته اوهان ڇا سمجهيو؟ عجب البت ضرور لڳو هوندو. مون چنچر ڏينهن نانڪ جي گهران آرتوار لاءِ ٽيليفون تي ڪال (Call) بڪ (Book) ڪيو. آرتوار صبح جو مونکي ٻڌايو ويو ته جنهن ماڻهوءَ جو مون نمبر ڏنو هو سو بمبئي ٽيليفون وارن ڪان ڪين ٿي لڌو. اڄا اڌ ڪلاڪ مس نبريو ته ٽيليفون تي ۽ ڇپائون ته ماڻهو جنهنجي گهر ٽيليفون ڪرڻي هئي سو ته لڌو آهي، پر جنهن خاص ماڻهوءَ سان مون ڳالهائڻ ٿي گهريو سو ان مهل گهر ۾ ڪونه هو. پوءِ ڇپائون ته گوپال آهي، جي اُن سان ڳالهائڻ چاهين ته بمبئيءَ وارن کي اِطلاع ڏيون. اِنهيءَ تي دل ۾ چيم ته ڳالهائڻ ته دادا سان ٿي گهريم، پر جي وڏو ڀاءُ وينو آهي ته اُن سان ئي ڪٽي ڳالهايان - گهر سان مڪاميلو ته ٿيندو نه! پر منهنجي خوشيءَ ۽ حيرت جي حد نه رهي جڏهن جئن ڳالهائڻ

ڏينهن روز موافق ڪم ڪيو هوسين، متان جو سڄا سارا پنج ڪلاڪ بس جي مسافريءَ ڪرڻي پيئي، تنهن هٿئي ٿڪائي وڌو. تنهن ڪري جئن ئي هوٽل هلٽن، واشنگٽن جي عاليشان هوٽل ۾ ڪوٺي مليءَ ڪپڙا مٽائي بستري تي اچي ليٽيس ته ننڊ ڪٽي ويئي. اک تان پٽي جڏهن صبح جي سئر جي تياريءَ جو اطلاع مليو.

سئر تي سويل ئي نڪرڻو هو جو پهرين پهرين آمريڪا جي پريزيڊنٽ جي محل "وائيٽ هائوس" جو ديدار ڪرڻو هو. جيتوڻيڪ پريزيڊنٽ جانسن اوڏي مهل جيڏي مهل اسين اُتي پهتاسين پاڻ حاضر ڪين هو، ته به سندس گهر گهمندي اسانکي نهايت ئي مزو آيو. نه رڳو گهر ڪشادو هو، پر هرڪا شيءِ پنهنجي جاءِ تي زيبائتي رکيل هئي. وائيٽ هائوس جي صفائي ۽ سجاوت ڏسڻ وٽان هيون. اُتان تي اسين آمريڪا جي راجيه سڀا جي بينڪ-گهر ۾ آياسين. اوڏيءَ ويل سينيٽ جي بينڪ چالو هئي ۽ اسان ڪجهه وقت لاءِ اُتي ڪم جو اُڪلاءُ ڪيئن ٿو ٿئي اهو نظر مان ڪڍيو. اِن ريت آمريڪي لوڪشاهيءَ جي سرشتي جو ڪجهه پتو پيو. پوءِ وياسين آمريڪا جو سرڪاري دفترخانو ڏسڻ، جو ڪئپيٽال ۽ پينٽيگان جاين ۾ آهي. اَٿاه ڪم، اَٿاه دفتر! اِئين گهمندي چار اچي ٿيا. سو آمريڪا جي صدر عدالت جي چانهه-پاڻيءَ واري جاءِ تي پيٽ پوڄا ڪئيسين.

مون پئسن ڏيڻ تي روڪ وجهائي، پنهنجا ٻه ڪڏهوڪو آزاد ڪرائي ڇڏيا هئا.

توهان لکيو آهي ته توهين مونکي خط جهٽ جهٽ انهيءَ ڪري لکا جو مان اينرا خط پڙهي خوشي ٿي پونديس. لائين ناهي. مونکي ته اِتان ايندڙ خط پڙهڻ ۾ خاص مزو ٿو اَچي، جو ٻيءَ طرح اِتي جو احوال ملڻ ممڪن ناهي. باقي هرهڪ خط جو جدا جواب ڏيڻ مون لاءِ مشڪل آهي، جو نه رڳو اسپتال ۾ ڪم رهي ٿو، پر اڀياس لاءِ پڙهڻو ٻڻ ڪافي ٿو پوي، جنهن ڪري فرصت گهٽ ٿي ملي. هينئر ئي جواب ڏيڻ لاءِ ٻيو نه ته پنجويهن خطن جو ٿهو اڳيان رکيو اٿم.

پڙهي خوشي ٿيم ته هوليءَ جو جشن وڏي ڀيڪي سان ٿي گذريو. اِن ڪري اوهان کي ٿڪ اَلبت چڱو ٿيو هوندو جو دل جي سڄي جوابداري اڪثر ريت سيڪريٽريءَ تي ئي ٿئي ٿي. اوهانکي پنهنجي صحت جو وڌيڪ خيال ڪرڻ گهرجي ۽ پاڻ کي ٿڪائڻ گهٽ گهرجي. جيڪڏهن هوليءَ جي دل جا ڪجهه فوٽا مون ڏي موڪليندا ته واه جو مزو ايندو- سيٺي کي ڪٺي ل، ڪن کي ته ضرور سجائينديس. مان به اوهان کي جلد پنهنجا ڪجهه فوٽا موڪليندس.

ڪجهه ڏينهن ٿيا ته مان واشنگٽن شهر ڏسڻ ويس. اسين رات جو ساڍي ٻارهين ٻجي واشنگٽن ۾ پهتاسين. ٿڪ سبب بدن چُور چُور ٿي چڪو هو. هڪ ته سڄو

اوھانکي خيال ٿيندو. مونکي حد اَرمان آھي، پر منھنجو ٻيو وڏيڪ کھڙو وس ٿو ھلي سگھي.

پر دادا، دل ۾ نہ ٿئيو تہ ھڪ ڳالھہ چوانو. توھين منھنجي حد کان ٻاھر چنتا ٿا ڪريو. توھان کي اِھوئي ويچار آيو ھوندو تہ ھيءُ جو ھيتري وقت کان مون وٽان اوھانکي ڪو بہ احوال ڪين آيو ھو، سو پڪ ئي پڪ مان ٺيڪ نہ ھونديس. اوھانکي شايد سڌ ناھي تہ ھتي اوھان جو ھڪ وڏو عيوضي وينو آھي. نانڪ مونکي پنھنجي سڪيلڌي پٽ ڪري ليکيندو آھي. جيڪڏھن مان سندس گھر ڪجھہ ڏينھن نہ ويندي آھيان ۽ ساڻس ٽيليفون تي ڳالھائڻ جي بہ فرصت نہ ملندي اٿم تہ ھوُ سگھرو موٽر ۾ مون وٽ ڪاھجي ايندو آھي ۽ مونکي پنھنجي گھر وٺي ھلڻ کان اصل باز نہ ايندو آھي. ھن تي اوھانجو ايڏو تہ پرڀاءُ آھي. سو جي مان ٺيڪ نہ ھجان تہ ھوُ منھنجي اَگھائي اوھان کان لڪائي سگھندو! تنھن کان سواءِ جن بہ ماڻھن سان منھنجي ڏيٺ ويٺ ٿي آھي سي سڀ مونسان سنائي ھليا آھن ۽ ھننجو مون لاءِ ھميشہ ھڏ ڪڙڪي ٿو. ڇا ڊاڪٽر ميٽن، ڇا ڊاڪٽر ايلبا، ڇا وري ڊاڪٽر ڊڪسو توڙي ڊاڪٽر سوڪولوُ. ڊاڪٽر ايلبا تہ مونکي مميءَ مثل گھرندي آھي. ھميشہ ٻيئي پڇندي آھي تہ ڪا تڪليف يا اَھنج تہ ڪونھيئي. تنھن کان سواءِ جي ڏينھن جو مونکي نيويارڪ وڃڻو ھوندو آھي تہ چوندي

پاڇولا لڙڻ تي هئا ته وياسين هتي جو قومي قبرستان ڏسڻ، جتي آمريڪا جا وڏا ماڻهو ۽ فوجي آفيسر، جن وطن جي سيوا ۾ جان قربان ڪئي آهي، سي دفن ٿيل آهن. اُتي دلبر پريزيڊنٽ جان ايف ڪينيڊيءَ جي قبر جي پڻ زيارت ڪئيسين. سندس اَمر جوالا ڏسندي، هن جوان مڙس جا ڪارناما اکين اڳيان تري آيا ۽ جڏهن سندس اوچتي ۽ وحشاڻي نموني موت جي يادگيري آئي ته سيني جو هنياءُ ڀرجي آيو. پوءِ ته هوٽل تي موٽي آياسين ۽ ڪجهه ٽڪ پگهوسين. رات جو وري سئر تي نڪتاسين ۽ آمريڪا جي اَمر اڳوان واشنگٽن، جيفرسن ۽ لنڪن جا يادگار ڏٺاسين. رات جو لقاءُ ڏينهن جي نظاري کان صدبار انوکو ثابت ٿيو. واشنگٽن جو عاليشان نگر بيشڪ رونقدار آهي ۽ آمريڪا جهڙي جبري ديش جي راڄڌاني بڻجڻ جو بيشڪ لائق.

اَوهانجين لاڳيتين تارن ته مونکي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. مون اوهانکي ٻيو نه ته پنج خط لکيا آهن ۽ اُنهن مان اوهانکي هڪ به نه پهتو آهي! عجب ۽ اَرمان ڀريو اِسرار ڇئبو. خط ته مان خود ٽپال ۾ وجهي ايندي آهيان. تنهن ڪري انومان اهوئي آهي ته اِهي اِتي ئي ٿا گم ڪيا وڃن. آنئيءَ وٽان پڻ اهڙي دانهن پهتي اٿم. خبر ناهي ته ٿئي ڇا ٿو. هيترا ڏينهن جو اَوهانکي مون وٽان ڪوبه احوال ڪين ايندو ته سياويڪ

(۹)

نيويارڪ،
۳۰ جون ۱۹۶۷ع

پيارا دادا،

اُميد ته اوهين سڀ خوش چڱا ڀلا هوندا. مان هتي بلڪل مزي ۾ آهيان.

اڳئين مهني جي آخر ۾ مان ڪئناڊا ويئي هئس، اُتي جو سؤ سالگره جي شان ۾ ايڪسپو ۶۷ نماءُ جو درشيه ڏسڻ. نانڪ پنهنجي موٽر ڪاهي هليو هو. اسين مانٽريل ۾ سوائي يارهين بجي رات جو پهتاسين ۽ مسٽر لٿريا وٽ وڃي لٿاسين. مسٽر لٿريا ايڪسپو ۶۷ جي انڊيا پئويلين (پارٽي شامياني) جو ڊائريڪٽر آهي. هو نانڪ جي دوست جو سهڙو ٿئي، ان ڪري سهوليت جي خيال کان اسين وٽس وڃي لٿاسين.

ٻئي ڏينهن صبح ساڻ نڪتاسين نماءُ ڏسڻ. ايڪسپو ۶۷ جي نماءُ جو نهايت ڪشادي پيماني تي ۽ فراخدليءَ سان انتظام ڪيو ويو هو. هر ڪنهن ديس پنهنجو شاميانو عمديءَ ريت سينگارڻ ۾ وسون ڪين گهٽايو هو، نڪا خرچ ۾ ڪا ڪوتاهي ڪئي هئي. هر ڪنهن ٻين کان گوءِ کڻڻ جي ئي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ان لاءِ پئسو پاڻيءَ مثل هاريو هو.

پهرين پهرين اسين البزار ڏسڻ وياسين، جتي

آهي ته منهنجي موٽر ڪٽي وڃ. مان جو واشنگٽن تي ويس ته پاسيرو وٺي هلي ۽ چپائيندم ته ٻاهر ٿي وڃين، ڀئا ڪپڙي تي ڏيانءِ!! پوءِ ته اوهانکي منهنجو اونو رکڻائي نه گهرجي.

دادا، منهنجي دل آهي ته اوهانکي ڪا سوکڙي موڪليان. مونکي خبر آهي ته اوهان جي فائونٽن پينس ۽ واچن سان خاص دل آهي. ورنڊر ٽپال ۾ ضرور لکي موڪلجو ته اوهان کي سچي سوني پين کين سوني واچ موڪليان! ڪو هٿيڪو ماڻهو ٿو اچي اُن هٿ مڃجند پسانو. دادا، ضرور لکجو. وڌيڪ ٻئي دفعي.

پيارن مان،

ڪملا.

رهيو آهي، وغيره. هِن ٻنهي هنڌ مسٽر لٽريا اسان سان گڏ جي هليو ۽ اُن ڪان اڳ ٻه پنهنجو ماڻهو سانڻ ڏنو هئائين. اسانکي هرهنڌ "مکيه ماڻهو" تي وٺو پيو ۽ ته واري وٺيءَ تي وڃڻ لاءِ هرهنڌ لنبيون قطارون لڳيون بيٺيون هيون، جن ۾ بيهندي ڇڙهه ته نڪري وڃي ها، پر ڏسڻ جو وارو ٻه جي ملي ها.

شام جو وري اِنسان جي کوجنا ۽ جاچ پرتال جا ڪرشما ڏٺاسين. واهه جو عاليشان ڪم ڪيل هو. اِهو سڀ ڪجهه ڏسي اِنڊيا پئلويلين ۾ موٽي آياسين، جو ٽنگن وڌيڪ چرڻ کان بنهه نابري واري. صبح کان وٺي هليا هئاسين، مٿان سج ٻه لهي ويو، جي ڪٽي بند پورو ٿئي! هڪ هنڌان ٻئي هنڌ وڃڻ لاءِ بس يا ريل جو بندوبست ڪيل هو، پر فقط هڪ ٻيٽ کان ٻئي ٻيٽ تائين. هيءَ سارو سرو ديشڪ ٽڪساٽ ٿن بيٽارين تي رچيو ويو هو، جن مان فقط هڪ قدرتي هئي، باقي ٻه هٿراڌو تيار ڪيون ويئون هيون. اِهي ٽيئي ٻيٽاريون هڪ ٻئي سان پلين رستي ڳنڍيون ويون هيون. ريل يا بس مسافرن کي فقط هڪ بيٽاريءَ تان کڻي ٻيءَ بيٽاريءَ تي وڃي ٿي لاٿو، جنهن لاءِ کوٻه پاڙو کونه ٿي پيو. باقي ٻوءِ سڀ ڪيل تماشا ڏسڻ لاءِ هڏ پنڌ ئي پيو. ها، اِتي رڪشائن جهڙيون ننڍڙيون موٽرون پاڙي تي ملي ٿي سگهيون، پر سندن ڀاڙا ڳاٽي پيگا هئا، جي رواجي ماڻهوءَ جي وس کان ٻاهر هئا.

هڪ ٻولائي ڪيل ڏيکاريو ٿي ويو. تنهن ڪانپوءِ چار پنج ٻيا ڪيل پڻ ڏٺاسين، جن ۾ ”انسان جي جيون ۾ صحت جو ڀاڱو“ ۽ ”ايجاد جو باني - انسان“ خاص عمدا ڪيل هئا. اتي منجهند اچي ٿي، تنهن ڪري موٽي آياسين انڊيا پئويلين ۾ مسٽر لٿريا وٽ ماني کائڻ.

ڪاڏي ڪانپوءِ چانهه نوشيءَ لاءِ ”مهاراڻي چانهه دڪاڻيءَ“ ڏي پئي وياسين ته مسٽر تلوار، جو پڻ ايڪسپو ٦٧ ۾ ڀارت جي ڪمشنر جنرل جي عهدي تي آهي، اهو گڏيو ۽ چانهه تي وٺي هليو. هُو اصل جلندر شهر جو وينل آهي. چانهه پئي پيئنديسين ته پشوُ ۽ گهنشيام ٻڻ اچي اُتي سهڙيا. هُو پڻ نيوُجرسيءَ کان هيءُ نماءُ ڏسڻ لاءِ ڪهي آيا هئا. مون اُتي ساڻن ڳالهايو.

چانهه اُڪلائي وري نڪتاسين چڪر چاريءَ تي. ڦرين آياسين ڪئناڊا جي ”هوائي هٽي“ تي. واهه جو ڪيل سٽيو ويو هو! ائين پئي لڳو ڄڻ هوائي جهاز ۾ مسافري ڪري رهيا هئاسين ۽ اُن اندر پسار ڪري رهيا هئاسين. اُن ڪانپوءِ ٻيل-ٽيليفون جي شاميانې ۾ آياسين، جتي هڪ ٻولتي فلم دوارا ڪئناڊا ديس جو سٿر ڪيوسين. اُتي ئي ٽيليفون جي وڪاس جو ديدار ٻه ڪيوسين - ڪيئن ٽيليفون توهانجي عمر ٻڌائي سگهي ٿي ۽ اُوهين جڏهن ماڻهوءَ سان ٽيليفون تي ڳالهائي رهيا آهيو تنهن ڪري هُو ٻهُو سامهون دور درسنيءَ تي ڏسي ٻه سگهو ٿا ته ڪيئن هُو اوهان سان گفتگو ڪري

شهر ۾ اچڻ ۾ نہ رڳو وقت ٿو لڳي، پر ڳپاڳيهہ اهڙي آهي جو جيستائين پنهنجي ڪم واري جاءِ تي پهچ تيستائين وچواري ڪشمڪش سمورو اُتساهہ ماٺ ڪيو ڇڏي. ان ڪري روزاني ڪم مان سڄو جسُ ۽ چش صفا نڪريو وڃي ۽ لاچار گهڙي ڏينهن ڪاٽجي. تنهن کان سواءِ توهان ئي تہ آسانکي سيکاريو آهي تہ حياتي سکي گذارجي - خوب کائجي پيئجي، چورجي ماڻجي، فقط ايترو ڌيان رکجي تہ پير سوڙ کان ٻاهر نہ ڪبن ٿو ڌ گهيڙرجي. هتي رهڻ ڪري ڪم تي وقت سر پهچڻ جي چنتا اَصل ڪانہ ڪرڻي پوندي. باقي رهيو خرچ جو سوال. سو حساب ڪري ڏٺو اَٿم تہ مونکي جيڪي ماهيانو ملندو اُن مان سٺو پورائو ٿي ويندو ۽ ٿورو ڪجهہ بچندو پڻ؛ پوءِ فڪر ڇا جو!

جاءِ جيڪا مسواڙ تي ڪئي اَٿم سا بنهہ خالي آهي. فهيل نڪيل گهر هتي حد مهانگا آهن. انهيءَ ڪري گهر ٺاهڻ لاءِ سامان سرو چگوئي ڪپندو. مونکي کان چاچا جي سنگتين انهيءَ خريداريءَ ۾ واهر ڪرڻ لاءِ خاطري ڏني آهي، پر مون فيصلو ڪيو آهي تہ گهڻي ڀاڱي خريداري مان پاڻ پنهنجي مرضيءَ تي ڪندس. في الحال مون صوفا-ڪم-بيڊ، ڪجهہ باسڻ، وغيره ورتا آهن؛ باقي ميزون ڪرسيون، ڪاڏي جي ميز جو سامان مان گهر والارڻ کان پوءِ خريد ڪندس. مس ايراني ۽

ايڪسپو ٦٧ جو ميلو ٽي ڏينهن ڏسي، چوٿين ڏينهن موٽ ڪاڏي پئين. ٿڪ سو ڏاڍو ٿيو، پر هڪ هنڌ ئي ساري سرشٽي پسي آياسين. واه جو مزو آيو، ڄڻ پرستان جو سير ڪري آيا هئاسين.

پهرين جولاءِ کان مان نيويارڪ شهر ۾، نيويارڪ وشو وديالیہ جي طبي مرڪز ۾ ڪم تي وڃي چڙهنديس. تنهن ڪري مونکي گولڊ واٽر اسپتال ۾ رهڻ وارو ڪمرو ڇڏڻو پوندو ۽ پنهنجو نجو گهر ناهڻو پوندو. انهيءَ لاءِ مان مسواڙ تي جايون ڏسڻ وئي هيس. مون نيويارڪ شهر ۾ئي اٺين ماڙي تي هڪ جاءِ پسند ڪئي آهي. رواجي رهت اُنجي مسواڙ مهني ۾ ٻه سؤ ڊالر آهي، پر ڇاڪاڻ ته مان وشو وديالیہ جي طبي مرڪز ۾ ڪم ڪنديس تنهن ڪري مونکي اِها جاءِ ڏيڍ سؤ ڊالرن جي رعايتي مسواڙ تي ملي آهي. اِها جاءِ مونکي ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پسند پيئي. هونءَ ته هرڪو پنهنجي گهر ۾ ڄڻ بوريو پيو آهي. پر هن جاءِ کي ڪجهه کليل ورانڊو آهي، جتي ڪرسي يا ٻيو ڪجهه وجهي ماڻهو ڪجهه مهل قدرت جي کليل وايومنڊل ۾ گهاري سگهي ٿو. توهين چوندا هوندا ته هيءَ ڇوڪري چڱي خرچائو نڪتي-پٽس ويچارو رهي بمبئيءَ جي ڀاڙيءَ ۾ ۽ پاڻ ٿي رهي نيويارڪ نگر جي بنهه وچ مرڪز ۾. ائين برابر آهي ته هتي جي ڀاڙيءَ ۾ سستائي ڏاڍي آهي ۽ نيويارڪ هڪ گهڻو مهانگو شهر آهي. پر ڀاڙيءَ مان

(١٠)

نيو يارڪ،
٣١ آگسٽ ١٩٦٧ع

پيارا دادا،

توهانجا خط ۽ فوٽا پهتا. ڏاڍي خوشي ٿيم جڏهن پڙهيم ته اوهانکي هن سال لاءِ پنچايت جو پريزيڊنٽ ڪري چونڊيو اٿن. اوهان ڪئي ورهين کان پوءِ ڏيڍ سان پنچن اوهانجي شيوا جو هڪ طرف جوڳو قدر ڪيو آهي ۽ ٻئي طرف اوهان ۾ وڏو يڪ ايمان ظاهر ڪيو اٿن، جنهن اوهان جي اڳوائيءَ ۽ نظرداريءَ هيٺ پنچايت جو ڪاريه سنئيءَ ريت هلندو هلي ۽ پنچايت پنهنجي ڪم ۾ وڌيڪ سوڀاري ٿئي. اوهانکي پريزيڊنٽ چونڊجڻ تي منهنجون واڌايون هجن. شال اڳتي پڻ اوهين اهڙا پد ماڻيندا رهو. مونکي لئين ڪم تي چڙهئي اج لڳ ڀڳ ۾ مهنا ٿيا. هتي جو وايومنڊل ٻيو آهي ۽ گولڊ واٽر اسپتال جو وايومنڊل ٻيو هو. هتي اُهي مريض دوا درمل لاءِ اچن ٿا جنکي سخت تڪليف آهي - هوُ بيزار آهن. ڪن جي سرير جو پاسو سڪي ويو آهي، ڪن جا ڪي عضوا ڪين ٿا هلن، ڪن جا هڏا سخت ضربجي پيا آهن، وغيره، وغيره. هتي مونکي ڊاڪٽر لئنسي ڪيسٽر ۽ ڊاڪٽر ٽسل جي نظرداريءَ هيٺ ڪم ڪرڻو آهي. هيءَ خانگي طبي مرڪز آهي، جتي

مس مارٿا خريداري تي مون سان گڏجي هليون هيون ۽ منهنجي چڱي واھر ڪيائون.

هاڻي منهنجو خرچ البت وڌندو. اسپتال ۾ رهندي ڪاڌي تي خرچ ۽ رهڻ جي ڪمري جي مسواڙ بچندي هيم. هاڻي ته پنهنجو گهر ٺاهڻو آهم. گهر جي سجاوٽ ۽ اُنکي هلائڻ لاءِ محنت سان گڏ پئسو پڻ لڳي ٿو. پر انجي پرواه ڪانهي. پئسا ڪجهه بچايا آهم، جن مان گهر جي سڄي خريداري ٿي ويندي. باقي ٿيو مسواڙ ۽ گهر هلائڻ جو خرچ- سو پڻ سولائيءَ سان ڪري سگهبو، ڇو ته سال پوري ٿيڻ تي اِضافو جو ملندو!

وڌيڪ احوال ٻئي دفعي.

پيارن مان،
ڪملا.

ٽي چوويهه ڪلاڪ آهن، اي کان زيڊ تائين. مان "او" گهر ۾ رهندي آهيان. منهنجي گهر ۾ هڪ ڪشادو ڪمرو آهي ۽ هڪ ٻيو ٿورو ننڍو. ننڍو ڪمرو سمهڻ ڪرڻ لاءِ ۽ وڏو ڪمرو ڪاڌي خوراڪ، ويهڻ ڪرڻ ۽ رهڻ لاءِ عمدو آهي. انهيءَ وڏي ڪمري اڳيان ورانڊو آهي، جتان سامهون باغيچو پيو ڏسجي. ماڻهو ٽڪل هجي يا اُباڻڪو ڪٽهڙي ۾ ڪرسي وجهي وهڻ سان منڻ ۾ من وڃي ٻيءَ پوندس ۽ بهاريءَ ۾ اچي ويندو. مان ته ڪڏهن ڪڏهن بالڪنيءَ ۾ ويهي رڪارڊ ٻڌندي آهيان. مونکي ائين ڏاڍو مزو ايندو آهي. اوهان جي پيڳت ڪنوررام، ماستر چندر ۽ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جا رڪارڊ موڪليا آهن، سي مان شوق سان وڄائيندي آهيان.

مونکي پنهنجي فرج، بجلي رنڌڻو ۽ ٽيليفون آهي. ريڊيو ۽ دور درسني (ٽيليويزن) پڻ اٿم. مان نيرن ۽ رات جي ماني گهر ۾ ڪندي آهيان، باقي منجهند جي ماني هوٽل تي کائڻي پوندي آهي. هتي وڏو سهنج آهي حولدار جو. هر هڪ جاءِ لاءِ الڳ حولدار رکيل آهي. ڪوبه اوپرو ماڻهو جڳهه ۾ گهڙندو ته حولدار ڪاڻس پڇندو ته هن ڪنهن سان گڏجڻ ٿي چاهيو. هيئنان ٽيليفون تي پڇڻ بعد ئي هو هنکي مٿي اچڻ ڏيندو. هيءَ سهوليت اڪيلين رهندڙ ڇوڪرين ۽ استرين لاءِ

مريضن کي جهجها پئسا ڀرڻا ٿا پون ۽ سندن خاص پرگهور لڌي وڃي ٿي. هنجي پيٽ ۾ گولڊ واٽر يادگار اسپتال مفت سرڪاري اسپتال هئي، جنهن ۾ مريض اڪثر طور گهٽي وقت کان زير علاج هئا ۽ ڪين خرچ ڪرڻ جي سمرٿي ڪانه هئي. اِنهيءَ ڪري هن نئين طبي مرڪز ۾ مريضن جي خاص لياقتن ۽ ڊاڪٽرن جي سندن خاص پرگهور لهڻ جي لحاظ کان وايومنڊل جو وڏو قير آهي.

مان هر روز صبح جو گهران نيرڻ ڪري ساڍي ستين ٻجي نڪرندي آهيان، ۽ لوڪل گاڏي ڏهاڪو ڪن منٽن ۾ مونکي اٺين پنهنجي ڪم واري دڳ وٽ ڇڏيندي آهي، جنهن ڪري مان سولائيءَ سان اٺين ٻجي پنهنجي ڪم تي چڙهي سگهندي آهيان. مريضن کي ڏسندي اُڪلائيندي ۱۲ لڳي ويندا آهن. پوءِ وچبو آهي ماني کائڻ، جنهن کان پوءِ وري شام جو ساڍي ڇئين ٻجي تائين وڏيڪ مريض ڏسبا آهن. اُن کانپوءِ ليڪچرن، وغيره تي وڃڻو پوندو آهي، جتان ڇهين ٻجي ڌاري مس گهر موٽڻ ٿيندو آهي. اُتي هٿ منهن ڌوئي، ماڻهو ٿئي مرضيءَ جو مختيار، جئن وڻيس تئن ڪري. مان ته اُچا ڏهر ناهڻ کي لڳي پيئي آهيان.

شهر جي جنهن ايراضيءَ ۾ مان رهي پيئي آهيان اُتي چار شاهي جايون آهن. هرهڪ عمارت ۾ سورهان ماڙا آهن. منهنجو گهر اٺين ماڙ تي آهي. هرهڪ ماڙي

تي هلندڙ راند يڪو روانو ڪيو هو، جو اميد ته پهتو هوندو ۽ ڪين پسند آيو هوندو. مونکي ٻي ڪا به شيءِ ڪانه سجهي جا ڪري ڪين سندن جنم ڏڻ تي موڪليان. ڪين ٻيو ڪجھ وڌيڪ پسند ايندو هجي ته لکي موڪليوم، ته وٺي موڪليان.

وڌيڪ سڪ، جواب جلد ڏجو.

پيارن مان،
ڪملا.

وڏو سڪ آهي. هتي ست اُن گهر هندستانين جا آهن، جن مان هڪ سنڌي گهر پڻ آهي. مان ڪڏهن ڪڏهن مس پرُوسٽر جي گهر لنگهي ويندي آهيان، جا مون واري جاءِ ۾ رهندي آهي، ۽ ساڳئي طبي رڪز ۾ ڪم ڪندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن وري هوءَ مون وٽ لنگهي ايندي آهي.

مون توهان ۽ مميءَ سان ٽيليفون تي ڳالهايو. مميءَ سان ڳالهائي خاص پرسن ٿيس. ٻين سان پڻ ڳالهائڻ تي ڏاڍي دل هيم، پر ٽيليفون هر هر پئي ڪٽي ويئي، جنهن ڪري وقت اُجايو پئي ويو. ان ڪري خفي ٿي ٽيليفون ڪري بند ڪيم. پرديس ۾ ڪنهن سان ڳالهائڻ لاءِ ٽن منٽن جا پندرهان ڊالر لڳن ٿا ۽ پوءِ هر هڪ منٽ جا پنج ڊالر جدا. توهان کي ٽيليفون تي اچڻ ڪري چڱي تڪليف ٿي هوندي جو مونکي ڪمهلو ڪال مليو هو. پهرين ته چيائون ته اهڙو ڪو ماڻهو آهي ئي ڪونه. پوءِ وري چيائون ته فون ڪو ڪٽي ڪونه ٿو ۽ آخر جڏهن وارو ڏنائون تڏهن اِتي اَڌ رات ٿي چڪي هئي. ان ڪري بهتر اِئين ٿيندو ته اوهين ٽيليفون ڪجو، پئسا مان هتي پاڻيهي ڀريندس. اهڙو بندوبست آهي ۽ اوهين آپريٽر کي ائين چوندا ته ٿي سگهندو.

مون ننڍن ڀائرن لاءِ سندن جنم-ڏن تي بجلي بيٽرين

سو بفلو ۾ ڪجهه ساهي پٽي، اڳتي وڌياسين ۽ سلور
ڪريڪ جو ننڍو شهر لتاڙي اچي سرزمين تي لٿاسين.
جونهن ته اوڏي ويل سئر ڪرائيندڙ هيليڪاپٽر اڏامڻ
لاءِ تيار بيٺو هو، سو مهل جو فائدو وٺندي، ٽڪيٽ
خريد ڪري، سوار ٿياسين هيليڪاپٽر تي. هيليڪاپٽر
جي مٿي اُسرڻ تي اسانکي هڪ اهڙو عبرت ڀريو نظارو
نظر آيو، جو ڏسي دنگ رهجي وياسين. اِنهيءَ لقاءَ
کي بيان ڪرڻ کان قلم قاصر آهي. اوُچائيءَ تان قدرت
جو اَنيت پيماني تي نظارو اَچرج ۾ وجهيو ڇڏي-
چوطرف نهاريندو رهه، عجب کائيندو رهه. پرڀان کان
وڏي پيٽ سان پاڻي اُٿل کائيندو زوُم مان ڪنهن
اَزغيبي ڪشش ڪارڻ گڙگات ڪندو، گجيون ٿاهيندو،
هلندو اچي، تانجو اوچتو پيرن هيٺان زمين ختم ٿيو
وڃي ۽ وڏي هڪ اوڙاهه جيڏي خال هيٺان زمين وري
چالو ٿئي. پراچين ڪال ۾ ڪنهن ڀوُنڪمپ ڪارڻ
اِهو خال پيدا ٿيل تو ڏسجي. هيءَ اَٿاهه غش مان ايندڙ
پاڻي وڃي ڪيڏانهن! اوچتو ڪنهن اَڏ ٻيا روڪجي
بيهجي وڃڻ به مشڪل آهي. قدم اڳتي وڌائڻ کانسواءِ
ٻيو ڪو چاڙهو به ڪونهي. جان اڳيان وڌي ته ڦان
اوڙاهه مان اچيو هيٺ سٽجي. اِهو جل ئي آهي جو
اِها ست سهيو وڃي، ٻئي جي جاءِ ناهي. زمين جو
خال ڪٽي سڌائيءَ ۾ هجي سو ٻنهه نه- وروڪڙ لايو
بيٺو آهي، جنهن ڪري هڪ ٻڪي آبشار ٻدران آبشارن

(١١)

نيويارڪ،
٢١ آڪٽوبر ١٩٦٧ع
پيارا دادا،

هيل تہ اوهان سيني جا خط هڪ ٻئي پٺيان اچي ويا آهن، جن مان اتي جو چرخو ڪيئن پيو هلي تنهنجو چٽو سماءُ تو ملي. پڙهي گهڻي خوشي ٿيم تہ اوهين سڀ ٺيڪ آهيو. مان پڻ هتي مزي ۾ آهيان.

هتي لاڳيتو موڪلون هيون، تنهن ڪري نڪتاسين وڏي سئر تي. هن ملڪ ۾ ماڻهو اڪثر طرح مسافري ڪن موٽر رستي. هڪ تہ موٽرون بہ آهن وڏيون ۽ ڪشاديون، جن ۾ جيڪي چاڙهہ سو ماپيو وڃي ۽ رستا پڻ آهن پڪا ۽ ويڪرا، جنهن ڪري ملڪ جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين بنا ڪنهن اهنج جي وڃي سگهجي ٿو. هيل ويچار ڪيوسين تہ دنيا ۾ جا مشهور آبشار نائگرا فالس ڏسي اچون.

موٽر ۾ لس مسافري ڪندي اچي بفلو کي رسياسين، جو ئي نائگرا آبشارن کي ويجهي ۾ ويجهو شهر آهي. جن مسافرن کي تڪڙ هوندي آهي سي هوائي جهاز رستي ايندا آهن، جي پڻ ڪين بفلو تائين ئي ڪٽي ايندا آهن، جتان هرڪو بس يا موٽر رستي آبشارن جي ديدار لاءِ اُسهندو آهي. اسانکي تہ موٽر پهچي هئي،

جهاز ۾ چڙهڻو پيو، جنهن ۾ هڪ وقت فقط سؤ سئلاني
ڪن سئو ڪري اچي سگهن ٿا. جهاز ۾ چڙهڻ سان اسان
کي جسم ۾ ڍڪڻ لاءِ برساتي ڪوٽ، مٿي لاءِ ٽوپ ۽
اکين لاءِ ڪوپا چاڙهڻ لاءِ ڏنا ويا، نہ تہ ڪرلڊز جل ڏارا
مان تکيون اڏامندڙ ڦينگون منهن ۾ پچائي پت ڪري
ڇڏين ها. جهاز اسانکي اُن طرف وٺي هليو جتي ميدان
تان پاڻي وهندو او چتو اوڙاه مان ڪري اچي ٿي هيٺ
پٽ تي پيو. اُتي پهچڻ سان ئي اسين جل ڏارا جي
ڏڪاءَ ۽ ڦينگن جي وَڏ ڦري مان پاڻيءَ جي تک جو
ڪجهہ تخمينو لڳائي سگهياسين. چاڪاڻ تہ اسان کي
برساتي ڪوٽ، وغيرہ پيل هئا ۽ جهاز پڻ آبشار جي
تمام نزديڪ ڪين ويو، تنهن ڪري ئي اسين قدرت
جي هن غضبناڪ نظاري جو ديدار ۽ قدر ڪري
سگهياسين. نہ تہ پاڻي جئن زوم مان اچي ٿو هيٺ
ڪري ۽ اُتي ڪن ناهيندو ٿو اڳتي ڏوڪي، تئن
کهڙي ۾ اَجگر جو اُن اڳيان ست جهلڻ محال آهي.
هيءُ نظارو پسي سنڌ جي اَمر شاعر، شاهہ صاحب جا
سر سهڻيءَ جا بيت ياد آيا. ۾ سنڌو درياهہ جي تک
۽ لهرون اَميريڪن آبشار مان ڦٽندڙ نائگرا نديءَ جي
پيت ۾ ڪجهہ ڪين هيون! پوءِ وري جهاز اسان کي
ڪئنيڊا جي چنب ڪنيءَ جي اَڌ گول آبشارن ڏي
وٺي هليو. اُتي لقاءُ حيرت انگيز ۽ لاثاني هو- تن پاسن

جو سلسلو نهري بيٺو آهي، جن مان ”اَڌ چنڊ“ يا ”نل آبشار“ ۽ اِنڊلِٽ آبشار“ خاص طور موهيندڙ ۽ نياارا آهن. هيليڪاپٽر ۾ جو اُسان سان سونهون هليو هو تنهن ٻڌايو ۽ آڱر جي اِشاري سان ڏيکاريو ته آبشارن جي هيٺ لڙهه ڪيئن اَميريڪا ۽ ڪئناڊا ملڪن جي وچ ۾ سنڌو ناهي گلزاري لايو بيٺي هئي ۽ ڪيئن پرهان پل پار ڪري مسافر اَميريڪا جي سرحد لتاڙي، ڪئناڊا ويندا آهن.

هيليڪاپٽر مان چٽو پئي ڏٺو ته هن اَٿاه جل درياءَ جو گهڻو حصو ڪئناڊا طرف ٿي لڙيو ۽ فقط ڪجهه ٿورو ئي اَميريڪا طرف. اِن سبب ڪري آبشارن جو نظارو اَميريڪا واري پاسي جي نسبت ۾ ڪئناڊا پاسي وڌيڪ عمدو نظر ٿو اچي. سونهين ٻڌايو ته اَميريڪا پاسي فقط ڇهه سيڪڙو پاڻي ٿي ڪريو؛ باقي ٻيو سڀ ڪئناڊا طرف. شڪ ناهي ته اِنهيءَ ڪارڻ ئي ڪرندڙ پاڻيءَ مان بجلي ناهڻ جا بندوبست سڀ ڪئناڊا طرف ڪيا ويا آهن ۽ خود اَميريڪا پڻ آبشارن مان تيار ڪيل بجلي ڪئناڊا وارن کان خريد ڪندي آهن. پر اَميريڪا طرف اوڙاه وڌيڪ اونهو آهي جنهن ڪري اُن طرف پاڻيءَ جو ڪڙڪات ڪنن کي وڌيڪ ٿو جهوڙي.

آسمان مان آبشارن جو نظارو ڏسي، پاڻيءَ جي سنوت تي هيٺ لقاءُ ڏسڻ هلياسين. اِن لاءِ وري ”ماڪ جي داسي“ (Maid of the Mist) نالي ٻيڙي

جدا رنگن جي روشني هڪ وقت آبشارن تي وڌي ٿي ويئي ته رنگن جو هنگامو مچي ٿي ويو- هرڪنهن رنگ بين رنگن کان گوءِ ڪڍڻ جي ٿي ڪئي. اَڙي هيءَ ڇا! نظاروئي ڦري ويو. هيئنر اَجا سڌا آبشار پئي نظر آيا، تنجي بدلي هيءَ چند گول آبشار ڪٿان آيا!! ريسٽارنٽ بلڪل آهستگيءَ سان چوطرف ڦري رهي هئي ۽ اِن ڪري سامهون نظارو پڻ بدلبو ٿي رهيو. آبشارن جو نظارو ڪئناڊا جي پاسي وڌيڪ وڻندڙ ٿي نظر آيو ڇو ته رنگين روشنين جو بندوبست پڻ ڪئناڊا طرف ڪيل هو ۽ آبشارن جو گهڻو حصو پڻ ڪئناڊا پاسي ئي هو.

ريسٽارنٽ ۾ انهيءَ ڳالهه جو پڻ ذڪر نڪتو ته نائگرا جا آبشار ڇو سياري ۾ بيءَ هرڪنهن رت کان سرس سهڻا نظر ايندا آهن. اِهو انهيءَ ڪارڻ جو اِن موسوم ۾ ٿڌ ۽ پاري سبب آبشارن جي پاڻيءَ مان برف جا قلم ٺهي بيهندا آهن، جي سج جي روشنيءَ ۾ شيشي جي بتين جي جهاڙ مثل بلورن جيان ڀڪڻ لڳندا آهن ۽ نظاري کي نئين ۽ اَنوکي رونق بخشيندا آهن. آبشارن جا هيءَ لطيف لقاءَ ڏسي قدرت جيڪي اِنسان سان سهج ڪيا آهن تنجي ساراهه مان نه پيا ڍاپون. پر ساڳئي وقت اِنسان پڻ قدرت کي سجائي سدا سهڻو ڪيو آهي، تنهنجو ڪمال پڻ نائگرا آبشارن جي آڳند تان اَسان اکين سان ڏٺو. ڀرين جڏهن هنن آبشارن جو ماڻهن کي پتو لڳو تڏهن هيءَ پٽ ويران ۽

کان پاڻي گڙگاٽ ڪندو پئي ڪريو، جهجهي ڇوج مان ۽ وڏي اُتساهه سان، ڪنهن سان جلد ملڻ جي اُميد ۾!

پوءِ وارو آيو اِنڊلٽ پل جو. اِهو ته عجب اِسرار هو. ڳالهه ٿي ڪيائون ته سجهندي ويل ڪڏهن به اِنهيءَ پل تان آبشارن ڏي نهار ته، ڪنهن نه ڪنهن طرف گول منهن واري اِنڊلٽ ضروري نظر ايندي. آبشار جي پاڻيءَ جا ڦڙا مٿي اُسرن ٿا، سي پاڻيءَ جو هڪ سنگين پردو جوڙين ٿا، جنهن تي سورج جي روشني پوڻ سان ٻئي طرف اِنڊلٽ نڪريو نروار ٿئي. ”ماڪ جي داسي“ جهاز ۾ سير ڪري، حد پرسنتا حاصل ٿي.

پوءِ اچي ويناسين چانهه پاڻيءَ تي. اُتي ڳالهه نڪتي ته آبشارن جو ڏينهن جو نظارو رات جي نظاري سان اصل پيٽ ڪائي ڪين سگهندو. پر اِهو لتاءُ ڪئناڊا جي طرف کان وڌيڪ عمدو ٿو لڳي. سو ٻئي ڏينهن رات جو اُنجو لطف ورتوسين. منهن اونداهي ٿيندئي اسين وڃي گول ڦرندڙ ريسٽارنٽ ۾ ويناسين. اِنهيءَ ريسٽارلٽ جي ٻاهرين ديوار سڄي شيشي جي هئي، جنهن ڪري ٻاهريون نظارو سڄو چٽو ڏسڻ ۾ پئي آيو. اِئين ئي رات روشن ٿي ويئي. رنگبرنگي روشنيءَ جون ڌارائون آبشارن تي پوڻ شروع ٿي ويون. هرهڪ الڳ رنگ جي روشني جو علحدو اُثر ٿي ٿيو، جنهن ڪري نظارو بيحد پيڪبدار ٿي بڻيو. باقي جنهن ويل جدا

آهن، جي پڻ ڏسڻ وٽان آهن. هڪ ۾ ٤٦ آدم-قد ميڻ جا پتلا رکيل آهن اُنهن يورپين لوڪن جا، جي جان جي بازي لڳائي هيءُ ملڪ جاچڻ آيا هئا. اِهي پتلا اهڙا عمدا جوڙيا ويا آهن جو جنسي جيئرا پيا لڳن. مون توهان کي هڪ فوٽو ڪڍي موڪليو آهي، جنهن ۾ لاسالي جي پتلي جي پير ۾ مان بيٺي آهيان. اوهين ڀاڻئي امين ٿيو ته جيڪي مان چوان ٿي تنهن ۾ ڪو وڌاءُ به آهي!

تنهن کانسواءِ آبشارن جو پورو لطف ماڻڻ لاءِ ننڍيون ٻيڙيون، ريل گاڏيون، هيليڪاپٽر، جهاز، وغيره جو دلپسند بندوبست ڪيو ويو آهي. انهيءَ کانسواءِ منارا، پليون، وغيره پڻ موجود آهن جن تان قدرت جو سهڻو ديدار نظر ٿئي ٿو. خاص ڪري ڪئناڊا پاسي اُسرندڙ منارو آبشارن جو لتاءُ جدا جدا اوچائيءَ تان دل گهريو ٿو پسائي. ساڳيءَ طرح رهڻ ڪرڻ ۽ کاڌي خوراڪ جا پڻ هتي سنا سهنج ڪيل آهن، جنهن ڪري ڪنهن به قسم جي ڏکيائي نٿي محسوس ڪجي.

لاشڪ مون جيڪي نائگرا آبشارن تي ڏٺو سو مونکان عمر ڀر نه وسرندو؛ نه رڳو قدرت جو عبرت ۾ وجهندڙ جمال، پر اِنسان جو حيرت انگيز ڪمال- حق تي نائگرا آبشارن کي قدرتي عجائبن ۾ اول درجو ڏنو ويو آهي.

هيءُ خط ته تمام وڏو ٿي ويو آهي. هونءَ اوهين

ٻنهي ملڪ لڳو پيو هو. پر اڄ جا اُتي وسونءَ ۽ ٻهاري
لڳي پيئي آهي تنهنجو ڪهڙو وستار ڪجي!! ايري
ٻن ندين مان پاڻي اُڇل کائي ٽڪ مان وهندو وڃي تانجو
زمين پيرن هيٺان کسڪيو وڃيس ۽ لاچار هيٺ ڪريو
آبشار ٺاهي ٿو. انهيءَ ٽڪ وهڪري جي ٻنهي پاسي
زمين سرڪار پنهنجي قبضي ۾ آڻي، اُتي باغيچا لڳايا
آهن، جتي طرحين طرحين گل ڦل، وڻ وليون ۽
وچڙ گاهن جا قسم پنهنجي گلزاري لايو بيٺا آهن. اُهي
باغ بوستان مسافرن لاءِ وڏي وندر جو وسيلو آهن.
تنهنڪانسواءِ هتي هڪ مڇلي-گهر پڻ آهي، جنهن ۾ جدا
قسمن جي مڇين جون ڪلابازيون نه رڳو ڏسڻ وٽان
آهن، پر مڇين جو عقل ۽ فهم ڏسي اَچرج ٿيو وڃي.
خاص طور ڊالفن مڇي کيل ڪري اهو رنگ ٿي رچائي
جو ڏنديون آڱريون ڏيڻ کان رهي ڪين ٿو سگهجي-
اُڇلايل چيڪلن مان سلامتيءَ سان لنگهي وڃڻ، جئن
سرڪس ۾ بازيگر ٻاهر لڳل چيڪلن مان لنگهي ويندا
آهن؛ ٻال جهٽي ڪڍي اڇلڻ، جئن پاليل ڪتا ڪندا
آهن؛ ڪاڏو جهٽڻ، وغيره، وغيره. تنهن کان سواءِ
اِيل مڇيءَ مان ڪيئن ٿي بجلي پيدا ٿئي، جنهنجي
ڇهائيءَ سان ڪنهن ٻه پراڻيءَ جا پراڻ نڪريو وڃن ۽
اِن طرح مڇيءَ کي پنهنجو کاڄ ميسر ٿي ملي ٿو، اهڙا
تماشا نائگرا آبشارن جي مڇلي-گهر ۾ ڏسي دل گهڻي
بهلائي سگهجي ٿي. تنهن کانسواءِ هتي ٻه پوتخانا پڻ

(١٢)

نيوُ يارڪ،
٢٥ ڊسمبر ١٩٦٧ع
پيارا دادا،

اُوهانجا خط پهچندا رهن ٿا، جن مان اُوهان جي چڱڀلائيءَ، وغيره جو احوال حاصل ڪري ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي. مان هتي ڏاڍي مزي ۾ آهيان ۽ اوهان سڀني جي آسودگيءَ لاءِ ڏڻيءَ در آراڌنا ڪندي رهندي آهيان.

مهڙ ڪانپوءِ مس ڪري مان گذريل ڇنڇر تي نانڪ جي گهر وڃي سگهي هيس. اُتي مانيءَ ڪاڌي ۽ رات ٽڪيس به. نانڪ ڏاڍا ڏوراپا پئي ڏنا، پر مان به ڇا ڪريان! مون سان گڏ ڪم ڪندڙ ڊاڪٽر ڪم سانگي ٻاهر ويل هو، جنهن ڪري سڄو ڪم مونکي ئي سنڀالڻو پيو. انهيءَ ڪري ٿڪ ڏاڍو ٿيندو هو ۽ گهر کان ٻاهر نڪرڻ اُڃهندو ئي ڪين هو. گهر کان اسپتال ۽ اُتان واپس گهر. هاڻي هوُ ڊاڪٽر موٽيو آهي ۽ ان سبب ٿڪ گهٽ ۽ ڪجهه واندڪائي نصيب ٿي اٿم، جنهن ڪري ڇنڇر ته نانڪ وٽان ٿي اُچان.

نانڪ جو پٽ چڱو چالاڪ ٿي ويو آهي. پلا سڄو ڏينهن ٽيليويزن هلائي ۽ تماشا ڏسي ۽ ڳالهائڻ بڌي. ڳالهائڻ پڻ سنو سکي ويو آهي. قد بت ۾ پڻ چڱو

ٻيا لکندا آهيو ته خط نٿا لکين. هاڻي ته بس. سڀ ڀاسي منهن ڏيڻو ٿو پوي- اسپتال کي، پڙهڻ کي، خطن جي جوابن کي. پنهنجي ٻه ٻه ڪوتاهي ڪنهن به ڳالهه ۾ نه ڪندي آهيان.

وڌيڪ ٻئي ڀيري. سڀني لاءِ پيار.

پيارن مان،
ڪملا.

تي ڏيانو. اوهين چوندا هوندا تہ خرچي ڏيڻ آهي مائٽن جو مرڪ. پر ائين ناهي. مائٽ ڪوئي ڪسوئي موقعي پنهنجن ڪٽنب کي آٿي پارن کي خرچي ڏيندا. پر جڏهن ٻار ڪمائڻ کي لڳن ٿا تہ ڇا ڪائن وسري ٿو وڃي تہ مائٽن کهڙا ڪشالا ڪڍي، نپائي پالي کين پنهنجي لائقيءَ لڳايو آهي! انهيءَ ويچارن منهنجي اندر ۾ انوکي خوشي اُتپن ڪئي تہ مان پنهنجي ڪمائيءَ مان دادا کي خرچي موڪليان. جنهن ڏينهن چيڪ ۽ واڌاين جو ڪارڊ روانو ٿي ڪيم تنهن ڏينهن سچ پچو تہ مان خوشيءَ ۾ ڦولي نٿي سمايس. اِها رقم اوهان کي بئنڪ ۾ جمع ڪرڻ لاءِ ڪانہ موڪلي اٿم، اِها خرچڻ لاءِ موڪلي اٿم. جي اڪيلي سر خرچڻ نہ ٿئيو تہ ممي کي وٺي دهليءَ جو چڪر لڳائي اچجو. مان جو هتي مزي ۾ پيئي گذاريان تہ دل پيئي ٿئيم تہ دادا ۽ ممي بہ منهنجي ڪمائيءَ مان ڪجهہ گهمن گهتن.

سيارو تہ سرڪاري خيال کان بہ مهڙ کان شروع ٿي چڪو آهي ۽ دستور موجب گهڙيال ۽ واچن جا وقت ڦيرايا ويا آهن. برف پڻ پوي پيئي ۽ ٿڌيون هوائون پڻ لڳن ٿيون. اُنهيءَ ڏينهن ڪم تان موٽي مان جڏهن مٿي گهر ٿي چڙهيس تہ حولدار چيم تہ تنهنجو هڪ پارسل آيل آهي. اوڏي مهل ڪجهہ ٿڪل بہ هيس ۽ ڪجهہ خيال ۾ بہ نہ آيو تہ پارسل ڪٿان آيو هوندو. حولدار کي چيم تہ پوءِ ٿي اچي ڪڍان. هٿ منهن ڌوئي

وريو آهي. چڱو وڏو پيو لڳي. اسانجي پاڙيچي ونود جو ڪهڙو حال آهي؟ ڪڙو ٿڙو ته ٿيو آهي؟ ڳالهائي ٻولهائي، ٽينگ ٽپا ڏئي ٿو؟ ڊگهو متارو ٿيو آهي، ڪين اڃا سنهو لوڪڙ لڳو پيو آهي؟ مونا کي چئو ته نظر رکيس، جئن ڪجهه اسري.

ڊاڪٽر ڊڪسو جلد بمبئيءَ پهچي ويندو. اُتي کو به سنڌس واقف ڪونهي. گهمڻ ڦرڻ جو چڱو شوق اٿس. سو ڪوشش وٺي بمبئي گهمائجوس. اتي رهندو رڳا ٻه ڏينهن. ڏسو جيڪي گهڻو ڏيکاري سگهوس، اوترو سٺو. هو ڏاڍو سٺو ماڻهو آهي. ڪافي وڏو ڊاڪٽر ۽ گهڻي هلنديءَ وارو آهي. پر تنهن هوندي به هميشه حليم ۽ نماڻو. ڪنهن کي به تڪليف ڏيڻ ڪين چاهيندو. مونکي تازو گڏيو هو. چيائين، "هيءُ جو تو پيءُ کي لکيو هو ته هو مونکي بمبئي گهمائي، سو مان سندس ڪرنگهي ۾ ڪليءَ موافق ته ڪين ٻڌس؟" مون ساڻس گڏ ڪم ڪيو آهي ۽ هو هميشه مون سان ڏاڍو سٺو هليو هو ۽ مونکي هر قسم جي مدد ڪيائين.

مونکي اوهانجا موڪليل فوٽا وڻيا. خاص ڪري جيڪو ميز تي وينل ڪڍايو اٿو اهو سيني ۾ سٺو آهي. اهو مون فريم ۾ وجهي پنهنجي پڙهڻ واري ميز تي رکي ڇڏيو آهي. مون اوهان کي اوهانجي ايڪويهه جنم ڏن تي واڌايون ۽ هڪ سؤ ڊالرن جو چيڪ موڪليو آهي، جو اُميد ته پهتو هوندو. ورهي به جنم ڏن جون واڌايون

جواب لاءِ ترسيس. تنهن وچ پنهنجو پاڻ توهان تار موڪلي ته مونکي تسلي ٿئي ته توهين سڀ نيڪ ويٺا آهيو. اوهانجي تار اچڻ تي وڏو سنتوش پراپت ڪيم، نه ته نه ڪجهه به نه پيو وڻي- نه ڪاڏو، نه ڪم، نه گهر، نه شهر، اَصل ڪجهه نه. ڀڳوان ڪيو سڀ ڪجهه رهجي آيو.

هاڻي ته ناتال آهي. هتي ناتال جو جشن وڏي شدمد سان ملهايو ويندو آهي. بمبئيءَ جي ڏياريءَ جي جاءِ ناهي! هرڪو دل کولي خرچ ڪندو آهي. بتين بجلين سان سارو شهر ائين جهنجهيو ويندو آهي جو پرستان پڻ هوند اُن اڳيان شرمائجي وڃي! هيءَ ويتر جا آهي سياري جي مند ته خريداريءَ تي به دل پيئي وري ۽ کائڻ پيئڻ ۾ پڻ مزو پيو اچي. هيل ته ڪانن جي ڏم لڳي وئي- ١٢ تاريخ هوٽل هلٽن ۾ اَميريڪي دل جي ماهرن جو ڪانو، ١٤ تاريخ اسان سان جيڪي ٿيراپسٽس ڪم ڪندا آهن، اُنهن جو جلسو، ٢٠ تاريخ گولڊ واٽر اسپتال وارن جو ڪانو، ٢١ تاريخ اسانجي طبي مرڪز جي ڊاڪٽرن جي پارٽي، ٢٣ تي نانڪ جو ڪانو، مٿان مسز ويلشاير ڪالي تي اچڻ لاءِ نوتو موڪليو. مسز ويلشاير ڏاڍي وڻندڙ زال آهي. هوءَ چڱي هلندي پڄندي واري آهي. جيتوڻيڪ هوءَ ٧٥ ورهين جي آهي ته به اڃا چڱي چست لڳي پيئي آهي. هنجي هاردڪ ليند هئي نه فقط ڪالي تي اچڻ جي، پر هفتو ڪن سندس خاص ڪيٽ (Ranch) تي رهڻ

چانهه جي ٻاڪ کي تازو توانو ڪيو ته اُٺ ٽڪ ٿيو ته ٻه سان ته پارسل ڪتان آيو آهي ۽ اُن ۾ آهي ڇا. سو لٿيس هيٺ ۽ پارسل جهٽ ۾ ورتم. ڏٺم ته گهران آيل هو. سو هڪدم ٽڪڙو ڪوليم تہ اندران شال نڪري آئي. ٿمڪيوُ، دادا. ڏاڍي خوش ٿيس. شال ته واه جي موڪلي اَٿو. جهڙي رنگ جي ڇهڙي، تهڙي پرت جي سهٽي، اهڙيائي وري سنگين، پر گرم ۽ سا به پوري وقت تي اچي پهتي آهي. پر دادا، جڏهن ٽپال جون ٽڪليون جاچيم تہ حيران ٿي ويس. هيڏا پئسا ٽپال خرچ تي! اَهڙي ڪهڙي پيمي هئي جو شال هوائي جهاز رستي موڪليو. هوءَ جا بي اوني شيءِ لکي هئي مانو سا رواجي جهاز رستي موڪلجو، هوائي جهاز رستي اَصل نه.

هيءُ جو تازو (١٢ ڊسمبر تي) بمبئيءَ ۽ پوني ۾ ڌرتي ڌڙڪڻ جو حادثو ٿيو تنهن تہ منهنجو هيباءُ ئِي ڪائي ڇڏيو. اَخبار ۾ خبر پڙهڻ سان اکين اڳيان اونده ڇانئجي ويم ۽ توهانجي تات پچر ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه خيال ۾ نٿي آيو. صفا منجهي ۽ ڏکي ويس. پارتي ايلچيخاني وارن ڪان ٽيليفون ڪري پڇيم تہ هنن فقط ايترو ٻڌايو تہ اٽڪل هڪ سؤ ماڻهو مئا آهن ۽ ڏه هزار بي-گهر ٿيا آهن. انهيءَ مان تہ ڪابه ڳالهہ چٽي ظاهر نہ ٿي. اِن ڪري ويچار ڪيم تہ ڪري ٽيليفون تي توهان سان ڳالهايان. پر ”ڪال“ ملي نہ سگهيو. اِن ڪري لاچار تار ڪيم.

ٻي هڪ سوکڙي ملي اٿم گراموفون جي وڏن رڪارڊن جو جوڙو. اِها سوکڙي سانڍڻ جوڳي ٿي سمجهان. اِها ڏني اَٿم ڪماري ڊان هاسٽس ۽ بلي ڪيز. ڊان اسان وٽ جسماني اُوکد باش طور ڪم ڪندي آهي. جهڙو اٿس نالو ”اُشا“ تهڙي ئي آهي منجهس هٻڪار. اهڙي دلدار ساهيڙي ملڻ مشڪل آهي. هوءَ اصل ڪئنادا ملڪ جي وينل آهي ۽ اَمريڪي فوج ۾ ڪئپٽن جي عهدي تي آهي. مون سان اهڙي ته دل ٻجهي ويٺي اٿس جو گذريل وسپٽ تي گهران نيوُجرسيءَ مان مون وٽ کهي آئي ۽ مونکي ٻڌو اٿبڊو ڪري هئملٽن قلعي جي اَڏي تي مونکي گهلي هلي. ساڻس بلي ڪيز سندس ساهيڙي، جا ساڻس ساڳئي ئي گهر ۾ رهندي آهي ۽ جنهنکي پيار مان ”ٻو“ ڪري سڏيندا آهن، اُها ٻه گڏ هيس. هئملٽن قلعي جي ڪلب ۾ هلي ماڻي ڪاڌ يسيين ۽ پوءِ ڊان مونکي ناتال ۾ نيويارڪ جو وچتر نظارو ڏيکارڻ وٺي هلي، جئن بمبئيءَ ۾ ڏياريءَ يا پرجاوادي ڏينهن تي ٻجلي ٻتيون ۽ ٻيو ٺٺ ٺاهه ڏسڻ هلبو آهي. ڊان مونکي پنهنجي گهر ۾ سال جي ختم ٿيڻ جي پارٽيءَ تي اچڻ جي نيند ڏني ۽ ٽڪڻ لاءِ ڏاڍو زور ڀريو، پر مون ناڪار ڪئي ۽ سمجهان ٿي ته ڏاڍو چڱو ڪيم، ڇاڪاڻ ته رات ڪانوڻي جا برف پوڻ شروع ٿي آهي سا اڃا سوڌو پيئي وسي. رستا برف سان ڇانئجي ويا آهن ۽ ريڊيو تي اعلان ٿيو آهي ته

جي ٻڻ ۽ ان لاءِ پنهنجي مٺو موڪلڻ جي ٻڻ آءٌ ڪئي هئائين. ڊاڪٽر رسڪ مونکان پڇيو، ”وچين ٽي“ ۽ وڃڻ لاءِ گهڻو چيائين. مون نوٽي کان صفا اِنڪار ڪين ڪيو، پر مسز ويلشاير کي لکي موڪليم ته هن دفعي معاف ڪج، مان ٻئي ڪنهن پيري تنهنجي آءٌ جو ضرور فائدو وٺنديس. سو ڪانا پئي ڪاڏا اُٿم، ناچ گانا پئي ڏنا ۽ ٻڌا اٿم ۽ سارو شهر پئي گهمي آهيان ۽ اُنجو بخوبيءَ ديدار ڪيو اٿم.

ناتال ۾ هتي سوڪڙين ۽ سوغاتن ڏيڻ جو ماڻهن کي هڪ قسم جو جنون آهي. منهنجي ساهيڙيءَ مارٿا مون کي چانهه-نوشيءَ جو سهڻو اِنگلستاني سيٽ موڪليو آهي. ڊاڪٽر لئنسي ڪيسٽر ۽ ڊاڪٽر ٽسل، جنهنجي نظرداريءَ هيٺ مان ڪم ڪندي آهيان، ٽن چاليهن ڊالرن جي ملهه وارو سهڻو ڪتاب ڏنو اٿم؛ طبي آفيس جي سيڪريٽرين عمدي پائوڊر جو دٻو موڪليو آهي، ٻئي هڪ وري بخملن جي بوجڻن وارو سهڻو ڪتو (رالديڪو) ڏنو ۽ مسز ويلشاير جا ڪجهه وقت اسپتال ۾ منهنجي نگهبانيءَ هيٺ هئي، تنهن هڪ سلڪ جو گلابي رنگ جو ڪڙتو موڪليو آهي. ڊاڪٽر ڪيسٽر وري جدا فرانسي عطر جي وڏي شيشي ۽ سڪي ميوي وارو ڪيڪ موڪليو. ٻيون به گهڻيئي ننڍيون وڏيون شيون اچي ڳڏ ٿيون آهن ۽ اِنهن سان منهنجي ڪمري جي وچ تي پيل ميز جنسي جهنجهي پيئي آهي.

(١٣)

نيويارڪ،
٢٥ مارچ ١٩٦٧ع

پيارا دادا،

اَوهانجا خط ۽ هڪ تار پهتي. گهر جي سڀ خبرچار معلوم ٿي. لفافي ۾ جي توهان فوٽا موڪليا سي به پهتا.

ياڏيجي ونود جا فوٽا خاص وڻندڙ هئا. هاڻي ونود فوٽن مان چڱو سمجهُو بار پيو لڳي. جنهن فوٽي ۾ ونود مونا سان ٻانهن ٻانهن ۾ ملايو بيٺو آهي، سو مونکي ڏاڍو وڻيو. ٻين سيني جا فوٽا ته مونکي ملي چڪا آهن، باقي مميءَ، نموءَ، گوپال ۽ ٻبوءَ جا تازا ڪڍايل فوٽا ڏياري موڪليوم ته ڏاڍو سٺو. اَوهان وٽان تار اچڻ تي البت اَچرج لڳم، ڇو ته ڪجهه ڏينهن ٿيا ته اندر ۾ الائجي جو هڻ ڪڻ پئي ٿيم ته گهران تار ٿي اچي، ۽ سچ پچ تار اچي سهڙي! توهانجي تار اچڻ تي مون بروقت ئي بئنڪ وارن کي دانهن ڏني ته اِهو چا ڪندا آهيو جو بمبئيءَ چيڪ ڏياري موڪليو اٿو مئنيجر جي صحيح بنا!! هنن چيو ته اسين جاچ ڪريون ٿا ۽ بمبئيءَ وارن کي تار رستي هدايتون ٿا موڪليون ته جيتوڻيڪ چيڪ تي مئنيجر جي صحيح ٿيل ڪانهي ته به هوُ اسان جي تار جي زور تي چيڪ جا پئسا ڏين. اوهان کي عجب لڳو هوندو ته چيڪ هيئن ڪيئن موڪليو ويو

هن حالت ۾ موٽر گاڏي هلائڻ خطري ڀري ٿيندي. متان وري اِهو به اِمڪان آهي ته ريل، بس، وغيره جا ڀاڙا وڌائڻ لاءِ شايد اِسٽرائيڪ ٿئي. اڳئين سال به ائين ٿيو هو. شاباس ڊان کي آهي جو پنهنجو پاڻ مون کي چيائين، ”تون ڪو به فڪر نه ڪج. اسٽرائيڪ ٿي ته مان توکي گهران موٽر ۾ ڪٽيندي ايندس ۽ موٽڻ مهل گهر پهچائيندي ويندس.“ اهڙي ٻي هر دلعزيز ساهيڙي، سائي وري پرديس ۾، ڪنهن کي ملي سگهندي!

هيل خط ڇڱو وڏو ٿي ويو آهي، اِنڪري وڌيڪ ٻئي دفعي.

پيارن مان،
ڪملا.

وڌيڪ عمديون موڪليون اٿو. موڪل ڏيڻ لاءِ وڏي مهرباني.

مون ڊاڪٽر لئنسي ڪيسٽر وٽ ڏڪ گهٽ ڇهه مهينا ڪم ڪيو آهي. هوءَ ڄبري مائي آهي. اَهڙو جهڙو ڪم اصل پسند ڪين اَچيس ۽ پنهنجو رايو روڪ ٽوڪ منهن تي ڦهڪايو ڏئي. اَسانجي آخرين اِمتحان جا پيپر پڻ ڪيس جاچڻ لاءِ ملندا آهن. تازو هن مونکي پاڻ وٽ سڏايو ۽ چيائين، ”مونکي تنهنجو ڪم ڏاڍو وڻي ٿو. تون اسانوٽ اڃا ٻه سڄو سال ڪم ڪندينءَ؟“ منهنجو منهن سڄ پچ ٽڙي پيو. مون ڪيس چيو، ”آڪٽوبر تائين مونکي پنهنجي سر ڪم ڪرڻ ڏيو. تيستائين منهنجا ٻه سال پورا ٿيندا. پوءِ ٽيون سال مان توهان وٽ خوشيءَ سان اَچي ڪم ڪنديس.“ ڊاڪٽر ڪيسٽر چيو ته جي ائين آهي ته مان ڊاڪٽر اِسٽرئنس سان هن باري ۾ ڳالهه ڇوريان؟“ مون چيومانس، ”ڀلي اَوهين ڳالهه ڪيوس.“ ڊاڪٽر اِسٽرئنس هڪ ٻيو نيڪ اِنسان آهي. هن مونکي جڏهن جيڪي سکڻ تي دل ٿي آهي، تڏهن سهوليت ڪري ڏني آهي. هو پڻ مونکي ويجهڙائيءَ ۾ گڏيو هو ۽ ٻڌايائين ته ڊاڪٽر ڪيسٽر جي رٿ بحال ڪئي وئي هئي. وڌيڪ چيائين، ”توکي اَميريڪا ۾ رهڻ لاءِ پنجن سالن جي رخصت آهي. تنهنجو ڪم ٽن سالن ۾ پورو ٿيندو. تون اسان وٽ ٻيا ٻه سال به ڇونه رهين؟ اسين توکي اُنجو عمدو اُجورو ڏينداسين.“

هو، سو بہ آميريڪا جهڙي ڪماليت تي رسيل ملڪ جي ناميارِي شهر نيويارڪ جي ناميارِي بئنڪ مان!! پر، دادا، هتي بئنڪن ۾ گهڻو اَنڌ ڌنڌ متو پيو آهي ۽ بئنڪ اَڪائونٽ جي حساب ڪتاب تي جاچ رکڻي ٿي پوي!! ڪيترا دفعا پئسا هڪ جا ٻئي جي اڪائونٽ ۾ داخل ڪيو ڇڏين ۽ وقتي ٻين جا ڪڍايل پئسا اوهان جي اڪائونٽ ۾ اٽڪايو ڇڏين!! خير، سڀ جلد ٺيڪ ٿي ويندو. خيال نہ ڪندا.

مسٽر بيلاٽي، جنهن هتان پارسل موڪليو، سو گوپال سان اسڪول ۾ جيڪو ڪشور بيلاٽي پڙهندو هو اُن جو ڀاءُ آهي. واه جو وقت سر شيون پهتيون. مونکي چمپل جي خاص ضرورت هئي. اِتان جيڪي چمپل کڻي آئي هيس سي سڀ پائڻ کان ٿِي ويا پيا هئا. تنهنکان پوءِ توهان ۽ مونا جيڪي چمپل موڪليا، سي پڻ ڏئي وٺي چڪا هئا. هڪڙو نائگرا آبشار پيري ڦاٽِي پيو، ٻئي جي ڪڙِي نڪري آئي ۽ ٽيون پڻ ڪم آڻڻ سبب گسي پورو ٿي چڪو هو. اوهانجو موڪليل چمپل چڱو مضبوط ۽ وڻندڙ پيو لڳي. سوپاريون ۽ پان مصالحو بہ ڀلي موڪليو. هتي هندستانين توڙي آميريڪن لوڪن کي پان مصالحو خاص پسند آهي. مون وٽ جيڪو مصالحو هو سو اڄي ختم ٿيو هو، ڇاڪاڻ تہ ساهيڙين، وغيره اِهو وڏي شوق سان ورتايو هو. سوپاريون، جي خاص طور مونکي وڻنديون آهن، سي پڻ هن دفعي

مميءَ کي چئجو تہ مونکي سندس چٺي پهتي، جنهن ۾ منهنجي لکڻ موجب، طعام تيار ڪرڻ نسبت صلاحون ۽ نسخا موڪليا اَٿس. هتي جي ماڻهن کي اَسانجو رڌو ڪيو ڏاڍو وڻي ٿو. مون مميءَ جي ڏنل ڏس پٽاندڙ ٻہ دفعا ڪيمو ناهيو. منهنجين ساهيڙين ڊان ۽ بلئيءَ، توڙي ڊاڪٽر منٽيئر کي اهو ڏاڍو وڻيو ۽ ٻئي پيرا سپ چپ چٽي اُٿيون. مون ڪڙهي توڙي گوشت پڻ ناهيو، جي پڻ سڀني کي ڏاڍا وڻيا. مون اِن ڪري ڊاڪٽر ڪيسٽر کي پڻ پاڻ وٽ کاني جي دعوت ڏني. ۾ هن چيو تہ پهرين تون منهنجي مهمان ٿيءُ تہ پوءِ مان تو وٽ ضرور اَچي ماني کائيندس. هوءَ مونکي هوٽل تي وٺي هلي ۽ پوءِ منهنجي ليندي قبوليائين. هنکي پڻ منهنجو رڌل کاڌو ڏاڍو پسند آيو. مان مميءَ کي جلدئي سندس چٺيءَ جو جواب ڏيندس ۽ اُن ۾ سندس ٿورا مڃيندس، پر تيستوڻي توهين مون پاران کيس ”ٿئنڪس“ ضرور ڏجو. سندس کاڌي بنسبت فرمائشون ۽ نسخا ڏاڍا ڪارگر ۽ ڪارائتا ثابت ٿيا آهن. هرڪو مهمان ماني کائي خوش ٿيو وڃي.

مان بلڪل مزي ۾ آهيان ۽ اُميد تہ اَوهين سڀ نيڪ ٺاڪ هوندا.

پيارن مان،
ڪملا.

مون هڪدم ڪيس ڪو به جواب ڪونه ڏنو، نڪي ڪي اوهان سان سڌيءَ طرح ڳالهه ڪيم، ڇو ته اَڳ هوم ته اوهان کي هيءَ ڳالهه پسند ڪين ايندي. پر جڏهن ته اَوهان مونکي ٻه سال وڌيڪ رهڻ جي رخصت ڏني آهي، تنهن ڪري هاڻي بنا هٻڪ اوهان کي سچي حقيقت ٻڌائي رهي آهيان. ڊاڪٽر ڪيسٽر جو مون سان دل سان ڳالهه ڪئي ته مان وٽس وڌيڪ وقت رهان ته اُن جو وجهه وٺي مون ڪيس هڪ ڳالهه چئي. هونءَ تہ اسانجو امتحان هر سال جون مهني ۾ ٿيندو آهي ۽ اِنهيءَ حساب سان مونکي جون ١٩٦٩ع ۾ امتحان ڏيڻو پوندو، جيتوڻيڪ مان پنهنجا ٽي سال آڪٽوبر ١٩٦٩ع ۾ پورا ڪنديس. مون ڊاڪٽر ڪيسٽر کي چيو ته هوءَ مونکي ڇهن مهنن جي رعايت وٺي ڏئي، جئن مان جون ١٩٦٩ع ۾ امتحان ۾ ويهان، نہ ته مونکي ڇهه مهنا اَجايا وڃائڻا پوندا. هن چيو ته هوءَ ڊاڪٽر لومن سان اِن باري ۾ صلاح ڪندي ۽ خاطري ڏنائين تہ منهنجي مرضيءَ مطابق ڪم ٿي ويندو. هوءَ ڊاڪٽر لومن سان گڏي ۽ سندس سفارش تي منهنجي بمبئيءَ جي جي. جي. هاسپيٽل ۾ ڇهه مهنا هڏن جي ڪالي ۾ ڪم ڪرڻ ڪري اِهي ڇهه مهنا ليکي، مونکي جون ١٩٦٩ع جي امتحان ۾ ويهڻ ڏنو ويندو. اِها نهايت دل ڏهڙڻي ڳالهه چئبي. عام ريت هنني ائين رعايت ڪين ڪئي ويندي آهي.

اَڄ سينيٽر رابرٽ ڪينيڊيءَ کي واشنگٽن ۾ دفنايو ويو. هنجي خون ٿي وڃڻ ڪري ماڻهن ۾ سخت جوش ۽ تاءُ آهي. سندس مرتڪ سرير ريل رستي نيويارڪ مان واشنگٽن نيو ويو. رستي ۾ سڀني اِسٽيشنن تي ماڻهن جي پنهنجي هر دلعزيز اڳوان جي آخرين ديدار ڪرڻ لاءِ ايڏي ته پيهه لڳي پيئي هئي جو لاچار ريل وارن کي گاڏي هرهنڌ بيهارڻي پيئي ۽ اِنڪري گاڏي واشنگٽن ۾ سڄا سارا چار ڪلاڪ دير سان پهتي. هتي جا ماڻهو هن خون سبب جنسي بانولا ٿي چڪا آهن.

هن نيويارڪ واري جاءِ ۾ آئي مونکي ڏڪ گهٽ اڇي سال ٿيو. ۾ پنهنجي جو رنگ ۽ درن درين ۽ ڪاٺ جي سامان جو روغن اڇا ستو بيٺو آهي. منهنجي گهر جو فرش ڪاٺ جو بدل آهي، جنهنکي ۾ پيرا ميڻ جو هٿ ڏيڻو پيو اَٿم. مان هرهفتي ڇنڇر آرتوار تي گهر جي صفائي پاڻ ڪندي آهيان. جڏن ته ڏينهن ۾ هاڻي سڦرا ٿيا آهن ته مان چڱو وقت ڪتهڙي جي ڪليل واپوُمنڊل ۾ اڇي وهندي آهيان ۽ مهمان مڙي کي پڻ اُني اڇي وهاريندي آهيان. اِنڪري بالڪنيءَ ۽ اُن ۾ پيل سامان جي صفائي ۽ ڇنڊ ڦوڪ گڏريل ڇنڇر ٿي ڪيم. هتي گهر جو ننڍو وڏو ڪم هرڪو پاڻ ڪري. هڪ ته محنت ۾ مهڻو ڪهڙو، ۽ پورهئي ۾ عيب ڪهڙو؛ ٻيو ته هتي مزور، حمال ۽ نوڪر ملن

(١٤)

نيوُيارڪ،
٢٦ جون ١٩٦٨ع
پيارا دادا،

توهانجا خط ۽ پائرن پينرن ۽ ممي ء جون چٺيون پهتيون. پڙهي سمورو حال احوال معلوم ڪيم. اڳتي پڻ ياد گيري ء کان نہ وساريندا. هون ء تہ اوهين خط پوري مهل تي لکندا پئي آيا، پر هاڻي البت دير سان ٿا لکو. دادا، خط بہ اڌ گڏ جاڻي آهي. اوهانجو خط نتو اچي تہ خيال تي ٿو پوي. خط پوري وقت تي لکندا تہ دلجاء رهندي.

اوهان جا مونکي پنهنجي ڇگيلائي جاڻائڻ بابت تار کئي، تنهنجو مطلب مان هڪدم صحيح ڪري ويس. ڊاڪٽر مارٽن ليودر ڪنگ ۽ سينيٽر رابرٽ ڪينيڊي ء جي هڪ ٻئي پٺيان خون هڻڻ جو وايو منڊل ڇڱو گنڀير بڻائي ڇڏيو آهي. ساري ديش ۾ دک ۽ جوش جي لهر ڇانئجي چڪي آهي. گورن ۽ ڪارن جا برابر ڇڱا گوڙ فساد ٿيا، پر جتي مان رهندي آهيان اُتي ڪو خاص واقعو ڪونہ ٿيو. تنهن ڪانسواء منهنجي ڊول ساهيڙي ڊان جا ويڻي آهي، سا منهنجو وار بہ ولگو ٿيڻ ڏئي ڇوٿي! توري ئي ڳالهہ هيٺ مٿي ڏسي تہ پنهنجي نيوجرسي ء واري گهر ويندي مونکي پنهنجي گهر ڇڏيندي وهي ۽ صبح جو وري گهران ونندي وڃي.

شوق وٺي ويو آهي؛ ايتري قدر جو هوُ اِهي ڪهڙي قيمت تي بہ خريد ڪا ڪن. سڄي نهرو لباس لاءِ هتي ماڻهو پندرهان سؤ رپيا خرچڻ لاءِ پڻ تيار آهن. انهيءَ پوشاڪ پهرڻ جو هتي جي ماڻهن کي جڻ سؤداءُ وٺي ويو آهي. رواجي ماڻهو اِهي وستر پهرڻ ۾ فخر پيا وٺن.

مان اَوهانکي هن دفعي خط ڪجهہ دير سان لکي رهي آهيان جو مون جڙتوُ ٽنگن ۽ پيرن جي اَپياس جو خاص ڪورس ڪيو هو ۽ اُن ۾ چڱي رڌل رهيس. اِهو ڪورس گذريل ڇنڇر تي ختم ٿيو. ڇنڇر شام جو اَهڙو ٿڪجي ٿيجي موٽيس جو ڪائڻ بہ نہ پيو اُجهي. اچا بستري تي ليٽيس مس تہ هڪدم ننڊ ڪٽي ويئي ۽ سڄا سارا ڏہ ڪلاڪ اوندهہ پيئي هيس. جڏهن جاڳيس تہ ڏهن تڪ صفا لهي ويو هو ۽ پاڻ کي تازو توانو سمجهيم. اَهڙو بيو خاص ڪورس مون گذريل سال پڻ ڪيو هو. پهرين جولاءِ کان مان ٻارن جي هڏن، وغيره جي علاج واري ڪاتي ۾ ڪم ڪندس ۽ ٽن مهنن کان پوءِ يعني ٽئين سال جي شروعات ۾ ڊاڪٽر گب گولڊ جي نگرانيءَ هيٺ انساني جسم جي مشڪن جو اوُنهو اَپياس شروع ڪنديس.

ڪجهہ ڏينهن ٿيا تہ نانڪ پنهنجن ٻن سنگتين ۽ ڪٽنب جي سيني ڀاتين سوڌو مون وٽ آيو. هنکي گرين-وچ ڳوٺ جو ڪلا نماءُ ڏسڻ تي دل هئي. اِهو نماءُ جتي مان رهندي آهيان اُنجي ويجهوئي تي رهيو

کين ۽ قسمت سانگي جي ڪٽي ملي ٻه ۽ وڃڻ ته
ڪافي مهانگا، انهن جو ڪو ست ساڙي ٻه سگهي!

هيءُ جو ممي منهنجي ڏاڍي چنتا تي ڪري ۽
کو ٻه ماٺهو هيڏانهن ٿو اچي ته وٽس تي چٺي ڏوڙائي
پيا ڪري ته پاپڙ موڪليانءِ، ڪتاڻ ڪپيٽي، وغيره، سو
ڪيس چوندا ته ايڏي اون اجائي ٿي رکي. هتي سڀ
ڪجهه ٿو ملي. هتي ڪپڙو سيڊو سامان، رڌل سوادي
طعام، بلڪ اِتي جهڙا ڏندڻ پڻ ملن ٿا. باقي هڪڙي
شيءِ سا مونکي هيلتوڻي ڏسڻ ۾ ڪانه آئي آهي-
ايرانيءَ جا گرم گرم ڪارا بسڪوٽ! تنهن ڪانسواءِ هت
سڀ مال صاف ٿيل ملي. اِتي وانگر هتي چانور، وغيره
صفا ڪرڻ لاءِ نوُر نچوئڻو اَصل ڪين ٿو پوي. هتي
سڀ مال مئو، سنو ۽ ڪن حالتن ۾ اِتي کان سستو
ملي ٿو. تنهنڪري اِنهيءَ لاءِ فڪر ڪرڻ فضول آهي.
هتي پاپڙ، وڙيون، ڪچريون، مصالحا، ڪتاڻيون سڀ
آهن؛ ڪڏهن ٻه ڳالهه جي جڻ ڪوتاهي ڪانهي. مون
کي ڪجهه ٻه ڪپندو ته مان پاڻمرادو ممي کي لکي
موڪليندي پس.

هتي هڪ نئون فئشن شروع ٿي ويو آهي- هتي
جون نوجوان ڇوڪريون جواهر-ڪرتن تي ۽ جوان ڇوڪرا
جواهر-جئڪيٽن (بنڊين) تي جنسي اَکين چکن ٿي
پيا آهن. هر قسم جي ڪپڙي مان ڪرتا ۽ بنڊيون پيا
تيار ڪيا وڃن ۽ وڪامجن. سيني کي اِنهن بهرڻ جو

(١٥)

نيو يارڪ،
٢٢ سيپٽمبر ١٩٦٨ع

پيارا دادا:

اُميد ته اوهين سڀيئي خوش چڱا ڀلا هوندا. مان هتي بلڪل مزي ۾ آهيان.

مونکي هتي آئي لڳ ڀڳ ٻه سال ٿيا. ڪجهه مهنن کان مونکي اوهان سڀني سان گڏجڻ تي ڏاڍي سڪ هئي. دل اُهڙي کڄي بيٺي، جو مون وڃي ڊاڪٽر اسٽرئنس سان ڳالهه ڇوري. ڪانئس پڇيم، "مونکي مهنو ڪي موڪل ملي سگهندي؛ اُوهين ته سال ۾ فقط پندرهان ڏينهن موڪل ٿا ڏيو!" هن ڏاڍو وڻندڙ رخ ورتو. پڇيائين، "پندرهن ڏينهن کان وڌيڪ موڪل ڇا ڪندينءَ؛ وقت وڌي ڪين پوندءِ؟" جيڪي دل ۾ هوم سو چئي ڏنومانس. هن يڪدم چيو، "جي ائين آهي ته تنهنجي موڪل ضرور منظور ڪبي. پر تون جو هيڏي پند تي مائٽن ۾ ٿي وڃين ته توکي ضرور پئسن جي گهرج ٿيندي. مان آفيس کي چوان ٿو ته موڪل واري مهني جي پگهار توکي اڳواٽ ڏني وڃي!" هنجو همدرداڻو رخ مونکي ڏاڍو وڻيو ۽ مون سندس تهدل ٿورا مڃيا.

بس، اُن کانپوءِ ته گهر موٽڻ جي تيارين ۾ لڳي ويئي

هو. نمائُ ڳوٺ جي پانڊيئڙن لاءِ پيچڙن جي ٻڙ ۾ ڪيو
ويو هو. نمائُ ۾ هر قسم جي چترڪاري نظر پئي آئي.
ڪي چتر پاڻيائن رنگن ۾ هئا، ڪي روغني رنگن ۾؛
ڪي چتر ڪاٺ تي نڪتل هئا، ڪي پٿر تي،
ڪي چانديءَ تي ته ڪي وري ٽامي تي نڪتل هئا.
هيءُ نمائُ ٻن هفتن لاءِ ڪيو ويو آهي. وچتر ڪلا جو
نمائُ ته واهه جو هو، پر چتر سڀ ڪافي مهانگا هئا-
گهٽ ۾ گهٽ ٻي سئين رپئي؛ پر ڪي ته ڏهين هزار
رپين قيمت جا ٻڙ هئا.

مون اوهانکي اڳي اُلائجي لکيو آهي ڪين نه، پر
اوهان جيڪي سنڌي رڪارڊ مونکي موڪليا، سي
مونکي ڏاڍا وڻيا، خاص طور ڀڳت ڪنورام، ماستر
چندر ۽ پروفيسر پنجواڻيءَ جا. مان اِهي هر روز ڏل
سان ٻڌندي آهيان ۽ منجهائن ڏاڍو رس ايندو اٿم.

وڌيڪ سک. مون لاءِ ڪو ڪم ڪار هجي ته
هڪدم لکندا.

پيارن مان،
ڪملا.

توهان ۽ مميءَ کي ته ڪا به جهل پل ڪانهي. ڪجهه به لکندا ته پهرين اوهين. مون توهان لاءِ ٽائيپ رائيٽر ته خريد ڪيو آهي. هونءَ جو اوهين ٻين کي وات وجهو ته هيءُ خط يا ليک ته ٽائيپ ڪري ڏيو، اُنڪان هميشه لاءِ ڇٽي پوندا. تنهن ڪانسواءِ ڪم پنهنجي مرضيءَ موجب پڻ ٿي سگهندو، جڏهن به ۽ جٿي چاهيو! ٽائيپ رائيٽر جي ٽائيپ به نئين قسم جي پسند ڪئي اٿم، جا اَوهانکي ضرور پسند ايندي. مون توهانکي ڪيترا پيرا ٻڌي لکيو آهي ته پنهنجي قميص جي ڪالر، وغيره جي ماپ موڪليو، پر اوهان اها ڳالهه ٻڌي اَڻٻڌي ڪري ڇڏي آهي، اُنجي اوهان اصل ورندي ڪانه ڏني آهي، جنهن ڪري ان باري ۾ مان وڌيڪ وس هلائي نٿي سگهان. اڃا به جي لکي موڪليندا ۽ خط وقت سر پهچي ويو، ته ڪجهه نه ڪجهه اوهان جي پائڻ لائق ڪٽي ايندس.

مميءَ لاءِ ڪجهه ساڙهيون ورتيون اَٿم. تنهن ڪان سواءِ هوءَ جو سڄو ڏينهن رانڌڻي ۾ ڳبيٺي پيئي آهي، سو سندس سهوليت ڪاڻ هڪ بجليءَ تي هلندڙ پيسڻي ورتي اٿم، جنهن ۾ هوءَ ڪجهه به سولائيءَ سان پنهنجي مرضيءَ مطابق ٿلهو يا سنهو پيهي سگهي ٿي. هاڻي ممي چٽڻي، ڏهيوڙا، وغيره آسانيءَ سان ۽ ترت تيار ڪري سگهندي. مميءَ لاءِ هڪ نئين اِستري پڻ خريد ڪئي اَٿم. هونءَ به گهر ۾ هيترن ڄڻن ڪاڻ هڪ استري

آهيان. پنهنجي اُچڻ جو ڪنهن کي به اطلاع ڪونه ڏنو اٿم. گهڻي ڀاڱي سڀني کي هاڻي ٿي لڳان. اِنهيءَ لاءِ خاص سبب اِهو آهي ته جيڪڏهن هر ڪنهن کي اچڻ جي خبر پهچي ويندي ته هر ڪنهن جي دل سڙڪندي- سڌ ساهيڙيءَ جي، اوڙي پاڙي وارن جي ته ولائت جي سوکڙيءَ جهڙي ڪا ٻي چيز! پر مون لاءِ ته اِها ڳالهه منهنجي وت کان ٻاهر ٿي ويندي. سيڪا شيءِ پئسو ٿي ڪائي. مون ڪجهه ناڻو بچايو برابر آهي، پر ايترو نه جو اُجهل خرچ ڪريان. پهرئين سال ۾ جيڪي بچايم تنهن مان گهر ٺاهيم. دادا، گهر ڪيڏو به ڪٽي نديو هجي، پر اُن جي سهيڙ ڇا ٿئي گهڙي!! خير، هن سال جيڪي ڀاسيرو ڪري رکيو اٿم، تنهن مان ئي ته اچڻ وڃڻ جي سڄي خرچ جو پورائو ڪرڻو آهي. فقط پاڙي ٻلي ئي لڳ ڀڳ هزار ڊالر لڳي ويا آهن. تنهن کانسواءِ ڪجهه خريداري به ڪئي. گهڻي ڀاڱي ته ڪري چڪي آهيان، تنهن مان سڄي خرچ جو تخمينو لڳائي سگهان ٿي. گهر جا ڀاتي ته جنسي جيءَ سان جڙيا پيا اٿم. ڀائر به ڪي ڪنهن کان وسريا آهن! آٺيون پڻ مڙيئي چت تي اٿم- اُجمير واري، دهليءَ واري، سشيلا، سندري. ماسي به جڳه جهان ۾ هڪڙي اٿم ۽ اُنجون به- ڏيئر- ڪمليش ۽ اِندو. هڪڙوئي سڪيلڌو ڀاڻيجو ونود ۽ هڪئي ڀيڻيو ته اٿم. سڀني لاءِ سوچي ڪجهه نه ڪجهه ڳڌو اٿم. باقي

چيز، سوُپ ۽ ڪافي؛ ۽ شام جو گهر موٽڻ تي جيڪي دل چاهيندي آهي سو ڪري کائيندي آهيان ۽ اُنسان گڏ ميوو پڻ. تنهن کانسواءِ ميوي جي رس پڻ پيئندي آهيان. ڪاڏي پيتي هتي چو ويندي يس؟ اوهانکي شايد هتيل لڳندي هجان چاڪاڻ جو هتي پوشاڪ اَڪثر بدن سان چهتيل ۽ ڪي قدر ڏيگهه ۾ ننڍي پائڻ جو رواج آهي. باقي هونءَ ته مان پاڻ کي بلڪل ٺِيڪ ۽ تندرست ٿي سمجهان ۽ اِن باري ۾ اوهان کي ڪا به چنتا ڪرڻ نه گهرجي.

جڏهن خط پئي لکيم ته نانڪ ايئر اِنڊيا جي نيويارڪ کان دهلي ۽ واپس نيويارڪ جي ٽڪيٽ ڏيئي ويو. مان هتان ايئر اِنڊيا جي فلائيٽ نمبر ١٠٦ واري بوئنگ ٧٠٧ هوائي جهاز رستي بڌر ٢ آڪٽوبر تي شام جو ساڍي اُنين بجي رواني ٿيندي يس. اِهو جهاز لنڊن، فرئنڪفرٽ، روم ۽ ڪئيٽ ۾ بيهندو، جمع تاريخ چوٿينءَ سويل اَسر جو بمبئيءَ پهچندو. وڌيڪ چا لکان. گهر اچي رهي آهيان.

پيو سڀ روبرو.

پيارن مان،
ڪملا.

ڪافي ناهي. هن نئين استريءَ ۾ باقي سان ڪپڙن استري ڪرڻ جو بندوبست رکيل آهي، جنهن ڪري ڪهڙي به ڪپڙي کي استري ڪندي اُن تي ڪوبه اُلٽو اثر نه پوندو، نه وري ان ۾ ڪو ڪپڙي جي سڙي وڃڻ جوئي ڪو اِمڪان آهي. باقي ٻين لاءِ جيڪي ڪجهه ورتو اَٿم سو ته پاڻ اِتي اَکين سان ڏسجو.

ڪجهه ڏينهن ٿيا ته نانڪ، سشميتا ۽ سندن ٻارن سان گڏجي پئليسيڊس ونڊر پارڪ ۾ وئي هيس. واهه جي ونڊر لڳي پئي هئي. اَهڙو تہ مزو آيم جو پاڻ کي وري ننڍو ٻار سمجهي ميريگورائونڊ، آڪاس وماڻ ۽ طوفان-چڪر ۾ وڃي چڙهيس! فقط هڪ اَرمان رهجي ويم- ڪئميرا (تصوير-چڪڻي) کڻڻ وسري ويم، نه ته واهه جا فوٽا ڪڍي اچان ها.

اَوهان لکيو آهي ته منهنجن موڪليل فوٽن ۾ مان ڪجهه هٺيل ٿي لڳان. مان ته ڳري اصل ڪانه وئي آهيان. منهنجو وزن سال لاڪر ساڳيوئي آهي. اَوهان جي خط سبب مون وري ڪالهه پنهنجي تور ورتي ته ساڳي سؤ ڇهه رتل ئي ٿي. اوهان کي اجايو خيال ٿي پيو آهي. مان پاڻ تي خرچ پکي ۾ خير ڪا ڪفايت ڪندي آهيان. ننڍي هوندي جو پڙهيو اٿم ته "جيءَ خوش، ته جهان خوش"، سو پاڻ کي ڪس ڇوٽي لايان! مان ته خوب کائيندي پيئندي آهيان- صبح جو چانهه تي ڪيڪ تہ ضرور کان؛ منجهند جو ٽوسٽ، بيدا،

ڪندا آهيو ۽ اها ترتيب ٻڌڻ تي، وڏيڪ آپتار ڪرڻ بنا، جهٽ ۾ اڪيلايءَ ۾ مان سامان نيئي، ٻاهر آيس، جتي منهنجي ساهيڙي ڊان ۽ ڊاڪٽر آيل، جي مونکي وٺڻ لاءِ آيل هئا، سي مونکي گڏيا. منهنجي ساهيڙيءَ کي منهنجي ايڏي ته اوسڻ هئي، جو ٿڌ ڪان ٻچڻ ڪاڻ هوءَ مون لاءِ گرم ڪوٽ کڻي آئي هئي. پوءِ ته هنجي موٽر ۾ چڙهي، گهر ڏانهن رخ رکيوسين. ڊان مونکي گهر ڇڏي، ٻاڻ نيو جرسيءَ هلي ويئي. مان به جا ٿڪل هيس، سو جيئن تئن سامان پاسيرو رکي، وڃي هند تي ليٽيس. اکين ۾ اک لڳي ويئي، تانجو وري صبح جو جاڳ ٿي.

روزمره موافق سهي سنيري مان اسپتال ڏي راهي ٿيس. مونکي جيتوڻيڪ انهيءَ ڏينهن ڪم تي چڙهڻو هو، تہ به منهنجي وڏي ڊاڪٽرياڻي ڏنسي ڪيسٽر سيني کي چئي ڇڏيو هو ته جئن ته مان لنبي مسافري ڪري اچي هيس، تنهنڪري جيڪڏهن ٻهرئين ڏينهن مان غيرحاضر به رهان ته اُنکي نظرانداز ڪيو وڃي، ۽ جي ڪٿي اچان به ته اُن ڏينهن مون تي سچي ڪم جو بوجو هڪدم نہ وڌو وڃي. اها ڊاڪٽر ڪيسٽر جي ڀلائي چئبي. پر رات جو جا سني ننڊ ڪري آئي هيس، تنهنڪري مان هميشه موافق سولائيءَ سان ڪم کي جنبي ويس. اسپتال جا سڀ ڊاڪٽر مون سان ڏاڍي حب سان اچي گڏيا ۽ انهيءَ ڪري وايو منڊل ڏاڍو وڻندڙ بڻجي پيو.

(١٦)

نيوُ يارڪ،
٢٥ ڊسمبر ١٩٦٨ع
پيارا دادا،

اُميد ته اوهين سڀ خوش چڱا ڀلا هوندا. مان بلڪل مزي ۾ آهيان. مان هت سک سان پهتيس. هوائي جهاز نيو يارڪ هوائي اڏي تي مقرر وقت کان ڇهه ڪلاڪ دير سان پهتو، ڇاڪاڻ ته لنڊن کان ئي دير سان ڇٽو هو. هيل مسافريءَ ۾ ڪو خاص مزو ڪونه هو. هوائي جهاز مسافرن سان ڪافي ڀريل هو، جنهن ڪري ٽنگون ڊگهيرڻ جو به موقعو نه مليو. ان ڪري هيڏي لمبي مسافري سنئين ڪنڌي ڪرڻ ڪري ٿڪ ڪافي ٿيو، پر رات جي گهري ننڊ ڪرڻ سان سڄي ٿڪاوٽ غائب ٿي ويئي؛ جڻ ٿي ئي ڪانه هئي. هوائي اڏي تي ايئر انڊيا جي ڪنهن عملدار سامان ڏيوڻ لاءِ ٽرالي آڻي ڏني، جنهن ڪري مان بنا اهنج پنهنجو سامان ڪسٽم ۾ جاچائڻ لاءِ کڻي آيس. اتي پڻ ڪسٽم آفيسر چڱو مڙس هو، جنهن سڀ ڪجهه مڃيو ڏنو ۽ بنا اعتراض سامان کڻي وڃڻ ڏنو. هونءَ نه ته پاپڙ، ڪچريون ۽ اهڙين شين آڻڻ تي البت رد بدل ٿيندي آهي. سچ ته اِهي کڻي اچڻ تي منع آهي. پر ڪسٽم واري مونکان فقط پڇيو ته پاپڙ، ڪچريون ڪيئن تيار

جن اِهي عضوا وڌيڪ ڪارگر ڪرڻ خاطر ڪي اُصول
سمجهڻ ٿي گهريا. عام طرح هيءُ ليڪچر اِسپتال جا
ٻڪا ڊاڪٽرئي ڏيندا آهن، پر هن دفعي ڊاڪٽر
ڪيسٽر جي خاص هدايت موجب اِهو ڪم مونکي سونپيو
ويو. جيتوڻيڪ مون اَڃا پنهنجو ڪم پورو ڪري اِمتحان
پاس نه ڪيو آهي ۽ مان پڪيءَ ريت هن طبي مرڪز
جي ڊاڪٽر مقرر نه ٿي آهيان. ڊاڪٽر ڪيسٽر جو مون
۾ ايڏو ايمان ٻجهي ويو آهي جو اِهو جوابداريءَ جو
ڪم مونکي ڏياريو اٿس. انهيءَ لاءِ مونکي جدا پئسا
ملندا. ڪلاڪ پاڙهڻ لاءِ ٻه سؤ رپيا يعني ٢٥ ڊالر.

هيءَ ناتال جي موسم آهي. ڪافي ٿڌ آهي، پر ناتال جو
رونشو انهيءَ ڪري ڪو گهٽيو ڪونهي. مان ڪالهه
رات جو راڪفيلر سينٽر ۾ "ناتال جو وڻ" ڏسڻ ويئي
هيس. واه جو ڇهڇٽو لڳو پيو هو. ايڏو ناتال جو وڻ
ٻيو ڪٿي به ڪونه نظر ايندو. بتين جي عمدي جهرمر
لڳي پيئي هئي، مٿان جو برف پئي وسي، سو رونق ئي
بدلجي وِيئي هئي- جنسي پرستان جو نظارو پئي لڳو. مون
انهيءَ نظاري جا فوٽا ڪڍيا آهن ۽ جڏهن ئي اِهي ڌوپجي
ملندا ته اَوهان ڏي اِهي موڪلي ڏيند يس. جيتوڻيڪ
هتي هن موسم ۾ سنهي برف لاڳيتو پوندي رهي ٿي
۽ هوا پڻ طوفاني لڳي ٿي، جنهن ڪري ٿڌ ڪافي وڌي
ٿي، ته به نظارو هميشه ڏسڻ وٽان رهي ٿو. گذريل
آرتوار تي ڪافي برف پيئي ۽ واءُ پڻ تکو لڳي رهيو

هر روز ڪجهه وقت بچائي مون گهر جي صفائي ذري گهٽ اڌي پوري ڪئي آهي. باقي پڌر اڃا رهيل آهي، جو پڻ جلد اُجرو ٿي ويندو. ڪجهه وقت گهر جي پاتين سان گڏ گذارڻ ڪانپوءِ جو هتي اَڪيلو رهڻ شروع ڪيو اَٿم، ته البت پاڻ کي ڪجهه اُباڻڪي ٿيئي سمجهان. پر وقت گذرڻ سان سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. جيئن ٻه سال پورا ٿي ويا، اُتي ٽيون سال پڻ سک سان گذري ويندو.

مونکي رهيل تنخواه جو چيڪ مليو ۽ هن نئين سال ۾ اضافي جو اطلاع پڻ پهتو. ٻڌجي پيو ته جلد پگهار وڌايا ويندا، جنهن ڪري مونکي ساليانو ڏهه هزار ملندا.

مان اِتي هيس ته نانڪ مسند سان موٽر جو حادثو ٿيو. هوُ اُن وقت سگهرو ٻارن سو و موٽر ۾ هو. قسمت زور ٿي ڏنيس جو سيني کي مٿاڇرا ڌڪ لڳا، باقي موٽر کي چڱي چوٽ آئي؛ ۽ انهيءَ ڪارڻ ئي نانڪ مونکي هوائي اَڏي تي وٺڻ ڪين آيو، چاڪاڻ ته سندس موٽر اڃا ڪارخاني ۾ آهي. موٽر حادثي جي نانڪ جي سهڙي سان ڳالهه نه ڪجو چاڪاڻ ته هنکي ڳڻتي وڌي ويندي. نانڪ اِن ڪري ڪيس ڪونه لکيو آهي. اَوهان کي ٻڌي خوشي ٿيندي ته نانڪ کي ڌيءَ ڄائي آهي.

مونکي تازو ڪن سيڪراٽن کي ليڪچر ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو. اِهي سيڪراٽ ڌارين عضون جا واپاري آهن،

(١٧)

نيويارڪ،
١٧ فيبروري ١٩٦٩ع
پيارا دادا،

اُميد ته اوهين ۽ گهر جا ٻيا سڀ پاڻي مزي ۾ هوندا. مان هتي زور وٺي آهيان. ٻڌجي پيو ته اسان جو پيتو جلد وڏو آهي. پوءِ ٻه ٻارڻ کي زور نه سمجهان ته اهو ٿيو بي شڪر ٿيڻ!

ڪم تان موٽڻ تي ٽپال جو خانو کوليم ته ٻه تارون ڏٺيم. مون کان ته جنسي ڇرڪ نڪري ويو. جيستائين تارون کولي پڙهان، تيستائين سڀني قسمن جا خيال اُڀري آيا- آخر خير ته هو! تارون پڙهي سامت جو ساهُ کنيم. مونکي سمجهه ۾ ڪين ٿو اچي ته منهنجا خدا اوهان کي ڇو ڪين پهتا آهن! خط مون پنهنجن هٿن سان ٽپال ۾ وڌا آهن. اِئين نه ٿي ٿو سگهي ته سرنامي لکڻ ۾ ڪا ڀل ڪئي هجيم. گهر ٻه ڪنهن کان ڪڍهن پڌيو آهي! باقي ٽڪلين گهٽ هڻڻ جي حالت جي ڀل ٿي سگهي ٿي. پر ان ڪري خط غائب ڪيڏانهن ٿي ويندا! هتي ٽپال کاتي جي رسم آهي ته ٽڪلين گهٽ لڳل هجڻ جي حالت ۾ خط موڪليندڙ کي واپس ڪيو ويندو آهي ۽ ڪيس آگاه ڪيو ويندو آهي ته ڪيتري جون ٽڪليون گهٽ لڳل آهن. رولو اُتي جي ٽپال کاتي

هو، ته ٻه ڊريءَ جي شيشي مان ٻاهر نهارڻ تي واڌ جو لڦاءُ نظر آيو. ڪيترا ماڻهو اوني ڪپڙا پهري گهمڻ ڦرڻ نڪرندا آهن. ههڙي ٿڌ هوندي ٻه مان ڪالهه پاڻ کي چڱيءَ طرح ويڙهي سيڙهي ڪم تي ويئي هيس. ڪيترا ڊاڪٽر ڪم تي اچي نه سگهيا هئا ۽ گهڻا بيما پڻ علاج لاءِ ڪين آيا. هيءُ منهنجو هتي ٽيون سيارو آهي ۽ اِن ڪري مان سياري جي ٿڌ ۽ اِن سان لاڳو مسئلن تي هري ويئي آهيان.

وڌيڪ سڪ.

پيارن مان،

ڪملا.

قلم تازو: نئين تنخواه جو چيڪ اِڄهو هينئر مليو اٿم، جنهن مان ڏسجي ٿو ته هن سال مونکي يارهان هزار ڊالر ملندا.

ڇڏيو. هن طوفان سبب ئي ليکوُ اوهانجيون مون لاءِ
موڪليل شيون اَنجام موجب آرتوار ڏينهن پهچائي نه
سگهيو. رستن تي آمدرفت صفا بيهجي ويئي. اِها
روبڪار ٽي ڏينهن هلي. مان به سومر ڏينهن ڪم تي
ڪانه وڃي سگهيس. شهر جي صفائي کاتي جا ماڻهو
جو رستن ۽ گهٽين مان برف هٽائڻ ۾ جنبي ويا هئا
ته رستن جي پاسن کان گهرن جي گند ڪچري جا اَنبار
لڳي ويا، جنهن ڪري شهر هونءَ کان به وڌيڪ بڇڙو
۽ بدزيبو بڻجي پيو. جيتوڻيڪ برف پوڻ هاڻي بند
ٿي آهي ته به رستا صاف ڪرڻ جو اطلاع ڪونه ڪيو ويو
آهي، ڇو ته ڪيتريون گهٽيون اڃا صاف ٿي نه سگهيون
آهن ۽ وري برف پوڻ جو امڪان آهي. ههڙي تند ۽
طوفان گذريل ڏهن سالن ۾ هتي جا ماڻهو ڪين سنيڙون.

طوفان ۽ برف هوندي به ماڻهن چڱي موج ورتي.
هوا ڪجهه قدر ڍري ٿيندي ئي ماڻهو گهرن مان ٻاهر
نڪري آيا ۽ برفاني بوٽ پائي ۽ ويس وڳا ڪري برف
تي گسڪڻ ۽ چڪر هڻڻ ڪي لڳي ويا. طوفان کان ڪجهه
ڏينهن اڳ، مون به برف تي گسڪڻ ۽ گهمڻ جو خوب
مزو ورتو. مان پنهنجي ساهيڙي ڊان (اُشا) جي گهر
ويئي هيس، جتان ٻئي گڏجي ٻهراڙيءَ ڏي نڪري
وياسين. جڏهن ڍنڍ تي آياسين ته ڍنڍ برف جي ٿلهي
تهه سان ڍڪجي پيئي هئي. اُشا (ڊان) پنهنجو برفاني
گاڏو ساڻ کڻي هلي هئي. گاڏي ۾ چڙهي چڱا چڪر

وارن جو ٿورو ڌيان ڏجي. نيون ٽڪليون ڏسي دل سرڪيو وڃين - ڀوءِ ٽڪليون لاهي، خط ڪچري جي ڏٻي حوالي ڪيو ڇڏين!! مونکي اوهانجي دل جي بخوبي جاڻ آهي. جيتوڻيڪ اسين پاڻ ۾ ست ڀينر ڀائر آهيون، ته به اوهانکي هرڪنهن جو ايترو اونو ۽ اوسيڙو رهندو آهي، جڻ اسان مان هرهڪ اوهانجو اڪيلو ٻار آهي!! ممي ڪين ڪڏهن ڪڏهن چوندي آهي، جيڏو وياءُ، اوڏو هنياءُ!! خطن نه پهچڻ جو مونکي ڏاڍو ارمان آهي، جنهن ڪارڻ اوهانکي هيڏي چنتا ڪڍڻي پيئي.

هيل هتي ٿڌ چڱا راڱا ڪيا آهن. هيل ٿڌ اوچتو شروع ٿي ويئي ۽ شروعات کان ئي چڱي تکي هئي، جنهن ڪري ماڻهن کي فلوءَ وچڙي ويئي. هيل توڻي فقط نيويارڪ ۾ ئي نوي هزار ماڻهن کي فلوءَ وٺي ويئي آهي ۽ لڳي ائين پيو ته پنج لک کن ماڻهن کي ته ضرور لوڙائيندي. شڪر جو مان بچي ويئي آهيان. باقي ڊاڪٽر لئنسي ڪيسٽر کي پڻ ڊاهي وڌائين. ويچاري سڄا سارا ست ڏينهن بستري ۾ پيئي رهي. بس ٻوءِ ته جڻ ٿڌ ٽٽڻ وڌ. اڳئين هفتي اوچتو اچي برفاني طوفان چڙهيو- سانده ڏيڍ ڏينهن هليو. سڄي شهر تي پندرهان سورهان انچ برف جو ته چڙهي ويو. نيويارڪ جي رونق ئي ڦري ويئي. هرهنڌ اڇ ئي اڇ لڳي ويئي. نيويارڪ جو اهو نرمل نظارو ڏسڻ وٽان هو. برف جي سفيد ته شهر جي بدزيبائي ڍڪي، انکي زيبور ڪري

ملندي هئي. تنهن هوندي به ڪيس ڪو منهنجو خاص قدر ڪونه هو. ايتري قدر جو مونکي ٻڌائڻ ڪانسواءِ هن ٻئي هڪ ڊاڪٽر کي پنهنجي ڪاتي ۾ ڪم ڪرڻ جي پڪ ڏيئي ڇڏي هئي، جڏهن ڪمري ۾ وڌيڪ ميز ڪرسي وجهڻ جي جاءِ به ڪانه هئي. پر مون جڏهن ڪيس پنهنجي بدليءَ جو ٻڌايو ته سندس منهن جو پنو لهي ويو. هاڻي مس ڪري هن محسوس ڪيو ته سندس لاءِ منهنجو ساٿ ڪيتري قدر نه ڪارائتو هو. پر ڇاڪاڻ ته مون جيڪا حجت اُٿاري هئي، اُن لاءِ وٽس ڪو به رد قد ڪونه هو، تنهنڪري منهنجي سهڪار جو ديرينو قدر ڪندي، ههڙي مغرور ڊاڪٽر پنهنجو ٻاهريون ڏڪو پاسيرو رکي، منهنجي دل وٺڻ شروع ڪئي. چيائين ته جيڪڏهن تو هن نئين علم پرائڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي ته پلئي. داخلا، وغيره ۾ ڪا به اَرچڻ ٿيئي ته بنا حجاب مون سان ڳالهه ڪج ته، مان پاڻيهي توکي ڪم راس ڪري ڏيندس!!

دادا، اُوهانکي ٻڌي خوشي ٿيندي ته امتحان وٺندڙ بورڊ مون سان رعايت ڪري مونکي هن سال جي جون واري امتحان ۾ ويهڻ جي اجازت ڏني آهي، نه ته مونکي ايندڙ ڊسمبر واري امتحان ۾ ويهڻو پوي ها، جنهن ڪري ٽن سالن جي مدي اَڳم پوري ٿي وڃڻ ڪري نتيجي ظاهر ٿيڻ تائين هتي رهڻو پوي ها ۽ اُن

هنياسين. واه جي موج آئي. ٿورا ڏينهن رکي مان
وري ڊان وٽ ويٺي هيس. هن دفعي وري برف تي
گسڪڻ جو مزو ورتم. ڀهرين ڪجهه قدر تڪليف ۽
ٿڪ ٿيو، پر گسڪڻ ۾ جو مزو هو، تنهنڪري اهنج ۽
عاجزي خاص محسوس ڪين ڪيم. ٻه چار دفعا گسڪڻ
سان سڀ ڪجهه سهنجو ۽ آسان ٿيو پوي. پوءِ وڌيڪ
مزو ۽ وڌيڪ موج لڳيو وڃي.

ٻه چار ڏينهن ٿيا ته مون ڊاڪٽر گڊ گولڊ سان ڳالهايو.
هن چيو، ”تون پلي اچي مون وٽ ڪم ڪر. مان
توکي بجليءَ رستي بدن جي مشڪن ۽ ڏورن جي چرپر
۽ انهن جا ڪارناما خوشيءَ سان سمجهائيندس.“ هن
خاطريءَ ملڻ تي مون ڪلهه ڊاڪٽر ڪيسٽر سان ڳالهه
چوري ته ڀهرين جولاءِ کان مان سندس ڪاتي مان بجلي
رستي ڏورن ۽ مشڪن جاچڻ واري ڪاتي ۾ بدلي ٿي
وينديس. ڀهرين ته منهن ٽامڻي هٽي ويس، پر جڏهن
سمجهايومانس ته پارٽ موٽڻ تي مونکي اهو علم وڌيڪ
ڪارائتو ٿيندو ۽ ڇاڪاڻ ته اهڙي ڪم تي چڙهڻ جو
آسرو مليو هوم، تڏهن ڪاوڙ ڪجهه قدر ڍري ٿيس.
هاڻ مور ڳو چنتا ويڙهي ويس ته سندس ڪم ڪير
سنڀاليندو! هيل توڻي سندس ڪاتي جو گهڻو بوجو
منهنجي ڪلهن تي ئي هو ۽ پاڻ بالم تي ويٺي هلندي
هئي. پر اهڙي جوابداري هموار ڪرڻ ڪري مونکي
ٻنهنجي ڪم ڪرڻ ۽ پڙهڻ جي ڪاب فرصت ڪانه

(١٨)

نيُو يارڪ،
٢٨ جون ١٩٦٩ع

پيارا دادا،

اَڄ ڪهڙو نه سياڳو ڏينهن ڇئبو! صبح ساڍي ٽار وارو اوهانجي شيءِ اچائن جي تار ڪٽي آيو. اَوهانکي منهنجي ڪيڏي نه اون ٿي رهي. سرڪاري طرح امتحان جي نتيجي جو پتو مونکي پوندو سيپٽمبر-آڪٽوبر ڌاري ۽ اوهانجي شيءِ اچائن جي تار تيٽري ۾ پهچي به ويئي. پر مونکي اوهانجي خبر آهي. چڱي ڪم ۾ ويرم ئي ڪين وجهو؛ تني تائي اُڪلائي ڇڏيو. اَوهان جهڙا دادا شل هرڪنهن کي نصيب ٿين. تار پڙهي ڦولي نه سمايس! ڪم تي چڙهڻ جو وقت جو اچي پريو ته جهٽ ۾ تيار ٿي گهران نڪتيس، پر نيپال جي پيٽي ضرور ڏنيم. صندوق جي ڳوڪي پنيم ته هڪ سرڪاري خط نڪري آيو. خط ۾ منهنجي امتحان ۾ پاس ٿيڻ جي خبر ڏنل هئي!! آفيس وارن کي شايد سمڪ ئي نه رهي هئي ته ڪين مونکي امتحان جو نتيجو سرڪاري طرح سيپٽمبر ۾ ئي ٻڌائڻو هو. هنن جڏهن بين لاءِ نتيجي جا خط تيار ڪيا، تڏهن مونکي پڻ ڪس نه لائڻ جي ويچار کان منهنجو اطلاع پڻ ٿاهي تيار ڪيو ۽ وڏيڪ جاچ بنا بين موافق اهو روانو ڪري ڇڏيو!!! رات جو دير سان مونکي ڊاڪٽر

ڪري مولڪي ڪنهن قسم جي ٿوري مدي لاءِ نوڪري ڳولڻي پوي ها. هاڻي اُهڙي چنتا ڪرڻ جو سبب ڪونهي. مون ان ڪري زور شور سان پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. اُول خير ته جون ۾ امتحان ڏيئي آجي ٿيندس.

وڌيڪ سک. جواب جلد ڏجو.

پيارن مان،
ڪملا.

۽ پيپر سٺو ڪيم ۽ وقت سر پورو ڪري ورتم. ٻاهر نڪرڻ تي پاڻ کي ڪھڙو نه هلڪو سمجھيم! ڄڻ هماليه جبل جو بوجو لاهي آئي هيس!! امتحان ۾ پاس ٿيڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٧٥ سيڪڙو مارڪن جي درڪار آهي. جن پيپر ڪيا هيم تن اندر واري کي پڪ ٿي ويئي ته پورهيو ساب ئي پوندو ۽ ٿيو به ائين ئي!!

هن امتحان پاس ڪرڻ ڪري مان هاڻي پنهنجي خاص طبي علم ۾ ماهر ليکي وينديس. جن دل جي بيمارين ۾ ماهر کي ڪارڊيالاجسٽ ڪري سڏيو وڃي ٿو، تن مان هاڻي فزيائرسٽ ڪري ڪوٺبيس. هيءُ امتحان سڀي امتحان جو پهريون ۽ مکيه پاڱو آهي. ٻيو امتحان پهرئين امتحان پاس ڪرڻ کان ٻن سالن بعد ئي ڏئي سگهبو. پر انهيءَ لاءِ آمريڪا ۾ رهڻ لازم يا ضروري ناهي. ٻيو امتحان مان ڪڏهن به اچي ڏئي ٿي سگهان. آمريڪي قاعدن موجب مان پنهنجي سر ڊاڪٽري نٿي ڪري سگهان، ڇاڪاڻ ته مان هتي وديارٿڻ جي حيثيت ۾ آئي آهيان ۽ انهيءَ آڌار تي ئي مونکي آمريڪا ۾ اچڻ ۽ رهڻ ڏنو ويو آهي. مونکي پاڻ جلد واشنگٽن وڃڻو پوندو، جو مونکي ڏنل ٽن سالن جي مهلت اچي پوري ٿيڻ تي بيٺي آهي ۽ مدو شايد وڌائڻو ئي پوندو.

هاڻوڪين حالتن هيٺ، دادا، توهانکان صلاح وٺڻي آئم. اتي مونلاءِ ڪا نوڪري نهي نڪي ته رکي ڪانهي،

ٽئيسي ڪيسٽر ٽيليفون ڪئي ۽ خانگي طور سٽس وڏائين
ته مان امتحان ۾ پاس ٿي ھيس. ڇئبو ته قسمت زور
آھم. اوھانکي منھنجي امتحان ۾ پاس ٿيڻ تي واڌايون
ھجن. ممي کي منھنجي پاران پيار ڪجو. انھيءَ گولگيءَ
ڳانءِ، ساٿنيڪي سنتوشيءَ جي شپ اچا ڪانسواءِ مون لاءِ
ڪجھ، ورڻو به آهي؟

امتحان ١٣ جون تي فل ڊ يل فيا شھر ۾ ٿيو. مون
نيويارڪ مان رات جي گاڏي ڪئي ۽ اُسر ساڍ اڇي
فل ڊ يل فيا پھتيس. ھوٽل جو بندوبست اڳيئي ڪري
ڇڏيو ھوم. ٽيڙ اُتي رکي، سمان پاڻي ڪري، نيرڻ
اُکلائي، امتحان لاءِ مقرر ماڳ تي پوري وقت تي
پھچي ويس. امتحان صبح جو ٩ بجي شروع ٿيو. اَڇا
ڪلاڪ مس نبربو ته بتيون وسامي ويون. پندرھان
منٽ اونده ۾ وينا رھياسين. بجلي موٽي آئي ته اَسان
به لکڻ چالوُ ڪري ڇڏيو. مون پنھنجو پيپر ساڍي ١١
بجي لکي پورو ڪيو. امتحان پوري ٿيڻ ۾ اَڇا اَڌ
ڪلاڪ ڪن پيو ھو. مون سمجھيو ته سڀ ڪجھ ٺيڪ
لکيو اٿم، تنھن ڪري اجايو ويھي وقت وڃائڻ ڪين
پيگم ۽ ڪاغذ ڏيئي مان ٻاھر آيس. پاسي ڪان ھوٽل
ھئي، اُتي ڪجھ کائڻ لاءِ ورتم. پر ڪاڌو ڳيسي ٿي نه
پيو. امتحان جي اُڻ تڻ ۾ اڃين ٿي ته ٿيندو آھي.
جھڙو تھڙو گره ٻه کائي، ميوي جي رس ٻه ڍ تي پي،
موٽي آيس. امتحان وري ڏيڍ بجي شروع ٿيو. وري

هيءُ رزق نهي آيو آهي، سو موٽائڻ تہ نہ کپي. جڏهن مهل ڇوندا تڏهن مهل، ٻڌا ويرم جي، هلي ايندس؛ پر تيستوڻي تہ رقم پيئي ڇٽندي نہ! ٽي سال ڪيئن جهٽ ۾ نبري ويا، باقي ٻہ ٻيا ڪا ويرم وٺندا!! ايترو پڻ سوچيو اَٿم تہ اِلهيءَ وچ ۾ هڪ دفعو چڪر ضرور هڻي ويندس. پر آخر فيصلو اوهانکي ڪرڻو آهي. توهين جئن چوندا، تئن ئي ٿيندو. هنجو جواب جلد ڏجو.

مان هتي بلڪل خوش ويٺي آهيان. اُميد تہ اوهين سڀ پڻ زور هوندا. سڀني لاءِ پيار؛ ممي ۽ اَوهان لاءِ خاص پيار.

خط جي اِنتظار ۾، اوهانجي ڌيءُ،

ڪملا.

گهٽگهٽ ڊاڪٽرن جي خطن مان لائق نوڪري ۽ پڻ جو آسرو گهٽ وڌيڪ ٿـو نظر اچي. تنهن ڪانسواءِ ٻيو امتحان ڏيڻ لاءِ وري آميريڪا اچڻوئـي پوندو. تنهن وچ ۾ مونکي هتي اڄ ملي آهي ته مان اڪئڊمڪ فيلو تي ڪم ڪريان، جنهن لاءِ مونکي هرمهني ٻارهان سؤ ڊالر اُجوري طور ڏيندا. عام ريت اِهو عهدو يا پڻ فقط اُميريڪن نگرواسيـن کي ئي نصيب ٿيندو آهي، پر جئن ته هتي جـي وڏي ۾ وڏن ماهرن منهنجي ڪم جي ساراه ڪئي آهي، تنهن ڪري ڪنهن کي بـه مونکي اِنهيءَ رتبي ملڻ تـي اعتراض ڪونهي. هاڻي جيڪا اوهانجي صلاح. جيئو تـه ٻه سال ٻيا ٻه هتي رهي ٻيو امتحان اڳوڻوءَ پاس ڪري پوءِ ٻمبئيءَ موٽان؛ جي جيئو ته هڪدم مـوٽي اچان. هيءُ جيڪو عهدو مونکي آڇيو ويو آهي، تنهن ۾ ڪو ٻنڌن ڪونهي. ڪنهن به مقرر مدي تائين ڪم ڪرڻ لاءِ ٻڌل ناهيان. جنهن ويل دل چاهي، ٻنا مقرر مدي جي اطلاع ڏيڻ جي، مان ڪم ڇڏي ٿـي سگهان. جي اِتي هڪدم هلي ايندس ته لائق ڪم ۽ عهدي لاءِ ڀٽڪڻو پـوندو. اُجوري مان مان ڪجهه پئسا بچائي سگهندس، جنمان ضروري اوزار وغيره وٺـي سگهندس ۽ واپس موٽڻ تـي جي لائق نوڪري نه ملي سگهي ته خانگي ڪم آندل اوزارن سان ٻنا هرج هلائي سٺي آجيوڪا حاصل ڪري سگهندس. وري به جيڪا اُوهانجي مرضي.

سگھڙ ساهيڙي



دان ۽ مان نيويارڪ ۾ هوائي اڏي تي
ايئر انڊيا جي مرحبائي ڪمري ۾

(١٦)

نيوُ يارڪ،
٣١ جولاءِ ١٩٦٩ع

پيارا دادا،

توهانجو خط پهتو. توهان لکيو آهي ته اُوهانکي سستي تي پيئي آهي، ڪم خاص اُجهيو ڪين ٿو. مان سمجهان ٿي ته ڪجهه سالن لاڪر جو اُوهان سماج شيوا ۾ پاڻ پئي پتوڙيو آهي، اُن ڪارڻ تڪ اوهان تي غالب پئجي ويو آهي. جڏهن ڪوبه ڪم لڳن سان ڪجي ٿو ته سمڪ اُئي نٿي رهي ته وت ڪان باهر ته ڪين ٿو ڪجي. هاڻي اُوهانجي عمر پنجاه ورهين ڪان مٿي چڙهي چڪي آهي ۽ اِن ڪري سياويڪ جسم ۾ قوت ڪجهه قدر گهٽيل هوندي. اِنهيءَ ڪارڻ ڪم ڪجهه قدر گهٽائڻ ئي گهرجي. ٻين جي شيوا ڪرڻ بيشڪ اُتم ڪاريه آهي پر وت آهر ڪرڻ ۾ نه رڳو وڏيڪ مزو اَچي ٿو، پر ڪاريه پڻ دلپسند نموني هلي ٿو. تنهن ڪان سواءِ جسم پڻ سگهارو ۽ چست رهي ٿو ۽ تڪ ۽ سستيءَ جا اِمڪان ڪين ٿا اُٿن. مان خود چاهيان ٿي ته شيوا جو ڪاريه جو اُوهان هٿ ۾ کنيو آهي اِهو اوهين هلائيندا اچو، چاڪاڻ ته اِهو ڪم اوهانجي دل وڻان آهي، پر ڪن نوجوانن کي سماج ڪاريه ۾ چاه وٺائي تيار ڪريو، جئن اوهانجو بوجو ڪجهه قدر هوُ پاڻ تي

ڪاني ڏي



ڊاڪٽر لٽسي ڪيسٽر ڪملا جي گهر

ڪاني تي



ڊاڪٽر سميان، ڊان، ڊاڪٽر ٽسل ۽ ڪملا

نائگرا آبشار



ڪملا نائگرا آبشارن جي عجائب - گهر

نائگرا آبشار



يورپ جي دوري تي



ڪملا آئمسٽرڊ ئم ۾



ڪملا ڊچ پوشاڪ ۾

هموار ڪن ۽ اِن ريت ڪاريه عمدي ريت هلندو هلي. منهنجي ته اِها صلاح اٿوَ پوءِ سستيءَ ۽ ٿڪ جي دانهن جو سبب ئي نه اُٿندو.

منگل ڏينهن مان هڪ ساهيڙيءَ سان گڏ جي ڊاڪٽر ٿئنسي ڪيسٽر جي گهر ماني کائڻ ويس. اِها ١٥ جولاءِ هئي. اُتي پهتيس ته منهنجي حيرت جي حد نه رهي جڏهن ڪاني تي گهڻا سڃاڻپ وارا ماڻهو آيل ڏٺم - ڊاڪٽر منٽيئر ۽ سندس گهوٽ، ڊاڪٽر سميان ۽ سندس ڪنوار، ڊاڪٽر مارٽن ۽ سندس زال، ڊاڪٽر سانڊرس ۽ ٻيا. ڊاڪٽر ڪيسٽر منهنجي جنم-ڏن جي پارٽي ڪئي هئي! سيني سرٽيفڪيٽ ۾ منهنجي جنم جي تاريخ اِها ڏنل آهي. ڊاڪٽر ڪيسٽر منهنجي درخواست سان لاڳو ڪيل سرٽيفڪيٽ مان تاريخ جاچي، مونکي ٻڌائڻ کانسواءِ، پارٽي ڪئي هئي. مان هيترن ماڻهن کي ڪاني تي آيل ڏسي اَلبت وائڙي ٿي ويس. ڪاني تي آيل سيني مونکي مبارڪون ۽ سوغاتون ڏنيون. سيني کان سٺي ۾ سٺي سوکڙي ڊاڪٽر ڪيسٽر ۽ ڊاڪٽر ٿسل جي گڏ ڏنل سوغات ئي هئي. هنن مون کي هڪ سهڻو سونهري ڪمرپٽو ڏنو جنهن ۾ ڪوڏين جي جڙت آهي. اِهو ڊريس جي مٿان پائڻ لاءِ آهي. وات منو ڪري سيٺي گهر جي نزديڪ هوٽل ۾ کانو کائڻ وياسين، جتي اَڳ ۾ئي بندوبست ڪيل هو. جنهن مهل ڪافي پئي پيتيسين ته هوٽل جو مکيه بورچي هڪ

رهبر ۽ سندس راهه



ڊاڪٽر هاورڊ رسڪ ۽ ڪملا

جيڪا تڙير ڪئي، سو سڀڪجهه پڻ چنڊ ٻڌڻ ۾ آيو.
مون سڄو ڳالهائڻ ٻولهائڻ ٽيپ (Tape) ڪيو آهي ۽
جڏهن اتي ايندس ته اوهان کي ٻڌائيندس. ٻئي
ڏينهن وري اپولو ١١ جي چندر ويڻ جيڪي چندرما
جي سطح جا فوٽا ڪڍيا هئا سي دوردرشنيءَ تي
ڏيکاريائون. سچ پچ عجب ڀريو نظارو هو!! چنڊ تي
پهچڻ جو ڪارنامو شروع کان آخر تائين اسرار ۽ اچرج
ڀريو هو. اڻٽيٽي ڳالهه ساپيا تي پيئي هئي!! مونکي
سري رامچندر جي ننڍي هوندي واري ڳالهه ياد آهي
ته هن ڪيئن نه ماءُ ڪوشليا سان ڪيڙو ڪيو هو ته
مونکي چنڊ آڻي ڏي ۽ ڪيئن هن آخر پاڻي ڀريل ٿالهه
۾ چنڊ کي آڻي، ٻالڪ کي سرچايو. هاڻي جي ڪو
اهڙو ڪيڙو ڪندو ته هوائي جهاز رستي هو پاڻ خود چنڊ
تي پهچي سگهندو. انسان جي هيءَ ڪاميابي لاشڪ
ڪمال درجي جي ئي ليکبي.

مميءَ جو ڪهڙو حال آهي؟ مان ڪيس ڏاڍو ياد
ڪندي آهيان، خاص طور جڏهن مون وٽ امريڪن
مهمان مانيءَ تي ايندا آهن. اهي مهمان خاص ڪري
ڊاڪٽر ڪيسٽر ۽ ڊاڪٽر ٽسل، هندستاني کاڌو خاص
پسند ڪندا آهن. اڳئين دفعي مون ڦوٽي ۾ گوشت
ناهيو هو، جو کين ڏاڍو وڻيو. ڪجهه وقت ٿيو ته
ڪوفتا ناهيم ۽ ڦلڪا پچايم. ڦلڪا اهڙا نه بيٺا جهڙا
ممي پچائيندي آهي، ته به مهمانن کي گهڻا پسند آيا.

عمدو ۽ لذيذ ڪيڪ ڪٽي آيو، جنهن تي ٽي موم بتيون لڳل هيون - ڀورين ماڻهن لاءِ، ٻي حال لاءِ، ٽين آئينده لاءِ. هڪڙي ڦوڪ سان ٽيئي موم بتيون وسائڻ تي ڪيڪ ورهايوسين. آئيس ڪريم ڪيڪ هو، بيحد لذيذ. کائي ختم ڪيڻ تي مون ڊاڪٽر ڪيسٽر جا ٿورا مڃڻ جو فرض لباهيو، پر چئي نٿي سگهان ته ان ۾ پوريءَ ريت ڪامياب ويس يا نه. پارٽي اَڌ رات جو پوري ٿي ۽ ڊاڪٽر سميان مونکي گهر ڇڏي، پوءِ پنهنجي گهر راهي ٿيو. مان ته آگري ۾ ورتل تاج محل ڊاڪٽر ڪيسٽر کي سوکڙيءَ طور ڏيڻ لاءِ ڪٽي ويئي هيس، جو خريدڻي هن لاءِ ڪيو هوم.

مون جيڪا بجليءَ تي هلندڙ پيسٽي اوهان کي موڪلي آهي، سا مميءَ کي پسند آئي ڪين نه؟ وڏن ناهڻ لاءِ مان اهڙي پيسٽيءَ ۾ ئي اَنُو تيار ڪندي آهيان. انهيءَ ۾ لسي، ملڪ روز توڙي آئيسڪريم سوڊا پڻ نهايت فرحتي ٺهنديون آهن. مميءَ کان پڇي لکي موڪليوم ته ڪيس اِها ڪارائتي ٿئي ٿي ڪين نه.

ويهين جولاءِ تي سڄو ڏينهن دوُردرسني (ٽيليوين) ڏسندي گذاريم. سڄا سارا ٻارهان ڪلاڪ ڪرسيءَ تي چهٽي ويٺي هيس. انهيءَ ڏينهن ئي چندر-وير چنڊ تي وڃي لٿا. اِهو اسرار اکين سان دوُردرسنيءَ تي ڏٺم: سڀڪجهه چٽو ڏسڻ ۾ پئي آيو ۽ جيڪي ڪجهه چندر ويرن چيو ۽ پريزيڊنٽ کين واڌايون ڏيندي

ٻيڙين نظاري کي وڌيڪ سهڻو ٿي بڻايو. واءُ به سٺائو پئي لڳو، تنهن ڪري سڙهه واريون ٻيڙيون ڏُلنديون ڏمنديون پئي آيون ويون ۽ نظاري جي ٻهڪ کي ٻيڻو ٿي ڪيائون. صفا اونده ٿيڻ کان اَڳ، گهر موٽي آيُسين. ٻيو ڏينهن پڻ فرحت ۽ موج ۾ گذريو. انهيءَ ڏينهن ڊان مونکي ترڻ سيکارڻ لاءِ ڍنڍ تي وٺي هليو. پهرين اَلبت مونجهه ۽ ٻپ پئي ٿيم، پر ٻيهر هڪ دفعو سکڻ سان ترڻ واهه جو اچي ويندو.

تازو ڪجهه وقت مونکي اونهاري واري طبي وديارٿين جي جٿي کي پاڙهڻ ۽ سيکارڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو. انهيءَ سلسلي ۾ وديارٿين کي پاڙهيندي منهنجا ڪجهه فوٽا پڻ ڪڍيا ويا. جئن ئي اهي مونکي ملندا ته مان توهان کي ڏياري موڪليندس.

وڌيڪ سِڪ. خط جلد لکندا.

پيارن مان،
ڪملا.

بيو ڪين گلاب جمون خاص وڻندا آهن. اِهي ٻه مان گهر ۾ئي تيار ڪندي آهيان. پر ممي ءَ سان منهنجو ٻرميچڻ ڪونهي. هوءَ ڪاڏو تيار ڪرڻ ۾ ٻرڪ آهي. منهنجيون شيون جڏهن اهڙيون سٺيون نه ٿينديون آهن ته هڪدم ممي ياد ايندي آهي. وري جڏهن ساڳيون شيون ٺاهي ڪڪ ٿينديون آهيان، تڏهن پڻ ممي ياد ايندي آهي ته ٻين ٽوالين شين جا نسخا ڪانئس لکي پڇان. منهنجا ڪيس گهڻا پيار ڪجو.

گذريل ڇنڇر آرتوار تي مان پنهنجي ساهيڙي ڏان ۽ سندس ساٿڻ بلي ءَ وٽ سندن هاءِ لئنڊ ڍنڊ واري گهر ۾ وڃي ٽڪيس. سندن گهر ڍنڊ جي ٻنهه ڪناري تي ٻيٺل آهي. شهر جي گوڙ گنبوڙ ۽ هڻ پچار ڪان پري، هتي جي شانتيءَ واري وايومنڊل ۾ انوکو آنند آهي. هيءَ جاءِ بليءَ جي پيءُ جي جائداد آهي. منجهند جي ماني ڪائي، ٽڪنيوسين چڪر تي. پهرين آياسين ميون ۽ ٻاڄين جي ڪليل منڊيءَ ۾. اگهه سستا ۽ شيءِ سٺي، سو ڏان سان گڏ مون به تازيون ٻاجيون ۽ ميوو ورتو. شام جو وري ٽڪري ويٺوسين ٻيڙيءَ جي سئر تي. بليءَ جي ٻاءُ ڪي هڪ ننڍي ٻيڙي آهي، جا ونجهن جي زور تي هلندي آهي. ٽيئي ساهيڙيون ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي، ڍنڊ جي سئر تي هليوسين. ونجهه سڃي مهل ڏان هلايا. واه جو مزو هو! ڍنڊ ۾ ٻيڙين جي جهرمر لڳي پيئي هئي ۽ خاص طور سڙهه وارين

أڪلايم. بس، رات جو ساڍي ٻارهين ٻجي اچي هوٽل تي چڙهيو. واه جو مزو آيو. پر ٿڪ جو ٿيو هو، سو جڏهن ليٽيس تڏهن ننڊ ڪٽجي ويئي.

صبح ساڻ سجاڳ ٿيس. پر خاص ڪجهه ڪرڻو ڪونه هو، ڇو ته بس جنهن ۾ پورٽلئنڊ لاءِ روانو ٿيڻو هو سا ساڍي ڏهين لڳي ڇٽڻي هئي. اڍائي ڪلاڪن جي وندر-ڀري سواريءَ آڻي پورٽلئنڊ چڙهيو. پر پورٽلئنڊ ۾ مينهن نا نا ڪري پئي وسيو. هوٽل ۾ ماني ٽڪڙي اڪلائي ٽئڪسيءَ ۾ شهر ڏسڻ لاءِ تيار ٿي ويس. ٿي اسپتالون، ڪيپ ايليزبيٿ جو جهونو روشن منار ۽ ٻيا ڪي هنڌ گهمي آيس. آس پاس ۾ پنجن ٻيٽن جو ٻيڙيءَ رستي سفر سٽيل هو، پر جڏهن ته چوطرف گهاٽو ڌنڌ لڳو بيٺو هو ۽ خاص ڪجهه ڏسڻ ۾ به ڪين ٿي آيو، انهيءَ ڪري هوٽل ۾ئي ويٺي رهيس ۽ دُوردرسنيءَ تي لقاءُ ڏسندي وقت مزي ۾ نبري ويو. ٻئي ڏينهن اَسر جو اَچا به وڏ ڦڙو پئي وسيو، جنهن ڪري ڪٿي خاص نڪرڻ جو خيال لاهي، اوسي پاسي جي دڪانن جون سجايل دريون ٽڪيندي رهيس، تانجو ساڍا ٻارهان اَچي ٿيا. سوا ٻجي بس هئي، جنهن ڇئين ٻجي آڻي لٽلٽن لاٿو. لٽلٽن (نيوُهيمپشاير) جو ڪو وڏو شهر ڪونهي، پر پسگردائيءَ جا قدرتي نظارا ڏسڻ وٽان آهن. صبح جو صاف سهائي چڱي ٿي ويئي ته به جبلن پاسي ڌنڌ اَچا چڱو لڳو بيٺو هو، جنهن ڪري پريان خاص ڪجهه

(۲۰)

نيو يارڪ،
۲۱ آگسٽ ۱۹٦۹ع
پيارا دادا،

هون ته هتي ڪم ايڏو اُتاڻ لڳو پيو آهي جو مٿي کنهڻ جي به فرصت ڪانهي: ڪيڏانهن ٻاهر نڪري و ڃڻ جو ته ڄڻ سوال اُٿي ئي ڪونه؛ پر جي ٽڻ ٽهي اَچي ته چڪر هڻي اَچڻ ۾ وڃرو ئي ڪين لڳي. امتحان ڏيئي اُٿيس ته ڊاڪٽر ڪيسٽر چيو ته ڏه ڏينهن ڪن موڪل ڪائي تازي توانو ٿي، پوءِ اَچي ڪم تي چڙهه. امتحان جـو گهوماٽو لاهي اَچ. سو نڪري پيس اَميريڪا جو ڪجهه حصو ڏسڻ.

آرتوار ڏينهن نڪتيس، ۽ باسٽن ۾ اَچي ڊاٻو ڪيم. هلٽن هوٽل ۾ سامان رکي، نڪتيس شهر جو شٽل ڪرڻ. پروڊ نيشنل منارو ڏٺم. اِهو منارو اِئين آهي جئن نيو يارڪ شهر جي ايمپاير اِسٽيٽ بلڊنگ، اُوچي ۾ اوُچي عمارت. هن مناري ۾ ڏه هزار شيشي جـون دريون آهن، جن مان جدا جدا اوچائيءَ تان شهر جو ديدار ڪري سگهجي ٿو. مون باسٽن شهر جـو مناري جي مٿئين ۾ مٿئين، پنجاه ماڙي تـان شهر جو خوب ديـدار ڪيو. وري "نماشام جي سئر" تي نڪتيس. بس ٿي شهر گهمائي آئي - ماربل هيڊ، سليم ۽ لِن. رات جي ماني سليم ۾

ڏگهو آهي! حق تي آمريڪا جا اصلوڪا رهاڪو هن ڏاڍي آدم جي ٻوٽي کي "ديو-آتما" ڪري پوڄيندا هئا.

منجهند جي ماني کائي بس جي سواري شروع ڪيم. سڄا سارا ساڍا پنج ڪلاڪ هل هلان هلندي هلي، تانجو برلنگٽن (ورمانٽ) ۾ اچي لٿيس. مسافري ڇڱي لنبي چوڙي هئي، پر ڪڪ اصل ڪين ٿيس. رستي تي جي قدرتي نظارا ڏٺم، تن دل پرچائي ڇڏي. رات هوٽل ۾ گذاري صبح ساڻ نڪري ويس پڙڪندڙ اوڙاهه Audible Chasm (کال) ڏسڻ. ٻيڙيءَ ۾ سڄو ڏينهن سير ڪندي رهيس. اهڙو مزو هو جو وقت جي سڌ ئي نه رهي.

اهڙي طرح ٻيا ٻه ٻه چار هنڌ گهمي، دل خوب وندرائي، نيويارڪ موٽيس ته نئون نوتو تيار رکيو هو. ڊئنور (Danver) ۾ منهنجي خاص ڪم جي طبي ڪانفرنس ٿيڻي هئي ۽ مونکي مهمان طور ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ نيند موڪلي وئي هئي. پنهنجي وڏي ڊاڪٽر سان ڳالهه ڇوريم ته نه رڳو هڪدم "ها" ڪيائين، پر پاڻ زور ڀري ٻڌايو ته ضرور وڃ- "اهڙو شرف اهڙو سولو ٿورو ئي ملندو آهي!" سو وري ٻئگ ٺاهي نڪتيس ڊئنور ڏسڻ.

اسانجو هوائي جهاز نيويارڪ مان سوائي ستين بجي شام جو نڪتو. شڪاگو ۾ جهاز بدلائڻو پيو ۽ ٽئين جهاز پوڻين ٻارهين بجي مس ڪري اسانکي ڊئنور اچي پهچايو. پوڻا ٻارهان ڊئنور جا، پر حقيقت ۾ رات جا

ڏسڻ نٿي آيو. جبلن جي اوچائيءَ تان، سمنڊ جي سطوت کان لڳ ڀڳ چار هزار فوٽ اُتاهينءَ تان، آڪاس چوڏول (Sky-lift) رستي سفر ڪيم. جسم کي سا عمدي فرحت آئي، باقي ڪوهيڙي ڪارڻ هيٺ جو نظارو نصيب ڪين ٿيو. ڀلا قدرت تي اِنسان جو ڪهڙو رعب هلي سگهندو! هيٺئر سڀ صاف چٽو، ڪلاڪ اَڌ ۾ هٽ نه ڏسي هٽ ڪي!!

ڪجهه ديرِ ڪانپوءِ آسمان کڙي ٿيو. اِنهيءَ جو وجهه وٺي مان فلوُم (Flume) جو دلڪش آبشار ۽ چلمچيءَ جو ڪن ڏسي آيس. "چلمچيءَ" جو ڪن نديءَ جي پيٽ ۾ هڪ قدرتي اونهيءَ ڪڏ سبب ٺهي پيو آهي. اِها ڪڏ ٿيو نه ته اَرڙهان ڪي ويهه فوٽ اوُنهي آهي. نديءَ جو هنتان چوڌاري مان ٽِي لنگهي ته انهيءَ اوڙاه ۾ اَهڙو ڀنور ڪن ٺهي پيو آهي جو انهيءَ هيٺ پهچڻ سان هرڪا شيءِ غرق ٿيو وڃي، نالو نيشان ئي ندارد! پوءِ وري نڪتيس جبل جي قديم ڪراڙي (Old man of the Mountains) (پراچين پوڙهي) جو ديدار ڪرڻ. اِها جبل جي لاهيءَ تي ترشيل تصوير برفاني يگ جو عمدو يادگار آهي. اِها تصوير عڪسي ڀِنيءِ مٿان ٻارهان سؤ فوٽن جي اُتاهينءَ تي آهي، ۽ سمنڊ جي سطح کان سوا ٽي هزار فوٽ مٿي جبل جي پاسي تي قدرتي ريت ترشيل آهي. انهيءَ ديو جيڏي روپ جو فقط منهن (مٿي کان کاڏيءَ توڻي) ئي ۴٨ فوٽ

آندرئي رهندو آهي، جنهن ڪري اِهو وندرگاهه جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ ڇٽو پڌرڻ ۾ ايندو آهي. جبلن جو ديدار ڪندي ڪولراڊو جي جابلو منارن جو ديدار پڻ نصيب ٿيو، جنهن کي گولڊن يا سونهرو ڪري سڏيو وڃي ٿو. ڪولراڊو جو جڳ پرسڌ کاڻين جو اسڪول پڻ اِتي ويجهوئي آهي. ڪولراڊو ڪوُرس بريوُنوب ۽ سون جي کاڻين کان ئي ناميارو آهي. منهنجي ساهيڙي مارٿا منٽيٿر هن سفر تي مون سان گڏ هلي هئي، جو هوءَ پڻ ڪانفرنس تي آئي هئي. سڄا سارا ساڍا ٽي ڪلاڪ جبل گهمندا رهياسين. واهه جو مزو آيو. قدرتي نظارن جي ڄڻ قطار لڳي بيٺي هئي!! ٿڪ البت ٿيو، پر لطف واهه جو آيو. شام جو اَسان ساهيڙين گڏجي ميڪسيڪن ماني کاڌي. ماني کائي جهٽ وڃي آرامي ٿيوسين ۽ هڪدم ننڊ کڻي ويئي.

طبي ڪانفرنس جي ميٽنگ ختم ڪري وري نڪتاسين شئل شڪار تي. هيل ويچار هو ڪولراڊو راڄ جا مکيه مڪان ڏسڻ جو. ڊينور جو پهريون چڪر لڳايوسين جو ڊينور هن راڄ جو گادي-آستان آهي. پوءِ اَڳتي وڌياسين. پهريون ديدار نصيب ٿيو نرمل ناري جابلو اوڙاهه Clear Creek Canyon جو. اُتي پهچڻ لاءِ جبل مان کوٽيل سرنگهن مان ناهيل گس پار ڪرڻا پيا. هٿرادو کوٽيل سرنگهن کي نظر مان ڪڍي جابلو اوڙاهه ڏي ٿي نهاريوسين ته ائين پئي لڳو ڄڻ اِها اوڙاهه پڻ هٿرادو

بوٽان به، ڇو ته ڊينور ۽ نيويارڪ جي مڪاني وقتن ۾ ٻن ڪلاڪن جو فرق آهي. رات جو فرحتي ننڊ ڪري صبح جو ويس ڪانفرنس جي ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيس. منجهند جو اُتان ٿي موٽيس ۽ ڪجهه آرام ڪري نڪتيس ڊينور جي جابلو وندرگاهن جي ديدار تي. اُنهيءَ لاءِ ويچاري بس وروڪڙ گس وٺندي، راڪي جبل جي اُتاهينءَ کي طئه ڪندي، آخر اَچي جبل جي چوٽيءَ کي رسي، جتي بفلو بل جي تربت ۽ عجائبخانو جڙيل هو.

راڪي جبلن جي هيءَ چوٽي سمنڊ جي سطح کان اَٽڪل اَٺ هزار فوٽن جي اُتاهينءَ تي هئي. اِتان سدا سائي-سبز جابلو ڳوٺ ۾ آياسين ۽ جبل جي سوڙهي ڳچي نظر مان ڪڍياسين، جنهنکي چون (Bear Creek Canyon) يعني رڇ جهڙي جابلو گردن. ڊينور جي اَڃا به اولهه طرف وڌندي آياسين ڳاڙهي جبل واري وندرگاهه تي. ڳاڙهي جبل پنهنجي سيني تي واه جو عاليشان وندرگاهه سانڍي رکيو هو! وندرگاهه جي وچ ۾ ڳاڙهي پٿر جو قدرتي رنگ-منچ اُسريو بيٺو هو، جنهن تي ايسٽر جي ڏينهن ۾ (اَپريل ۾) ۽ اُن کانپوءِ ناچ گانن جا پروگرام ڪيا ويندا آهن، جنهن لاءِ لائوڊ اسپيڪرن جي ڪا به درڪار ڪانه رهندي آهي ڇاڪاڻ جو چوطرف جو جبلن جي ديوار ڪڙي بيٺي آهي سو آواز ٻاهر اُڏامي وڃڻ بدران وندرگاهه واري ايراضيءَ

موٽر- سڙڪ تان هلندي ڏند چپن سان لڳيو وڃن- هڪ طرف قدرت جي ڪمال کي ڏسندي ۽ ٻئي طرف اِنسان جي اُن سان ميل کائڻ جي چٽي مثال پسندي! اُتاهين ۽ تي فوٽا ڪڍائيندي اَچي ايسٽس پارڪ (Estes Park) ڳوٺ ۾ پهتوسين، جو راڪي جبل نيشنل پارڪ جي مهڙ ۾ آهي.

هاڻي گهڻو ٿڪو. ڊينور کان اَڍائي سؤ ميل طئہ ڪري آيا هئاسين ۽ جبل جو خوب جائزو ورتو هوسين. تنهنڪري هاڻي موٽڻ ئي ڪپندو هو. موٽندي مهل موٽر جو رستو ميلن جا ميل بگ ٿامسن ڪنڌيان نديءَ جي سمانتر ڪناري لاڳيتو هلندو هليو ۽ خوب نظارو لڳايو هليو، تان جو لوليند (Loveland) اچي پهتاسين. بس، پوءِ ڊينور پهچڻ ۾ دير ڪانہ لڳي ۽ ڊينور ۾ وڌيڪ ترسڻ جو ڪو بہ پريوجن نہ هئڻ ڪارڻ بنا دير نيويارڪ هلي آيس. ڳتيل شهرن ۾ رهندي هيءُ جبل جو سفر لاشڪ دلپسند ثابت ٿيو. گهمڻ جو وري اهڙو ٻيو وجهہ ڪڏهن ۽ ڪيئن نهي ايندو سو چٽي نٿي سگهان، پر وطن ورڻ کان اَڳہ هڪ ٻيو چڪر هڻڻ جو ويچار ضرور اٿم.

دادا، وستار ۾ تو پڇي نہ ڪنهن ڳالهہ جي سمڪ ئي ڪين ٿي رهي. هيل خط ڪيڏو نہ وڏو ٿي ويو آهي. خط پڙهڻ ۾ جو توهانجو وقت ويندو، سو دل ۾ نہ ڪجو. اَچا ٻارئي نہ آهيان. دل اُچل ڪاڏي نہ ٻهرسنان ۾ اچي پيس. وڌيڪ ٻئي دفعي.

پيارن مان، ڪملا.

جوڙي ويئي هئي. اهڙي سوڌيءَ ڏانو تي جڙيل پئي ڏٺي!! اُن ڪالهوءَ وروڪڙ گس ۾ پيچرا وٺندا- برٿوڊ لڪ (Berthoud Pass) تي آياسين، جو سمنڊ جي سطح کان ڏهه هزار فوٽ اوچائيءَ تي آهي. اِتي آڪاش-کٽولي (Sky-lift) رستي جابلو چوٽين ۽ اوڙاهن جو سير ڪيوسين. جيتوڻيڪ ڏينهن ٿڌا ڪين هئا، پر ڊنو ڊپ ڪري برساتي ڪوٽ پاتا هئاسين، ته به هتي جي ٻارهان هزار فوٽ اُتاهينءَ تي سيءُ پئي پيو. چون ٿا ته سياري ۾ هتي سخت ٿڌ ٿيندي آهي. هتي جا شوقين ماڻهو هيءُ آڪاش-کٽولا جبل جي اُتاهينءَ تي پهچڻ لاءِ ڪم آڻيندا آهن، جتان هو پير-گهوڙين رستي گسڪي هيٺ لهندا آهن. اِئين گسڪڻ مان ڪين اَنوکو آنند پرِپندو آهي.

اِهو لقاءُ ماڻي فريزر (Fraser) ۽ گرئنبيءَ مان ٿيندا، ڪولراڊو راڪي جبل جي سهڻي گرانڊ ليڪ ڍنڍ تي آياسين. ڇا ته جلويدار ديدار هو! اِنسان پلي فخر وٺي پنهنجي سرجيل عجائبن تي، پر قدرت جي ڪمال سان ڪلهو هڻڻ ۽ اُن سان برميچڻ سندس لاءِ محال آهي!! گرانڊ ليڪ لاج ۾ ماني به کاڌيسين ۽ اُتان ڍنڍ جو عمدو ساءُ پڻ ورتوسين. پوءِ وري وک کنئيسين اَڃا به اڳتي. ٽريل رج روڊ لتاڙي اَچي راڪي جبل جي نئشنل پارڪ ۾ لٿيوسين. ٽريل رج روڊ جبل جي پاسي کان ڪوٽيل موٽر جو پيچرو آهي. اِهو موٽر-پٿ سڄي اُتر اَميريڪا ۾ اُتاهين ۾ اُتاهون موٽر-گس آهي. اِنهيءَ

ڏنائون، پر جنسي چنبڙي پيم جيستائين پڪ سان "ها" نه ڪئيمان. سندن ڪڪي جو جنم جو ڏينهن هو ۽ نانڪ جي ڪنوار حجت مان چيو، "ديدي، هٿ به ڪين ونائيندينءَ ڪيئن؟ توکي ته خبر آهي ته منهنجا مزمان، خاص ڪري نانڪ جا آمريڪي دوست، بوري سنبوسن جا شوقين آهن ۽ مونکي اهي ٺاهڻ جو ڍڻ اَڃا ڏانوءِ ڪين ٿو اچي. تون اهي عمدا ۽ جهٽ پٽ ۾ تيار ڪري وٺندي آهين. ضرور ۽ سويل ئي اَچج."
نانڪ جي پٽ جي جنم ڏن تي وڇٽوئي پيو. ڇڱو ڇهڇتو لڳو. نانڪ جي ڪنوار پنهنجي نئين بجليءَ تي هلندڙ سبڻ جي مشين ڏيکاري ۽ مونکي اها ڪم آڻڻ لاءِ ڪلي دل سان نيعدي ڏنائين- "ڪجهه به سبڻو هجيئي ته ان تي اَچي سبج." نانڪ ته هميشه ئي سٺو هلندو آهي، پر سندس ڪنوار تيهائين وڌيڪ. پنهنجپائي ڏاڍي اَٿس- ٻئي جي رڳن ۾ جهٽ پئجي وڃي.

توهان پنهنجي اَڳئين خط ۾ ماسات ڪالتا ۽ سندس گهوٽ چنيءَ جي پارت لکي هئي جو هو نيويارڪ اَچي رهيا هئا. اِها ڪا ڳالهه آهي تاڪيد ڪرڻ جي- توهين نه به لکو ها ته، به دل سان خاطري ڪريان ها، ڇو ته مان ڪين خود به سڃاڻان، پيو ته مونکي خبر آهي ته توهين ڪيئن نه سڀني جي خاطرداري ڪندا آهيو. ڇا مان پيءُ جي ڌيءُ نه آهيان ڇا؟

ڪجهه ڏينهن ٿيا ته رام لالا ٽيليفون ڪئي. پهرين

(۲۱)

نيو يارڪ،
۳۱ ڊسمبر ۱۹۶۹ع

پيارا دادا،

ناتال وري آيو آهي. گذريل پندرهن ڏينهن کان پارٽين ۽ ڪالن جي ڌم لڳي پيئي آهي. ڪانا ڪائڄن ۽ پيا ۽ ڪارائڄن ۽ پيا. اڳيئين هفتي مون ڊان ۽ بلي‌ءَ جي ماني ڪئي. انهيءَ لاءِ گهر جي صفائيءَ ۽ طعام تيار ڪرڻ ۾ سڄو ڏينهن لڳي ويو. مميءَ کان جيڪو گوشت تيار ڪرڻ جو نسخو گهرايو هوم، اُن موجب گوشت رڌم. ڏاڍو لذيذ ٿيو هو. سڀ چپ چٽي اُٿيا. ڪالهه اُڪلائي نڪتاسين ناتال جي بتين ۽ رم جهم جا نظارا ڏسڻ. هر هنڌ واهه جي رونق لڳي پيئي هئي! هن هفتي وري مان ڊاڪٽر ٽسل جي نئين گهر ۾ ڪاني تي ويئي هيس. هيءُ گهر ڊاڪٽر ٽسل ساڍي ستين لکين رپئين خريد ڪيو آهي. گهر بيشڪ عاليشان هو.

نانڪ پڻ نيويارڪ شهر ۾ نئون گهر خريد ڪيو آهي. اُتي پڻ ويٺو پيو. گهر ته برابر سنو ورتو اٿس، پر اُن کي عمديءَ ريت سجائڻ ۾ پڻ ڪا ڪسر ڪانه ڇڏي اٿس. ڪجهه ڏينهن ٿيا ته نانڪ ۽ سندس ڪنوار مون کي ڪنهن دڪان تي گڏ جي ويا. مان پڻ هنن وانگر خريداريءَ تي نڪتي هيس. گهر اچڻ لاءِ نه فقط نوتو

وڏا ماڻهو گڏ ٿا. ويچار اُتم ته هن ساڍهي پائڻ جو مهورت اِنهيءَ پارٽيءَ سان ڪريان.

گانڌي مهراج جي جنم شتابديءَ جي موقعي تي ڪيڏيل اُوهانجا موڪليل سڪا پهتا. ڏاڍا وڻيم. اِهي پنهنجي اَميريڪن ساهيڙي ڊان (اُشا) کي پڻ ڏيکاريم. هنکي اهڙين ڳالهين جو خاص شوق آهي. سڪا ڏسي جڻ دل ئي نه پيئي ڊاپيس. چيائين، ”آفرين هجي تنهنجي دادا کي جو هيڏي مفاصلي تي سڪا توکي ڏياري موڪليا اٿس.“ اِنهيءَ تي مون چيومانس، ”اسان جو دادا اِنهيءَ ڪري ئي ته ٻين کان نرالو آهي. هنکي اهڙين ڳالهين سان ٻارن جي دل خوش ڪرڻ جو خاص اُر آهي.“

اوهانجا ڪيڇا ۽ پاپڙ به پهتا. هيءَ ڪيڇا نئين نموني جا هئا. کائڻ ۾ پڻ نهايت لذيذ هئا. پارٽيءَ وارن کي ڏاڍا پسند پيا. پاپڙ اَڌ ته ڊان کڻي ويئي. هنکي اسان جا پاپڙ ڏاڍا وڻندا آهن.

ڪجھ وقت ٿيو ته اوهانجي ”مائٽ“ پائرن فون ڪئي. سمجهائون ته هيڏي وقت ڪالپوءِ ٿا فون ڪريون، سو ضرور اچڻ جو نوتو ملندو. پر دادا، مون اچڻ لاءِ ڪونه چيومان. اوهانکي الائجي ڪيئن لڳي، پر هو نيند ملڻ تي اِهائي آس رکندا آهن ته مان ڪين گهر ۾ تيار ڪيل ماني کارائيندس. هونءَ ته ڪري سندن دل رکجي، هو جو پرديس ۾ آهن گهر جي کاڌي کان

ته مون صفا ڪونه سڃاتومانس. مس دماغ ۾ آيو ته هوءَ توهانجي ماروٽ هاسيءَ جو پٽ ته ڪين هو. سو پڇيومانس، ته "ها" چيائين. سندس ڪنوار شيلا، جا اسانجي وملا سان گڏ پڙهندي هئي، تنهن پڻ ڳالهايو: "تو لاءِ گهران بدڙي ملي آهي، اها توکي ڪيئن پهچي؟ اسين جلد پنهنجي ماڳ وڃڻا آهيون." مون هڪدم ڪين گهر اچڻ لاءِ چيو. آيا ته سهين، پر مورڳو مان اچي ششدر ٿيس! ڳالهائين ئي نه پيا، جڻ چپن کي ڇنو لڳو پيو هون. جيڪي ڪجهه پڇان پيئي ته فقط "ها" يا "نه" جو مس ڪري پيو پڙڪو نڪرين. مان ته صفا منجهي پيس ته مونکان اَلائي ڪهڙي اَربع خطا ٿي هئي، جو هو "سوٽا موٽا سپرين، آيارينڊو وٽ" واري ڪار لڳائي ويٺا هئا. مون ڪين وندرائڻ جي هرڪا طرز آزمائي، پر وريو ڪجهه به ڪين. اُوهان کي الائي ڪيئن لڳندو، پر مون وسون ڪين گهٽايو. شايد شادي اَچا ٿيڻ واري هئين، سو مونکان لڄ ٿي ڪيائون!!!

رام لالا هٿ جنم ڏن تي سوغات طور موڪليل ساڙهي ته دلپسند موڪلي اٿو. جهڙي سنگين ۽ وڻندڙ آهي سلڪ، تهڙو آهي اُنجو تر ۽ گلڪاري (Design). اهڙي ٻي سهڻي ساڙهي مان ڪاله سنيران! ساڙهيءَ جي چولڻ تي "مبارڪون" هجنو. مان ساڙهيءَ مان بلائوز ڪٽائنديس ۽ ٻئي دفعي نانڪ جي گهران سبي ايندس. جلدئي پارٽيءَ تي وڃڻو اٿم، هتي جهجها

چوٿين نومبر تي هتي موڪل هئي جو اُن ڏينهن نيويارڪ شهر جي ميئر جي چونڊ هئي. شام جو ووٽن جي مشينن (Computers) رستي ڳڻپ دُوردرسنيءَ تي ڏيکاري ويئي. مان اوڏي مهل دُوردرسنيءَ تي پروگرام ڏسي رهي هيس. چڱو مزو آيو. اڳئين ميئر مسٽر لنڊسي کي وري به ٻين ڪان وڌيڪ ووٽ مليا ۽ هُو ٻين چئن سالن لاءِ نيويارڪ جو ميئر چونڊيو ويو.

مان ٺيڪ آهيان، اُميد ته اوهين سڀ مزي ۾ هوندا. وڌيڪ ٻئي دفعي.

پيارن مان،

ڪملا.

وانجهيل، تنهن ڪري گهر جي ناهيل طعامن جي ڪين تمنا رهيتي، پر اجڪلهه منهنجو ڪم ڦٽ وڌيل آهي. اسپتال مان ٿڪجي ٽٽجي اچان، ڪجهه اُجهيمرئي ڪين. پنهنجي لاءِ ته ڪجهه نه ڪجهه تڪي تيار ڪريان. پر مهمان لاءِ ڪاڏي ناهڻ ۾ ته چڱي محنت ٿي ڪرڻي پوي. تنهن ڪانسواءِ هوٽل جي ڪاڏي تي هوُ سرچڻ نٿا. وڏي ڳالهه ته هوُ محسوس نٿا ڪن ته هڏن جو توهان سان ئي "اٺين پيڙهيءَ اُن، ماڪوڙو ماسات" وارو سڱ آهي، سو مون سان سندن خاص ڪهڙو سنبنڌ ٿيو، جو فون ڪن ته من کو مانيءَ جو نوتو ملي.

ٽيوهين نومبر تي هتي گورو نانڪ صاحب جن جو ۵۰۰ جنم ڏينهن ملهايو ويو. پارتي ايلچيخاني ۾ جشن ۽ لنگر ڪيو ويو، ۽ شام جو ڪلاڪ ريڊيو پروگرام ڪيو ويو. مان ايلچيخاني جي جشن ۾ شريڪ ٿي نه سگهيس. پر ريڊيو تان پروگرام ٻڌم. گورو گرنٿ صاحب مان وچن پڙهيا ويا ۽ دل ڇهائيندڙ ڀڄن ڳايا ويا. تنهن ڪان سواءِ گورو صاحبن جي مختصر جيوني پڻ ٻڌائي ويئي. چڱو ڇهڻو ٿيو. ٻئي ڏينهن نيويارڪ ٽائيمس ۾ ايلچيخاني واري جشن جون ٻه تصويرون ۽ تعريف جوڳا مهتمهي لينڪ پڻ ڏنا ويا. اپالو ۱۲ چنڊ تي ويو ۽ سڪ سان موٽيو. پر هيل ماڻهن جو چندر ياترا ۾ خاص چاهه ڪونه ٿي لڳو، جو ته هڪ دفعو ماڻهو چنڊ تان ٿي آيا، ته هاڻي اِها عام رواجي ڳالهه ٿي ويئي.

جيڪي ڪجهه تي گذريو سو وَٽ سانديندو ۽ جڏهن خط لکڻ ويهه ته سڀ ڳالهيون هڪ ٻئي پٺيان قطار لايو اچيو اڳيان سهڙن. اِئين حياتيءَ جو جڻ هڪ نئون دؤر نصيب ٿئي ٿو. پر خط ۾ لکي به گهٽو لکبو!! پوءِ جيڪي ڳالهيون رهجيو وڃن، سي پاڻ کي ڏيڍ ڏيڻ خاطر چئبو آهي ته هلي منهن سامهون سيني سان ڪبيون.

مان تازو هفتي جي موڪل ڪائي، وري اچي ڪم تي چڙهي آهيان. پاڻ کي چڱو تازو توانو ۽ هلڪو ڦيٿي سمجهان. مهنجو سمورو ٿڪ غائب ٿي ويو آهي، جڻ هوئي ڪونه. پر هفتو اِئين گذري ويو ڄڻ! وقت جي ڪا سمڪ ئي نه رهي. هڪڙو سڄو ڏينهن ته نانڪ جي گهر گذاريم، جو سندس ڪنوار نئين گهر جي سجاوٽ لاءِ صلاح ۽ مدد گهري هئي. جيتوڻيڪ سڄو ڏينهن ڪم ۾ رڌل رهيُسين - دڙن درين جا پردا ٺاهي ٽهڪائي بيهارڻ، سبڻ جي مشين ۽ ڪاڌي جي ميز، وغيره سُڌي جاءِ تي رکڻ - ته به ٿڪ اَصل ڪين محسوس ڪيوسين؛ ڇو ته هيءُ ڪم روزاني ڪم کان نرالوئي هو، جنهن ڪري هر ڳالهه ڪندي ٿڪ بدلي پاڻ مزو پئي آيو. ساڳئي هفتي ۾ گهر جي سهيڙ پڻ ڪيم.

هن هفتي مون مميءَ جي نالي هڪ پارسل روانو ڪيو آهي، جنهن ۾ اَڪثر طرح گهر جي ڏاتو جون شيون موڪليون اٿم. اوهان هڪ تازي خط ۾ لکيو هو ته گهر لاءِ فرج (Frig) ورتو اٿو. اِها ڳالهه خيال ۾ رکي

(٢٢)

نيو يارڪ،
٢٣ مارچ ۱۹۷۰ع

پيارا دادا،

اوهان جا خط هفتي ٻہ هفتي باقاعدي پيا پهچن، جنهنڪري چڱي وندر ٿي ٿئي. خط بہ وڏي وٿ آهي، خاص ڪري جڏهن پنهنجن ڪان پري تو رهجي. پنهنجن جي خبرچار پڙهي دل گدگد ٿيو وڃي- ڪنهن جي شادي ٿي، ڪو وڏي امتحان ۾ پاس ٿيو، ڪنهن کي گل جهڙو ٻار ڄائو يا ڪنهن کا ٻي سوڀ يا مراد پاتي. پرديس ۾ پنهنجن جو احوال پڙهي ايڏي خوشي ٿي ٿئي جنهنجي ڪا پيٽي ڪانهي. اِهي ڳالهيون منهن سامهون ٿيندو ڏسندي شايد اهڙو مزو نہ بہ اچي؛ پر پري ڪان انهن مان هڪ انوکو لطف پڙيي تو. ماڻهو پرديس ۾ پاڻ کي اڪيلوئي تو سمجهي، پوءِ چون بيا ڪيترا نوان واقفڪار ڪٺي ويجهو هجنس. خط پڙهڻ سان پنهنجا دور هوندي بہ ويجها پيا لڳن ۽ سندن سماءُ دل کي بهار ڪيو چڏي. اوهانجو خط تہ مون وٽ جڻ محفل رچائيندو آهي، چو تہ اوهين هرڪا ڳالهہ چٽيءَ ريت بيان ڪندا آهيو ۽ گهڻو نموني پيش ڪندا آهيو، جنهن ڪري خط سکڻي ملاقات کان وڌيڪ مٺو لڳندو آهي. خط لکڻ ۾ پڻ ايتروئي مزو آهي. پرديس ۾

اُڪلي. ساڳئي نموني جي ٻي ٿالهي ڪوپن ۽ پليٽن رکڻ لاءِ آهي.

تنهن ڪانسواءِ اَچي پلاسٽڪ جا ڪپڙا موڪليا اٿم، جن ۾ ڪٽيل ڀاڄي، تازا ڏاٽا ۽ ڦوُد نو ڌوئي رکڻ ۽ رڌل ڀاڄي وجهي فرج ۾ رکڻ سان اِهي ڪيترا ڏينهن تازا رهندا. اِهي شيون وٺنو تہ لکي موڪلجو تہ ٻيون ٻہ اهڙيون ڪمائتيون شيون وٺي، ڏياري موڪليانو.

مهنو ڪن ٿيو تہ هڪ اَميريڪن جوڙي ۽ مسٽر ۽ مسز ملهو مونکي ”پلي بئاءِ“ ڪلب ۾ ڪاني جي نيند ڏني. اِها ڪلب جڳ پرسد آهي. شايد اوهان پڻ هن ڪلب جو نالو ٻڌو هجي. اِها خاص طور شاهوڪار ۽ نامڪنين ماڻهن لاءِ ئي آهي. فقط ميمبرن، اَعزازي ميمبرن ۽ سندن مزمانن کي هتي ماني کائڻ جو پهريون اَڌڪار آهي. باقي ٻين کي اهڙي وجهہ ملڻ لاءِ ميل ڊگهي قطار ۾ بيهڻو پوندو آهي. منهنجا ميزبان ڪلب جي چاٻيءَ وارا ميمبر آهن ۽ هنن ڪلب کي ڪاني جو ٻہ مهنا اَڳ اطلاع ڏنو هو. مان ڪاني تي اَوهان جي موڪليل ٺهڪ ٺهڪندي ساڙهي پائي ويٺي هيس. سڀني جون اکيون جنسي مون ۾ اچي کتيون. هڪ تہ ساڙهي فقط مونکي ئي پهريل هئي ۽ ٻيو رنگ ۽ ڪپڙو ٻہ هٺا ڀڪندڙ، تہ سڀني جو ڌيان پاڻمرادو مون طرف ڇڪجي آيو. ڪلب جي پهرئين ماڙي تي پيگ پيالي ۽ ڊانس جو بندوبست هو. اُتي ڪاڌي ورتائڻ تي منع

مون شيون خريد ڪيون ۽ مميءَ لاءِ پارسل ناهيو. پارسل ۾ هر ڪنهن شيءِ تي اُنجي خريدي ۽ اَگهه جي ٽڪلي اٿو، جنهن ڪري اِتي ڏهوٽي ڪانه پرٽي پوندي. هيءُ شيون هتي سستيون ۽ عام جام آهن، جيتوڻيڪ اِتي اڃا اِنهن جو ايترو رواج ڪونه پيو آهي. پارسل ۾ ڀرين ته وڏو اَٿم مميءَ جي هٿن لاءِ لوشن ۽ هٿن لاءِ پلاسٽڪ جا دستانا. سڄو ڏينهن رڌ پچاءُ ۽ پاٽيءَ ۾ هٿ پوڻ ڪري ۽ ڪي قدر عمر چڙهڻ ڪري سندس هٿ ڦٽي پوندا آهن، يا کلون لهڻ شروع ٿي وينديون آهن. هيءُ لوشن مميءَ لاءِ گهڻو ڪارائتو ٿيندو ۽ آزار کان ڇٽي پوندي. خبر ڏجو ته فائدو ٿئيس ٿو، ته مان ٻي ٻاٽلي ڏياري موڪليانس. دستانا پائڻ سان پڻ هٿن جو بچاءُ ٿيندس، جيتوڻيڪ اهي پائڻ لاهڻ ۾ شايد ڪجهه اَرچڻ ٿئيس. هري وڃڻ سان سڀ ڪجهه آسان ٿي ويندو آهي. گهر جي بورچيخاني جي اِضافي لاءِ هڪ اُباريل يا ٻاڦيل بيدن ۽ ٻي ٽماٽن جي ڪپڻ لاءِ ڪٽڻي (Slicer) موڪلي اَٿم، جئن بيدا پرڻ نه پون ۽ ٽماٽا وٽڙي نه وڃن ۽ هٿن کي نه لڳن، ڦاڪون پڻ سڌيون سهڻيون ڪٽجن ۽ وقت به بچي. تنهن کانسواءِ هڪ ٿلهي پلاسٽڪ جي ڦرندڙ ٿالهي پڻ موڪلي اٿم، جنهن تي جدا جدا مصالحن جون دٻيون رکيون هجن ۽ جيڪو مصالحو جنهن مهل گهرجي تنهن مهل ٿالهيءَ کي ٿوروئي ڦيرائڻ سان اُنجي دٻي بلڪل سامهون اچي بيهي ۽ ڪم سولو

جي ڪاني تي پڻ ڪافي دير لڳي ويئي؛ پر قسمت سان منهنجي ساهيڙيءَ ڊان پڻ ڪاني تي آيل هئي، سا پنهنجي موٽر ۾ پهرين مونکي گهر ڇڏي، پوءِ پاڻ پنهنجي گهر ويئي.

دادا، هٿيءَ جي ٻرڪ ڊاڪٽرن جو مون ۾ اهڙو ته ايمان ٻڌهي ويو ته ڏسجي جو جيڪو به وجهه ٿو ملين، اُن لاءِ پهرين آءٌ مونکي ٿا ڪن. اِجهو تنهن ڏينهن ڊاڪٽر گڊگوالڊ مون وٽ ڪهي آيو ۽ اچڻ سان اَچي چيائين، "ڪملا، تون مون وٽ ٻيو سال به ٻجليءَ رستي مشڪن تپاسڻ جو ڪم ڪندينءَ نه. مان اِن لاءِ توکي لائق اُجورو وٺي ڏيندس." اِها ڳالهه اِتي رهي ته مٿان مغرور مائي ڊاڪٽر نئنسي ڪيسٽر ماٺهو موڪليو. هن جي تندرستي ڊهي پيئي آهي، سو هوءَ موڪل تي ٿي وڃي. پنهنجي پاسي ۾ ويهاريندي، ڏاڍي پاٻوهه مان چيائين، "تون منهنجي پاران هٿ جي مشڪن تپاسڻ جو ڪم سنڀاليندينءَ نه، جيستائين مان موڪل تان موٽان؟" مان لاچار ٿي پيس. هڪ دفعو سا آڪڙ ڏيکاري هئائين؛ جنهنجو هڪدم اُثر مليو هوس، باقي پوءِ ڪان وٺي مون سان اَهڙو سنئون هلندي آئي آهي جو سڀني کي اَچرج لڳندو آهي. هرڪو اِئين چوندو آهي، "هوءَ ڪنهن مان ٽرڻ جي ڪونهي، تو اَلائي ڪهڙو جادو پڙهيو اٿس جو توسان موم ڪان به نرم ٿي هلي."

هٿيءَ جي ٻيءَ کا خاص خبر ڪانهي. ڪجهه ڏينهن ٿيا

هئي، پر اُتي ڇا ته پيهه لڳي پيئي هئي! اسانجي ڪاني جو ٻئي ماڙيءَ تي بندوبست ڪيل هو. وڏن ماڻهن لاءِ ڪاڻي جي هال ۾ ڇا تـه رونق لڳي پيئي هئي! ۽ ڇا ورڻي لذيذ کاڌو هو!! مان اهڙو ڀيو کاڌو ڪين سعيران!! پر پئسا ٻڻ ٽالهي ٻڌا ورتائون - اُنن جڻن جي هڪ ڪاڻي لاءِ ٻه هزار رپيا!! تنهن ڪانسواءِ منهنجن ميزبانن مولکي هڪ عمدي عطر جي شيشي ۽ ”پلي بئاءِ“ ڪلب جـو خاص سگريٽ لائيٽر سوغات طور ڏنا. لائيٽر تـه شخصي طور منهنجي ڪم جو ڪين هو، باقي عطر ته منهنجي دل وٺان نڪتو. اُن رات ڇگو ديـو سان گهر پهتيس.

اڳئين دفعي ڊاڪٽر سميان کي ”ز“ ڪئي هئم ته هيل ٻه مهنا اڳ گهر اچڻ جـو نوتو ڏيئي ڇڏيائين، جنهن ڪري ضرور وڃڻو پيـو. سندس نئين جاءِ ڪا هئي! وچ هلندو، جي ڪيٽي ڪمرا ڪٽن! پر سڀ ڪمرا ڪشادا ۽ هوادار، ۽ سهڻي نموني سجايل. ڊاڪٽر سميان ورڻي اُتاليين کاڌو ڪارايو! کـاڌو واه جـو هو!! هتي هرديس جا ماڻهو رهن ٿا ۽ پاڻ ۾ جو سندن ڪافي گهري لڙه وچڙ آهي ته جدا جدا ديسن جو کاڌو ورتائڻ جو سولو وجهه ملي ٿو ۽ اُن مان خبر پوي ٿي تـه کهڙن ديسن جو کاڌو ڇيدو آهي. مان هوند چاهيان ته ڪنهن ڏينهن پنهنجن سڄاتـلـن لاءِ هڪ سـرو ديشڪ کـانـو ڪريان - واه جو مزو اچي ويندو!!! ڊاڪٽر سميان

ڄڻي پاسي ٻر ڄاءِ ونئي. هيل ئي اوهان سنڌس ڇتائنو مان ڪيو آهي، جنهن لاءِ مان اَوهان کي دل گهريون مبارڪون ٿي ڏيان. اِهو فوٽو ڏسي مان نس پس ٿري پيس ءَ فوٽو ڪٽي ڇاتيءَ سان لڳايم! مس ڪري ته اسان جي سڀاجهي مميءَ کي مان مليو آهي!!

وڌيڪ سڪ. جواب جلد ڏجو.

پيارن مان،
ڪملا.

ته سورج گرهڻ ٿيو هو، سو اکئين ڏٺم. فرانس جو پريزيڊنٽ هتي آيو هو، تنهنجي مرحبا جو نظارو دور-درشنيءَ تي واچيم. اوهانجي طرف جو ڪهڙو واءُ سماءُ آهي؟ اِندرا گانڌي ته زور هلندي پيئي اچي، جيتوڻيڪ هتيجي ماڻهن کي اهڙي پڪ ڪانه هئي ته هوءَ ڪا گهڻو وقت جٽاءُ ڪندي!! اوهين پنهنجي تندرستيءَ بنسبت ڪجهه ڪين ٿا لکو. تازو موڪليل فوٽن ۾ ته سرها پيا لڳو. سچ پچ ائين آهي، ڪين فوٽن جي ڪا طلسم بازي آهي! وملا پنهنجي خط ۾ لکيو هو، ”دادا اهڙا نيڪ ناهن.“ ڊاڪٽر کان ڇو ڪين ٿا تپاس ڪرايو؟ دادا، ڏاڍا ٿيو نه. اوهان کي ته پنهنجي پرواهه ڪانهي، پر اسانجي صدقي ته پاڻ تي ڪجهه ڌيان ڏيو نه. ٻئي خط ۾ پنهنجي صحت جو احوال ضرور ڏجو.

اوهانجا موڪليل هوليءَ جي دل تي نڪتل فوٽا مونکي گهڻا پسند آيا. ويجهن مٽن مائٽن کانسواءِ پيا ماڻهو خاص ڪين سڃاڻي سگهيس. فوٽن ۾ خاص فوٽو مونکي اهو وڻيو جنهن ۾ ممي اوهان سان گڏ پهرين صف ۾ سوفي تي ويٺي آهي. اوهين ته ٿيا نيات جا مکي، جنهن ڪري اوهانجي حقي جاءِ مقرر آهي. باقي جڳ ممي‌ءَ بلي ماري آهي جو اوهان کيس هيلتوڻي پنهنجي جوڳي جاءِ کان پٺي والجهيل رکيو آهي. اِهو سندس مرڪ آهي ته هوءَ موقعي پٽاندڙ پنهنجي پنيءَ

ڪهڙي خاص طب جو خاص اڀياس ڪري رهي آهي!
اِنسان جي جسم ۾ ڪئين قسمن جا آزار اُسرن ۽ اُپرن
ٿا. مان بجليءَ رستي بدن جي نسن ۽ مشڪن جي جاچ
لهندي آهيان ته اهي پوري طرز تي هلن ٿيون يا نه ۽
پنهنجو ڪم پوريءَ ريت سنڀالين ٿيون يا نه؛ ۽ جيڪڏهن
ڪٿي به ڪا ڍرائي ٿي ٿئي ته اُنجو ڪارڻ ڪهڙو آهي؛
ڪٿي به ڪو سور ٿو اُپري ته ڇو؟ اِنهيءَ لاءِ مونکي
مريض جي نسن ۽ مشڪن کي بجلي شاڪ (لوڏو) ڏيڻي
اُنهن جا فوٽا ڪيڻا پوندا آهن ته انهن لوڏن ڏوڏن
جو ڪهڙو اَثر ٿو ٿئي- جاچيندي آهيان ته نس يا
مشڪ ڪيتري چستيءَ سان انهيءَ لوڏي جو اَثر محسوس
ٿي ڪري. منهنجي جاچ جي هڪ ٻي طرز پڻ آهي-
گهربل مشڪ ۾ سنهي بجلي- سئي ٽنبي، اُن دوارا
جاچڻ ته اِنهيءَ مشڪ ٿي، ڪم نه ڪندي ۽ ڪم ڪرڻ
جي حالت ۾ بجليءَ جي شاڪ جو ڪهڙو اَثر ٿئي ٿو.
انهيءَ ٽپاس لاءِ اسان وٽ جبرا ۽ باريڪ ٽيپ رڪارڊ،
فوٽن ڪيڻ لاءِ ڪئميرائون ۽ حساب ڪندڙ اوزار هڪيا
حاضر هوندا آهن. مان سڄو ڏينهن انهيءَ جاچنا ۾
رڌل هوندي آهيان. اُسانجو گهڻوٽڻو واسطو بجليءَ تي
هلندڙ اوزارن ۽ ڪئميرائن سان ئي آهي، جنهن ڪري
سياويڪ مونکي بجليءَ جي ٻـ چڱي جاڻ ٿي ويئي
آهي. مونکي پنهنجي ڪم مان اُچا سوڌو ته خاص مزو
اچي پيو، پر ڪجھ وقت ڪاڻپوءِ شايد مون لاءِ سڀڪجھ

(٢٣)

نيو يارڪ،

٢٥ جون ١٩٦٩ع

پيارا دادا،

اوهانجا خط پهتا. پڙهي احوال معلوم ڪيم. اڳتي پڻ ياد ڳيريءَ کان نه وساريندا. مان هتي مزي ۾ آهيان، اُميد ته اوهين سڀ پڻ بلڪل ٺيڪ هوندا.

هتي ته هڙتالن جي ڌم لڳي ويئي آهي. ٻهرين ٽپالين جي هڙتال ٿي- ٽپال نڪرڻ ۽ اچڻ صفا بند ٿي ويئي. اها مس ڪري پوري ٿي ته هوائي بندرن تي ڌرنو شروع ٿيو- ڏس ته هرڪو هوائي جهاز مقرر مهل کان پنج ڇهه ڪلاڪ پٺيان پيو ڇٽي. تنهن کان پوءِ مرڪزي سرڪار جي ملازمن ڪم تي چڙهڻ کان نابري واري ۽ هاڻي وري اِسپتالن ۾ هڙتال جو ڌڙڪو مليو آٿن. مطلب ته سيني کي ڏک سور آهن ئي آهن؛ پيو نه ته هر ڪنهنکي پگهار جو پيٽ-سور آهيئي آهي! ڪم ڪندڙ ٿي پيا آهن گهٽائيءَ ۾، تنهن ڪري عدد جو فائدو وٺي عام جنتا کي پيا آزارين، ۽ جي ڪٿي ڪجهه چئبن ته جواب ڪتو: ”اوهان سان اهڙي ويڌن هجي ته هوند زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو! جت ٻاهه لڳي اُت سيڪ اچي.“

اوهين شايد عجب کائيندا هوندا ته ڪملا آخر

ليڪ موڪلڻ لاءِ عرض ڪيو هو. مون هن وٽ ڪم ڪيو آهي ۽ منهنجو ڪم ڪيس خاص پسند پيو هو. ان سبب ئي هن ٻين کي ريٽي، مون سان فوٽا ڪڍايا هئا، جي پوءِ ڇپايا ويا. اِنهيءَ تي ڪيترن سکيا وٺندڙ ڊاڪٽرن کي منهنجي ايڏي مان مرتبي تي رشڪ ٿيو! ڊاڪٽر رسڪ مونکي پاڻ وٽ گهرايو ۽ ليڪ لکڻ لاءِ چيو. مون ڪيس ليڪ تيار ڪري ڏنو آهي ۽ اهو سندس ۽ منهنجي نالي ۾ جلد ڇپبو ويندو! جڏن ئي اَسان وٽ اِها مخزن آئي ته مان اَوهان کي اُنجو اطلاع ضرور ڏينديس. مون اَڳي سيڪراٽن کي هڪ ليڪچر ڏنو هو، اُن لاءِ مونکي ڇهه سؤ رپيا اُجوري طور ڏنا اٿن.

تازو منهنجو ڊاڪٽرن رميش ۽ رامداس پاڻ سان ڳنڍجڻ ٿيو. هو مئنگلور جي مشهور سرڪاري ڪستوربا طبي ڪاليج جا روح روان آهن. هنن مونکي هزار رپيا مهني ۽ مفت گهر ۽ ٻين ضروري سهولتن سان نوڪري جي آڇ ڏني. مون ڪين پڪو فيصلو ڪونه ٻڌايو. ڏسان ته ٻين هنڌان ڪهڙو آسرو ٿو ملي. جي. جي. هاسپيٽل جي ڊاڪٽر جوشيپرا جي چوڻ تي مون بمبئيءَ ۾ نئين جڙي اِسپتال "جسلوڪ" جي ڊاڪٽر مهتا کي به پنهنجي ڪيل ڪم جي تفصيلن سوڌو درخواست ڏياري موڪلي آهي. ڏسون ڪهڙو ٿو ٻوٿو ٻري.

مان سمجهان ٿي ته توهان جيڪا صلاح ٻيهاري آهي سائي سينئي ڪان سٺي آهي ته مان ٻيو امتحان ڏيئي،

هڪ رواجي ڳالهه ٿي وڃي ۽ ٻوءِ شايد اُن مان خاص لطف نه به اچيم. اِنهيءَ وچ ورڇ هڪ نئين ڳالهه شروع ٿي ويئي آهي. ڊاڪٽر گڊ گولڊ ڳالهه ڪئي ته طبي مرڪز ۾ سندس نظرداريءَ هيٺ بجليءَ رستي مغز جي نسن جي تپاس جو خاص ۽ نرالو ڪاتو کوليو ٿو وڃي. سندس مرضي هئي ته اِهو ڪاتو، سندس صلاح سان، مان ئي هلايان! مٿان جو ڊاڪٽر اِسٽرئنس موڪل ٿي ته وڃي ته هن جي ڪم جي جوابداري ڊاڪٽر گڊ گولڊ کي ئي هموار ڪرڻي پوندي، جنهن ۾ هوُ سڄو وقت ڳيتو پيو هوندو، جنهن ڪري مغزي نسن جي جاچ پڙتال ۽ طب جو ڪم مونکي ئي اڪيلي سر سنڀالڻو پوندو. نئون ڪم آهي سو مزو ته واه جو ڏيندو. دادا، آسيس ڪجو ته اَهڙي ساڃهه ۽ سڀڏي نصيب ٿئيم جو اَميريڪن نه هوندي به اِهو عهدو ۽ جوابداريءَ جو ڪم قابليت سان ماڻي ۽ هلائي، پنهنجي ديس جو منهن مٿي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيان!

٦ مئيءَ تي مون پنهنجي خاص ڪم بابت ڊاڪٽرن جي سڀا اَڳيان هڪ پيپر (Paper) پڙهيو. ليڪچر بلڪل لس ۽ بنا هٻڪ ڪري ويس ۽ سڀني کي گهڻو وڻيو. ڪيترن ته وڏي اَچي مولکي واڌايون ڏنيون ۽ منهنجي ڪم کي خوب ساراهيو. ڊاڪٽر هاورڊ رسڪ (Howard Rusk) جو دنيا ۾ پنهنجي ڪم ۾ پڙ هڻڻ ڪان ناميارو آهي، تنهن کي هندستاني طبي مخزن وارن

مون پنهنجي لاءِ هڪ نئون برساتي ڪوٽ خريد ڪيو آهي - نالوئي اٿس "لنڊن جو ڪوهيڙو".

هتان جي ڪا بہ خاص خبر ڪانهي. اتي جو ڪهڙو احوال آهي؟

وڏيڪ سک. ممي ءَ لاءِ پيار.

پيارن مان،
ڪملا.

پوءِ ئي واپس وطن وران. اتي سٺي نوڪريءَ جو ايجا نه ڪو سؤڙو پربند ٿي نه سگهيو آهي. مونکي هتي هونءَ به پنهنجي نوڪري آهي ۽ ايندڙ سال وٽس ڪم ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر گڊ گولڊ زور پريو اَٿم. وڌيڪ الڪوئي ڇا جو!

منهنجو آمريڪا ۾ رهڻ جو پنجن سالن جو مدو سيپٽمبر ١٩٧١ع ۾ ختم ٿيندو. مون ان ڪري امتحان ڪاميٽيءَ کي، ڊسمبر ١٩٧١ع بدران جون ١٩٧١ح واري امتحان ۾ وهڻ جي اجازت لاءِ درخواست ڪري ڇڏي آهي. جيڪڏهن هنن منهنجي عرضي نامنظور ڪئي ته مان سرڪار کان ڇهن مهنن وڌيڪ رهڻ جي موڪل وٺنديس، جا اُميد ته اَوهانجي جهوني شاگردڻ (هتي جي هندستاني ايلچيخاني ۾ عملدار) جي واهر سان بنا ڪنهن اَرچڻ جي بحال ٿي ويندي.

مون تازو به هندي ٻولتيون فلمون ”ملن“ ۽ ”لاٽ صاحب“ ڏٺيون. چڱو مزو آيو.

ڪجهه ڏينهن ٿيا ته مون بازار ۾ ٽئفلان جو ٿهه ڏنل ٽئو ڏٺو، جو مونکي ترڻ ڪرڻ لاءِ چڱو ڪارائتو پئي لڳو؛ سو خريد ڪري مميءَ جي نالي پارسل ڪري موڪليو اَٿم. مليو ته پهچ ڏجو.

• دادي موهني هاٿيراماڻي، ڪملا اسڪول جي هردلعزيز ماستراڻيءَ جي ديهانت جو پڙهي اَلبت ڏک ٿيو.

دفعي جڏهن ٽيليفون وارن چيو تہ، دادا تہ هن وقت حاضر ڪونهي؛ باقي ممي آئي آهي، تہ مان تہ گد گد ٿي ويس. هڪدم چيومان، ”بلاشڪ ممي ئي هجي“ پر جڏهن ڳالهائڻ شروع ٿيو تہ دادا جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو!! تڏهن دل پرچائيندي چيم تہ، دادا ڪان خبرچار پڇي پوءِ ممي ءَ سان ٿي ڳالهايان. ممي تہ رهي پري، مور ڳو دادا سان بہ پورو ڳالهائڻ نہ ٿيو! پرديس جا جي اِهي ڏک آهن!!

تنهن هوندي بہ چڱو ٿيو. ٽڪوُن سي ٿي ٻڌيم، پر گهڻو ڪجھ سمجهي ويس. پلا بہ بار جي عليل هوندا تہ خط لکڻ اُجهندو ڪٿان! سوُريءَ جي بيماري آهي تجس، تنهن ڪري اُلجي خاص نگاھ ڪرڻ جڳائي. دادا، هاڻي خط ضرور ۽ جلد لکجو، ۽ اُنھ علاج ڪندڙ ڊاڪٽر جو نالو، ڪهڙي تپاس ڪرائي اَٿس، پاڻ ڇاٿو سمجهي ۽ ڪهڙو علاج ڏسيو اٿس، سو سڀ لکجو. مون کي البت چورا ڪورا وڻي ويٺي آهي تہ هيلٿوڻي ڦڪين فرق ڇو ڪين ڪيو آهي. پنهنجي آزمودي پٽاندڙ مان صلاح ڏينديس تہ هن حالت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي، پوءِ ڏسجو، جيڪي وڻيوَ اُئين ڪجو. پر اَحوال ترت ۽ تفصيلن سوڌو موڪلجو.

دادا، هتي جا ماڻهو اهڙا زلٽا ملٽا آهن جو جهٽ گهڙا ۽ گهڻگهڙا ٻڌجيو وڃن. تازو ڊاڪٽر سميان ڪانو ڪيو ۽ مولکي پهاڻ ليبڻ ڏيڻ آيو. مون گهڻوئي وڃڻ

(٢٤)

نيو يارڪ،
٣٠ آگسٽ ١٩٧٠ع

پيارا دادا،

ڪيتري وقت کان جو اوهانجو خط ڪونه آيو هو، سو چنتا وڌڻ ويم. اوهين پيرو پڇڻ وارا ته ڪين آهيو، پوءِ خط ڇو ڪين آيو هو؟ ڪجهه ڏينهن ترسيس به، پر تڏهن به خط ڪين آيو. تڏهن رهيو نه ٿيو، سو تار ڪرڻ لاءِ تيار ٿيس. پر جهٽ خيال مٽايم. ٽيليفون تي ڳالهائڻ بهتر سمجهي، توهان سان ڪالهه ڳالهايم. ڳالهائڻ سو منٽ اَڌ مس ٿيو، پر خوشي ڪا ٿيم! دادا، تارون خراب هيون، تنهن ڪري ڪجهه به چٽو ٻڌڻ نه پيو اچي. توهان جنهن مهل چيو ته "مونکي ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي"، ته خود اوهانجو آواز تمام جهيڻو هو. مون اِنڪري ٽيليفون آپريٽر کي دانهن ڏني. نيو يارڪ ۽ لنڊن وارن وسُون نه گهٽايو ته آواز چٽو ٻڌڻ ۾ اچي، پر پوني ۽ بمبئيءَ جون تارون اهڙيون بيڪار نڪتيون جو آواز چٽو نه ٿيو، نه ٿيو. آخر هنن پڇر ڇڏي ڏني ۽ مونکي چيائون ته "ڪال" بعد ڪريون ۽ اوهان جيڪي پاڻ ۾ ٿورو ڪجهه ڳالهايو اُن لاءِ ڪجهه به نه وٺنداسين! اِها ڪيڏي نه آهي هن طرف جي ماڻهن جي شرافت!! ڏاڍي دل هيم مميءَ سان ڳالهائڻ جي؛ سو ڀيرئين

جيڪي شيوا جا وجهه ملندا ۽ جيڪا آمدني ٿيندي
اُن تي راضي رهندس؛ پر جي ذرو به قدر نه ٿيو ته پس
پيش آميريڪا موٽي ايندس. آخرين تير ڇوڙيندي
ڊاڪٽر ڪيسٽر چيو، ”ديس لاءِ جي تنهنجي ايڏي
شوق آهي ته توکي وڌيڪ زور ڪري نٿو سگهجي.
تنهن هوندي به خاطري ٿي ڏيارياں ته ڪڏهن به تون
ڪم ڪرڻ لاءِ آميريڪا موٽي ايندين ته مان تو لاءِ سنو
بدهت ڪرڻ جي دل وجان سان ڪوشش ڪندس
۽ اُن ۾ ضرور ڪامياب ويندس.“ ڊاڪٽر تسل پڻ
پنهنجون شيپ ڪامنائون ڏنيون. اِئين اچا ڳالهايوسين
پئي ته ڪو ٽئاڪڙ اچي سهڙيو ۽ اِئين ڳالهه جو سلسلو
وڌيڪ جاري رهي نه سگهيو. آميريڪن لوڪن ۾
گهرائي ۽ گهڻگهرائي اجهو اينري قدر آهي.

مونکي بمبئيءَ موٽڻ ۾ باقي سال کن آهي. جنهن چار
سال نبري ويا، اُتي پنجون سال ويرم وٺندو ڇا! سو
خيال آير ته توهين هينئر اُئي گهر جي سهنج سهوليت
لاءِ جيڪي شيون گهرجن اُنهن جي يادداشت ٺاهڻ شروع
ڪريو. تنهن ڪانسواءِ اوهان مان هرهڪ کي پنهنجي لاءِ
ڇا ڇا کپي، اُهي تفصيل پڻ تيار ڪريو ۽ جلد مون ڏي
ڏياري موڪليو. ڪجهه وقت ته مان پڙهڻ ۾ مشغول
رهندس، باقي خريداري ڪرڻ جو خاص وقت ڪين
بچندو. اِها لسٽ مون وٽ هينئر اُئي حاضر هوندي ته
وقت ملندي آهستي شيون وٺندي ويندس

ڪان نٿايو، پر ڪنڌ ڪڍائي نه سگهيس ۽ ڪاني تي
ويس. اتي گهٽيئي ماڻهو، ڊاڪٽر لوڙي ٻيا ناميارا
شخص آيل هئا. ڊاڪٽر ڪيسٽر ۽ ٽسل به آيا هئا. هوءَ
مونکي سڏي پاسيرو وٺي هليا ۽ ڳچ وقت نويڪلو پاڻ
۾ ڳالهايوسين. ڊاڪٽر ٽسي ته مونکي سوالن سان جنسي
گهيري ويئي. سوال پڇيائين، "آخر تنهنجي لاءِ بمبئيءَ
۾ يا ٻئي ڪنهن هنڌ نوڪري يا اسپتال نهي رکي ته
ڪانهي، پوءِ تون ديس موٽڻ جو خيال صفا لاهي ڇو
ڪين ٿي ڇڏين؟ تنهنجي لاءِ سٺي نوڪريءَ جو مان
ٿي بندوبست ڪريان." مون ڪيس ورندي ڏيندي
چيو، "مون سان ايڏي گهڻگهرائيءَ لاءِ اوهانجي وڏي
مهرباني. پر مان پنهنجي ديس وينديس ضرور. اتي
پنهنجو ڪم هلائينديس؛ پر جي ڏٺم ته منهنجي ڪم
جو قدر نٿو ٿئي ۽ تنگ ٿي پيئي آهيان ته پوءِ اوهان
جي آڇ جو فائدو وٺڻ کان ڪين ڪيبائينديس." پر
ڊاڪٽر ڪيسٽر ائين ڪٿان ٿي راضي ٿئي. هوءَ جبري
عورت آهي. "نه" ٻڌڻ لاءِ هوءَ ڪڏهن به تيار نه
هوندي آهي. سو جواب ۾ چيائين، "تنهنجي خاص
اڀياس جو تنهنجي ديس ۾ ڪهڙو قدر ٿيندو! منهنجي
صلاح وٺي هتي ئي رهي پؤ. مان توکي نيويارڪ ۾
هتي ئي عمدو عهدو هٿ ڪري ڏينديس. الهيءَ جو
اَصل فڪر نه ڪر ۽ پگهار ۾ پڻ ڪس اَصل نه لڳنديءَ."
پر مان به پنهنجيءَ ٽيءَ تي بيٺيس ته وطن ضرور ورنديس،

هيءُ عمدو موقعو نهي آيو. مڇي اهڙي سٺي نهي ڇا! مهمان اُن تي بس بس مفتون ٿي پيا. اَڻ گهري سارا ته هڪ طرف رهي، پر هو هر ڪري پيا پڇن، ”اوهين اهڙا عمدا ڪاڌا ڪيئن ٿا تيار ڪريو! اوهانجي ڀيٽ ۾ اسان ڪي ته جڻ ڪاڌي تيار ڪرڻ جو ڏانءُ ئي ڪونهي!!“ مسٽر ۽ مسز ملهر ڪائي خوش ٿي اَڌ رات کان ٻه ٿورو پوءِ موڪلائي گهر اُسهيا.

خيال اَٿم ته ٻئي مهني ۾ ساليانين پندرهن ڏينهن جي موڪل ۾ يورپ جو چڪر لڳائي اچان. سوچيو اِئين اَٿم. پر اڃا پڪ ڪانه ٿي آهي. هن پاسي جو ٻيو ڪو خاص احوال ڪونهي. چڱو ڀلا. وڌيڪ ٻئي دفعي. پر توهين خط جلد لکجو ۽ سربستو احوال ڏجو.

پيارن مان،
ڪملا.

ته ڪم سانهستيء ۾ سنو به ٿيندو ۽ ڪا ڳالهه وسرندي به ڪين.

مان جو مسٽر ۽ مسز ملهر سان "پلي بئاء" ڪلب ۾ ماني ڪائي آئي هيس، سو پنهنجو فرض سمجهيم ته مان پڻ ڪين مانيء تي گهرايان. ڪائبو ته ڪنگهبو به ته سهين نه. ڪين نوتو ڏيئي گهر گهرايم. هتي جي ماڻهن کي هندستاني کاڌا ۽ طعام خاص طور پسند اچن ٿا. هتي هوٽلون آهن جتي هندستاني رڌل شيون برابر ملن ٿيون، پر انهن ۾ اهو جس نٿو رهي جو پنهنجن هٿن سان تيار ڪيل کاڌي ۾ ٿي سگهي ٿو. ڊاڪٽر ڪيسٽن، ڊاڪٽر فليشر، ڊان، بلي ۽ ٻين جي مان جڏهن ماني موڪلائيندي آهيان ته هو نوتو انهيء شرط تي قبول ڪندا آهن ته ڪاڌو مان گهر ۾ تيار ڪنديس. مان ته اتي ويشنو کاڌو ورتائيندي هيس. هتي پڻ مهيشوري کاڌو مولکي خاص ڪين وڻندو آهي. پر مهمانن جي ته مرضي رکڻي ئي آهي. انڪري ئي ممىء کان جدا طعامن جا نسخا لکارائي گهرايا هئم. ٻيا جي هيلنوٽي مون وٽ مانيء تي چپ چٽيندائي آتيا هئا ته مسٽر ۽ مسز ملهر جي مانيء ۾ ڪا ڪسر ٿورئائي وجهڻي هئي. هن دفعي ان ڪري ٻين شين سان گڏ ممىء جي ڏنل ڏس تي مڇي ناهيم. انهيء ئي هڪڙي شيء تي هيلنوٽي هٿ ڪين آزمايو هوم. پاڻ موڪائڻ جو ۽ ڏيهه جي اڃا به وڌيڪ ساک وجهڻ جو جڻ

جمبو جي مسافريءَ ڪا پڌائي ويئي هئي!! جمبو ۾ پوڻا چار سو کن ماڻهو هڪ وقت مسافري ڪري سگهن ٿا ۽ ان ۾ ٽي طبقا ٿين ٿا. جمبو لهڻ چڙهڻ وقت برابر لس هليو، پر رستي ۾ جهوٻا ۽ لوڏا چڱا آيا. اِهي شايد انهيءَ ڪارڻ هئا جو ڪيترن هنڌ هوا جا ڦوڪٽا ٺهي بيا هئا، جتان لنگهندي جمبو جهڙو اَجگر بہ ڌڏي ٿي ويو. ڌوڏن ۽ لوڏن ڪري مونکي ڪمر پٽو سڄو وقت ٻڌو پيو هو، جئن ڪٿي اُڇل نہ کان. مونکي جمبو جيٽ (بوئنگ ٧٤٧)، کان بوئنگ ٧٠٧ جي مسافري وڌيڪ پسند آهي. جمبو جيٽ کي زمين کان آسمان ۾ اُسرڻ لاءِ ٽيھ ميل تہ لنبي سڙڪ گهرجي! اَسانجو هوائي جهاز نيويارڪ مان ڏيڍ ڪلاڪ دير سان ڇٽو، پر پڻوس ۾ پوري وقت تي اچي پهتو، ۽ اسين لنڊن وارو هوائي جهاز وقت سر پڪڙي سگهياسين. جهاز لنڊن پهتو تہ هميشہ موافق اُتي اوڙڪ پئي وسي، جنهن ڪري چڱي ٿڌ ڪار هئي. قسمت سان مان برساتي ڪوٽ ساڻ کڻي آئي هيس، جو مونکي ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيو. هوائي بندر تان بس آڻي هوٽل تي لاٿو.

هونءَ تہ هوائي مسافريءَ ۾ مزو ايندو آٿم، پر هن مسافريءَ ٿڪ ڪري ڇڏيو. سو ماني کائي وڃي ليٽيس. ٻہ ٽي ڪلاڪ سٺي ننڊ ڪيم- جيءَ ۾ جڻ لٿيس جان اچي وئي. ڪپڙا بدلائي نڪتيس شهر جو سير ڪرڻ. جئن تہ اِهو آرتوار جو ڏينهن هو، تنهن ڪري، دڪان

(٢٥)

نيو يارڪ،
٢ آڪٽوبر ١٩٧٠ع

پيارا دادا،

مان يورپ جو پندرهن ڏينهن جو چڪر ڏيئي، ٻيو ڏينهن نيويارڪ واپس موٽي آهيان. سڀو وقت اڪيون پاتيم، پر اوهانجو هڪ به خط ڪونه آيو. هتي ٻڻ کو احوال ڪونه آيو آهي. اُميد ته سڀ نيڪ وينا هوندا. مان هتي مزي ۾ آهيان.

مان تاريخ ١٢ هتان بوئنگ هوائي جهاز ۾ لڳيس. جهاز ۾ چڙهڻ کان منٽ اڌ اڳ ئي پتو پيم ته "جمبو جيٽ" ۾ ٽي پئرس وڃان! خير، مسافري ته ڪيم، پر اُهو خاص مزو ڪونه آيو. هڪ ته هوائي جهاز ۾ بندوبست نيڪ نه هئا، ٻيو ته مسافر به گهڻا چڙهيل هئا- جنسي ڪچ لڳو پيو هو. هوائي جهاز جي جنهن حصي ۾ مان ويٺل هيس اُتي ٻٽيون وساڻيون پيون هيون. ٻـاٽ اولڌه ۾ نه ڪجهه ڏسي سگهه، ۽ لڪي ڪي لکي ئي سگهه! نه وري سگيت ٻڌڻ جو وجهه ئي مليو، جينوئيڪ اهڙي قسم جي خاطري مليل هئي. ڪنهن بولتي فلم ڏيکارڻ جو به ڪو پربند ڪيل ڪونه هو. جنهن ڊاران ڪٽي وقت وللدر ۾ گذار جي! ٻجليءَ جو ڪجهه رولو ٿي ڏنو. جمبو جيٽ جا جي اهي افعال هئا! باقي اشتهارن ۾

اهي پڻ ڏسڻ وٽان هيون. بڪنگهام محلات ۾ پهريدارن جي بدل جو دلڪش نظارو پڻ نصيب ٿيو. واه جو لقاءُ هو. اِتي بک اَچي لڳي، سو منجهند جي ماني سنگيت هال لاڳيتو هوٽل ۾ هلي کارايائون. اَنگريزي رڌل کاڌو اَهڙو مزي وارو ڪين هو. اَميريڪن کاڌو اُن کان وڌيڪ لذيذ ٿئي ٿو.

شام جو نڪتيس خريداري ڪرڻ. پر ٿوريائي ڪجھ ڪري سگهيس، ڇاڪاڻ ته دڪان ساڍي پنجين بجي ڌاري بند ٿي ويندا آهن. پاڻ لاءِ هڪ فرانس ۾ تيار ڪيل برساتي ڪوٽ ورتم، جو نيويارڪ ۾ لنڊن کان هوند ٿيڻي اَگهه تي مليو؛ هڪ خميص خريد ڪيم جا گوپال کي ٺهندي ۽ ٻه زنانا رومال اَوهانجي پسند جي ۽ جهڙا اوچا پرمد مارڪي وارا اَوهان لاءِ ورتم. اينتري ۾ مينهن پوڻ شروع ٿي ويو. هوٽل ۾ ماني کائي مينهن ۾ ئي نڪتيس پڪاڊلي سرڪس جو نظارو نظر مان ڪڍڻ. چيائون پئي ته بيو اَهڙو بتين جو لقاءُ ڪٿي ڪونهي، جو ان کي شهه ڏيئي سگهي. بتين جي جهرمر ڇڳي هئي ۽ سينگاريل دڪانن جو نظارو نزاڪت پريو هو، پر انهن جي ڀيٽ ۾ نيويارڪ جو ٽائيمس چؤسول ڏهڻو بهتر آهي. منهنجي نظر ۾ اِهو پڪاڊلي سرڪس کان هرحال ۾ گوءِ کڻيو بيٺو آهي. لنڊن ۾ سڄو وقت جڻ بيرن تي ئي هيس. اَڄ رات ٻه مس هوٽل تي موٽي اَچي سگهيس.

ته بند ٿيئي هئا. تنهن هوندي به آڪسفورڊ مارڪ جي دڪانن جون سينگاريل دريون سُونجهيندي وقت وندر ۾ اهڙو سٺو گذريو جو مان هوٽل ۾ يارهين بجي رات جو مس موٽي سگهيس.

ٻئي ڏينهن گهمائڻ وارن سان شهر جي شڪل تي نڪرڻو هو؛ سو سويلئي نيرن ڪري، ترت تيار ٿي ويس. پهرين وڃي هليا لنڊن جي اُلهندي ڇيڙي ۾، هائيڊ پارڪ (Hyde Park) ڏيکارڻ. اُتي جا آدم-قد پتلا، خاص طور ڊيوڪ آف ويلنگٽن جو، ڏسڻ وٽان هئا. پوءِ آياسون هائوسز آف پارليامينٽ ۾. واهه جي عاليشان عمارت هئي. ويجهوئي بگ بين (Big Ben) گهڙيال هو، جنهن جا سريلا ٽڪاءُ ٻڌڻ وٽان هئا. ويسٽ منسٽر ديول توڙي سينٽ پال ديول واهه جو دل تي عمدو اَثر ڇڏيو. عجائب گهر ۽ راڄائي سنگيت هال پڻ رونق پيا هئا. گذريل مهاڀاري لڙائيءَ ۾ سينٽ پال ديول جي گول گنبذ کي جرمن هوائي باز نقصان رسائڻ ۾ ڪافي ڪامياب ٿي ويا ٿي ڏٺا. اِنهيءَ سينٽ پال ديول جو رڳو گنبذ ئي تور ۾ ٻيو نه ته ٽيهه هزار ٽن ته واهه جو ٿيندو. پر اَنگريزن مرمت جو واهه جو ڪم ڪيو آهي. تنهن کانسواءِ اَسان کي اهو قلعو به هلي ڏيکاريائون جنهن ۾ انگلنڊ جي راڄائن جا ڳهه ڳهنا محفوظ رکيل آهن. لنڊن ۾ پليون به جام آهن، جن مان لنڊن برج، ويسٽ منسٽر برج، واٽرلوُ برج ۽ ٻيون، شهر جو چڪر هڻندي، لتاڙيون پيئون.

پهچائڻ کـي روڪڻ لاءِ ڏنئي ٿـي ويئي. نيويارڪ ۾ اهڙي خاص تلاش ڪانه ورتي ويئي هئي.

هوائي جهاز جو اُڏاڻو ته ڪلاڪ ۾ آڻي اَئمسٽرڊيم پهچايائين. اَئمسٽرڊيم واهه جو عاليشان شهر آهي - ڏاهن جو شهر آهي. شهر مان سؤ کن واهه ته واهه جهڙا ٿا وهن. هوٽل ۾ هٿ منهن ڌوئي، هليس شهر جو بنهه مرڪز گهمڻ. اُتي آئسٽر بار هوٽل تي ماني کاڌيم. هن هوٽل تي سيڪجهه سمنڊ جي پيدائش (Sea Food) مان ٺاهي تيار ڪندا آهن. کـاڌو حد لذيذ هو. اَڌ رات تائين شهر گهمندي ڏٺي رهيس. ٻئي ڏينهن Tour "سفر ڪمپني وارا" شهر ڏيکارڻ هليا. واهن تي موٽر ٻيڙيءَ ۾ سير ڪرڻ ۾ خوب مزو آيو. پوءِ آياسين هيرن چمڪائڻ جي ڪارخاني تي. شاهه صاحب ته برابر چئي ويو:

ويا سي ويڇهار، هيرو لعل ونڊين جي.

پر هتي جي ڪارخاني وارن جيڪي ڏيکاريو ۽ سمجهايو تنهن مان اِئين ئي ثابت ٿيو ته اِهي ويڇهار موٽي آيا هئا. هيرا اَصل ۾ ڪيئن ٺهندا آهن، اُنهنکي اُجاري، پاسا ۽ ڪناريون ڪٽي، شڪل شبيهه ۾ سهڻو ڪري، مشين تي گسائي چمڪائي ڪيئن تيار ڪيو ٿو وڃي، اهو سڀ هتي سمجهايو. خود هيري جي ڪٽ ڪيئن ٿيندي آهي ۽ نقص ڪيئن جاچيا آهن تنهنجي پڻ مشاهدي جاڻ ڏنائون. اُتان جئن نڪري ٻيڙيءَ ۾ ٿي چڙهياسين ته هرهڪ جو فوٽو ڪڍيو ويو. پاڻ وارو فوٽو

صبح ساڍي ورتي ٽئڪسي شهر جي چڪر لاءِ. باغيچا، وندرگاهه ۽ اِتهاسڪ يادگار خوب ڏٺم. منجهند جو ڪجهه ساهه پٽيم ۽ پوءِ ناٽڪ ڏسڻ لڳي ويس. ”پيت ني سارنگيءَ“ جي آلاپن مان ڏاڍو مزو آيو. پوءِ ويس سوهو (Soho) جو ڳوٺ ڏسڻ. لنڊن جي هن لتي ۾ هپي لوڪ (Hippies) رهندا آهن. پر اُتي مونکي ڪئي خاص گهڻا هپي لوڪ نظر ڪين آيا، جنهن تي اَلبت عجب لڳم. اِتي رات ٿي چڪي ٿي ويئي هئي، سو ٿورو گهڻو ڪاٿي وڃي سمهيس.

ٻئي ڏينهن منجهند جو هڪ ٻجي اَلمسٽر ڊئم لاءِ هوائي جهاز رستي راهي ٿيڻو هو. سو صبح ساڍي ورتي ٽئڪسي چڪر لاءِ. خاص طور بانڊ اسٽريٽ ۽ ريجينٽ اسٽريٽ، جي بمبئيءَ جي جواهري بزار مثل آهن، سي خوب گهميس. هڪ شاهي دڪان تي چڙهي ويس ۽ اوهان جي نالي واري سيل مهر خريد ڪيم. اُنجو ڇاپو هن خط جي مٿان هڻيو اٿم. پڪ اٿم ته مهر اوهانکي پسند ايندي. بس ۾ چڙهي هڪ ٻجي هوائي اَڏي تي اچي سهڙيس. هتي ڏاڍي چڪاس ٿي. هر ڪنهن پاسينجر جي باريڪ تپاس ڪئي ويئي– بدن جي جدا ۽ سامان جي اُلڳ. ڏالن جي جاچ لاءِ خاص ڏالـون مقرر ڪيل هيون. تلاشي اهڙي سخت ورتي ويئي جو ڏالن جا ٻٽوئان به ڪين ڇڏيائون!! اهڙي سختي رکڻ هوائي جهاز

ڏينهن ستين بجي صبح ساڍا بس ڇڏڻي هئي، جا اسان کي هئمبرگ وٺي هلڻي هئي.

اُئمسٽر ڊئم مان بس پوري وقت تي نڪتي ۽ ڏهين بجي ڌاري آٽي جبل جي چوٽيءَ تي ڊاٻو کيائين، جتي ڪافيءَ جو بندوبست ڪيل هو. ٻيو ڊاٻو وري هالنڊ ۽ جرمنيءَ جي سرحد تي هو، جتي ماني کاڌي سين. پوءِ گهڙياسين جرمن حد ۾، جتي شاهي سڙڪ جي ڪنهن ڪنڌ ۾ بس بيهاري، ڪافي پيتيسين. اِهي وڏيون سڙڪون هٽلر صاحب پنهنجي آيامڪاريءَ ۾ اَڏايون هيون، جئن لشڪر هڪ هنڌان ٻئي هنڌ تڪڙو موڪلي سگهجي. انهن سڙڪن کي آٽو-بهنس (Autobans) ڪري سڏيو ٿو وڃي. هئمبرگ شهر ۾ شام جو ڇهين بجي ڌاري پهتاسين. مان هوٽل ۾، جتي منهنجي رهڻ جو بندوبست ڪيل هو، ڇهين لڳي مس پهچي سگهيس. جئن ته مانيءَ جو بوجو هوٽل تي هو، تنهنڪري ماني ترت تڪڙ ۾ اُڪلائي ورتيم، ڇاڪاڻ ته مون هئمبرگ شهر جو رات جو لقاءُ ماڻڻ ٿي گهريو. اِن لاءِ ريلوي اسٽيشن تان اَٺين بجي بس نڪرڻي هئي. بس اَسانکي خوب گهمايو ۽ اَڌ رات جو مس هوٽل تي موٽي آياسين. بس جي مٿين طبقي تان ٻنهين جهنجهيل شهر جو واه جو لطيف نظارو نصيب ٿيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو اَٺين بجي نڪتاسين جرمنيءَ جو لبيڪ شهر ڏسڻ. اُتان وري (لبيڪ جي) پٺاڻ

خط شامل موڪلي رهيو آهيان. سياري ۾ اچڻ تي
نه! لنڊن ۾ وار ڪٽائي، سوڙا ڪري بيهاريم. هاڻي
مان جڏهن فوٽو ۾ ٿي ڏسجان، تڏهن ائين آهيان. اوهان
کي ڳالهه وڻي ڪين نه؟ اڳي ته هڪ يڪيائي ڊگهي
چوٽي ڪندي هيس. اها لوڻ سان لڏندڙ چوٽي گم،
اُنجي بدلي چوٽيون وارن جي ڇڳن جون پکڙيون پيئون
هوا جي جهوٽي تي گلن جي مکڙين مثل لڏن.

منجهند جي مانيءَ کانپوءِ ورتي هالنڊ جي اُتريئين
حصي ۾ پنير جو ڪارخانو ڏسڻ وياسين. اهو هڪ
ڳوٺڙي ۾ هو. هر هنڌ ننڍين ڪارخانن جون هوا تي
هلندڙ ڊگهيون ڦرڪيون، اهيون ڪڙيون نظر پئي آيون.
هتي جا ماڻهو پڻ حليم ۽ وڻندڙ سڀاءَ جا هئا.

شام جو موٽي اَئمسٽرڊئم آياسين. ڏينهن جو واپاري
مرڪزن ۾ ماڻهن جي چڳي پيهه ۽ گپاگپهه لڳي پيئي
هئي. گهمائيندڙن چيو: ”رات وگري وري عيش-خانن،
ناچ گهرن ۽ محفل سراين ۾ پيهه لڳندي آهي- رات راڻيءَ
جا لقاءَ پڻ ڏسڻ وٽان آهن. اهو لطف به وٺڻو هجيو ته
هلو.“ پر جڏهن ته منهنجو انهيءَ پاسي ڪو به چاهه ڪونه
هو، تنهنڪري مان ڪانه ويس. مون جڏهن لنڊن ۾ ڪيو
هو، تڏهن اَئمسٽرڊئم ۾ پڻ اُتي جون گهٽيون ڪڇيم-
ميلن جا ميل هلندي هليس. پيرين پنڌ شهر گهمڻ سان
گهڻو ڪجهه وڌيڪ ٿو ڏسجي ۽ پرائجي. پر اَئمسٽرڊئم
۾ مان رات جو سوبلئي هوٽل تي موٽي آيس، جو بئي

فقط اُتن ماڻهن جوڙي راس ڪيو هو، ۽ اُن ۾ ڪين سڄا سارا پنجويه سال لڳي ويا. اِها سڄي ٻڪين سون جي ٺهيل آهي ۽ اُن ۾ ڪل پنجاه لک چاليه سرون ڪم آيل آهن. هن ديول کي ڄڙئي چار سال کن مس ٿيا آهن. شام جو هڪ سڙڪ جو چڪر لڳايم، جنهن کي چون ٿي پيادلن جي سڙڪ، ڇو ته اُتان موٽر گاڏي هلائڻ جي منع آهي. هن سڙڪ تي شهر جا عمدي ۾ عمدا دڪان آهن ۽ هتي هرڪو سانهستيءَ سان ۽ بنا خطري يا جوکم جي خريداري ڪري سگهي ٿو. مون اُتان هڪ دڪان تان ٻهنجي لاءِ چانديءَ جو ڪنگڻ (Bracelet) ۽ ساڙهيءَ جي پن خريد ڪئي. اَصل ۾ رات جو چڪر تي نڪرڻ جو ويچار هوم، پر جڏن ته هوٽل جي ويجهوئي وڊيارٿين مسٽر مڪنامارا، ورلڊ بئنڪ جي پريزيڊنٽ، جو ڪوپن هيگن ۾ ورلڊ بئنڪ جي بينڪ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيل هو، برخلاف مظاهرا پئي ڪيا ۽ نعرا پئي هڻيا ۽ پوليس ڪين روڪڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، تنهن ڪري وايومنڊل ۾ سياويڪ ڇڪتاڻ هئي، ان سبب ٻاهر نڪرڻ واجب نه سمجهيم.

ٻئي ڏينهن مان هنڊرو فائل، تيز رفتار واري ٻيڙيءَ رستي سئيڊن ديس جو ملمو نالي شهر ڏسڻ نڪري ويس. هيءَ ٻيڙي ڪلاڪ ۾ سٺ ميلن جي رفتار تي لس ٿي لس، بنا لوڏي ڏوڏي جي، هلي ٿي. ملمو شهر ڏسڻ ڪاڻ چڱا پنڌ ڪيم. ڏاڍو سانتيڪو ۽ وڻندڙ

باغن مان بيڙي ڪرينسون. بيڙيءَ پوري ڪلاڪ ۾ آٽي ڊينمارڪ پهچايو. اُتان بس اُدائي ڪلاڪن ۾ آٽي ڪوپن هيگن ۾ لاٿو. هوٽل گرانڊ ۾، جتي منهنجي رهڻ جو بندوبست ڪيو ويو هو، مان پوڻي چئين بجي پهتس. ماني کائي مان نڪري ويس ٽووِلي وندرگاهه ڏسڻ، جي هوٽل جي نزديڪ ئي هئا. هونءَ ته هي وندرگاهه ١٥ سپٽمبر کان بند ڪيا ويندا آهن، پر هيل اِهي ٢٢ سپٽمبر تائين کليل رکيا ويا هئا، جنهن ڪري هنن رونقدار باغيچن ڏسڻ جو وجهه مليو. ڪوپنهيگن جي هنن باغيچن جو دنيا ۾ گهٽو ناماچار آهي. هي وندرگاهه عمدي طرز تي بنايا ويا آهن. منجهن ٻارن جي وندر لاءِ ننڍي سرڪس جو پربند ڪيل آهي. تنهنڪانسواءِ هتي کليل هوٽلون، وندرورونهه جا ٻيا وسيلا، جدا جدا قسمن جي راندين جا پربند، وغيره ڪيل آهن. هنن وندرگاهن اندر ناچ گاني، ناٽڪن ۽ مسخريءَ جي تماشن جا پڻ عمدا بندوبست آهن. تنهن کانسواءِ رات جو هتي جو بتين جو لقاءُ پڻ ڏسڻ وٽان آهي. وندرگاهه جنسي پرستان پئي لڳا. گهمي گهتي مان سائڍي ١٠ بجي رات جو مس هوٽل ۾ واپس آيس. پوءِ ته سمهي ڪيم ننڊ. ٻئي ڏينهن بس ۾ شهر جو چڪر لڳايوسين. جل - پريءَ جو پتلو، راجائي محلات، پارليامينٽ جي عمارت، ٽائون هال، ناٽڪ جي مشا ستا جي بزار ۽ ديول ڏٺيسين. ديول جي خصوصيت اِها هئي جو اُن کي

(٢٦)

نيويارڪ،
٢٧ ڊسمبر ١٩٧٠ع
پيارا دادا،

توهانجو خط پهتو. پڙهي احوال معلوم ڪيم. ڏاڍي خوشي ٿيم ته مونا هاڻي گهڻي نيڪ ٿي ويئي آهي. ايشور ديال ٿيندو ۽ هوءَ جلد نوبني ٿي ويندي. مان ڪيس جهٽ نوبني ٿيڻ جي شيءِ پاوڻائن جو ڪارڊ اَج اُي موڪلي رهي آهيان. باقي اوهان جو لکيو آهي ته ڊاڪٽر بهاريلال في اصل نئو ونئي سا ته ڳري ڳالهه چئبي. اَج ڪالهه ڪنهن جو تڏو تورو ڪٽڻ نه گهرجي. توهين ڪين چوندا آهيو "ڏنو پٽ چٽي جو، ذات جو آسودو." پر وقت ٿي ڪٽجي به ڪٽي، ته هڪ ٻه دفعو روا آهي. باقي هيءُ قصو جو هفتي ۾ ٻه دفعا، مهنن جا مهنا هليو آهي، سو ته ڊاڪٽر صاحب اسان تي ڀاري بوجو چاڙهي رهيو آهي - اهو هرگز مناسب ناهي. هونءَ ته ڊاڪٽر ٿيندا آهن جؤرن مثل، رت چوُسڻ کان باز چوتا اَچن!! هوُ ڊاڪٽر اوم پرڪاش ڪين هوندو هو، سو طب پاڙهيندي ڪمائيءَ جي ٻهر ۾ اچي پئسن ناهڻ جي اُپنار ۾ پوندو هو. موڪلي ان ڪري مدجهائس بچان ايندي هئي. اِلهيءَ ڪارڻ مون سندس ڪلاس ۾ وچڻ اُي ڇڏي ڏنو. بمبئيءَ ۾

شهر آهي. هتان مون پنهنجي لاءِ هڪ بند ٿيندڙ ڇٽي خريد ڪئي. شام جو ڪوپن هيگن موٽي آيس. رات جي ماني کائي، ويس "سرڪس" ڏسڻ، جا هوٽل کان ٻه ٽي گهٽيون پري هئي. هيءَ سرڪس، مون جيڪا ڏيڍ سال کن اڳ نيويارڪ ۾ ڏٺي هئي، اُن کان گهڻي نرالي هئي. خاص طور هڪ هنڌ هشراڪو پاڻيءَ جو تلاءُ تيار ڪيو ويو هو جتي جدا قسمن جون مڇيون ۽ ٻيا سامونڊي ساهوارا رکيا ويا هئا، جنهن تماشبينن کي اَلڳ کيل ڪري ڏيکاريو ٿي ويو. اِهو کيل خاص وندر ڀريو هو. ٻئي ڏينهن ڪوپن هيگن جو اُتريون پاڱو گهميس، جتان اُوهان کي تصوير وارو ڪارڊ موڪليم.

ڪوپن هيگن مان ٢٤ تاريخ هوائي جهاز رستي پئرس آيس. پئرس ۾ خوب گهميس. مونکي اُتي جو اُتاهون ايفل منارو خاص وڻيو. اِهو ڏينهن جو توڙي رات جو ڏٺم. ٻنهين ۾ واهه جو ٿي ڀڪيو.

پئرس مان بوئنگ جيٽ ۾ نڪتيس سڌو نيويارڪ. يورپ جو دؤرو گهڻو پسند آيم. جي پنڌ ڪرڻ کان ڪيٻايان ها ته شايد اهڙو مزو نه اچي ها. "سفر (Travel) گهڻو ڪجهه سيکاري ٿو،" بيشڪ صحيح چوڻي آهي.

مان ڪم تي چڙهي به آهيان ۽ وري ساڳي ڪار شروع ٿي وئي آهي- "اُهيئي لاٽون، اُهيئي چگهه"، جئن اوهين چوندا آهيو. وڌيڪ ٻئي دفعي.

پيارن مان، ڪملا.

زيرِ علاج هُئي. هوءَ هڪ شاهوڪار ۽ وڏي هلنديءَ واري عورت آهي. هنجي مون سان ڏيٺ ويٺ اسپتال ۾ ٿي ٿي. هن مونکي اڳي به ٻه ٽي دفعا نيند ڏني آهي. هڪ دفعي ته پنهنجي ڀراڙي واري عاليشان مڪان ۾ هفتو کن اچي ٽڪڻ لاءِ به لکيو هئائين. اُتي ترڻ لاءِ تلاءُ ۽ ٻيا مزا هڪيا تڪيا حاضر آهن. ٻيا ماڻهو ته اهڙن وجهن لاءِ پيا آجهڙندا آهن. پر مان شايد اوهان تي ويٺي ٿي ڏسجان. وڏن ماڻهن سان توهان وانگر منهنجي به خاص ڪانه پوندي آهي. مسز والش جو ڊاڪٽر رسڪ، اسانجي وڏي ڊاڪٽر سان گهاٽو رستو آهي. هن اسان جي اسپتال کي ڪئين پيرا دل گهريا دان ڏنا آهن. ڊاڪٽر رسڪ کي خبر آهي ته مون اڳي مسز والش جي نوتن اونائڻ کان پٺي نٿايو آهي، سو جي هن دفعي به ناڪار ڪنديس ته ڪيس ڏايو ڏل ۾ ٿيندو. تنهنڪري اِنهيءَ پارٽيءَ ۾ ضرور شريڪ ٿينديس.

اوهان جي ماسات ڪانتا ۽ سندس گهوٽ چڇي مون وٽ آيا هئا. جيڪي رڌو ڪاڌو تيار هو، سو ڪارايومان. ڪانتا کي گهوٽ بيشڪ سٺو مليو آهي. هوُ سياءَ جو وٽندڙ ۽ رلڻو ملڻو هو. اَجايو هٺ وڏائي اصل ڪانه هيس. هوند ڪٿي به سمائجي وڃي. ماني اُڪلائي ٽڪناسين بجلي بتين جا نظارا ڏسڻ. مون لاءِ هيءُ نيويارڪ ۾ پهاڙيءَ جو ناتال آهي ۽ ڪانتا ۽ سندس گهوٽ لاءِ پهريون. راڪفيلر سينٽر تي تماشو به

جڏهن فلوءَ جي بيماري ڪاهي پيئي ته ڇا ٿيو- ڊاڪٽر
جيڪي هونءَ مکيون پيا جهٽيندا هئا، سي به تتي پاڻيءَ
جون سيون هڻي، ڪِگل ناڻي جا ڪمائڻ لڳا! پر سڀ
هرو ڀرو اهڙا ڪينهن. هيءُ ته رڳو چڱو مڙس ٿو ڏسجي
جو صفا نابري واري وينو آهي. مان جڏهن ڊاڪٽري
پڙهندي هيس ته هوءَ به طب تي ليڪچر ڪندو هو.
سو ٻيو نه، ته سوکڙي ته لهڻائين! ناتال جي مند آهي-
هڪڙو ٻين ۽ بال پائنٽ جو عمدو سيٽ اُنهيءَ ڏينهن
نظر چڙهيو هوم جڏهن ساهيڙين ۽ ٻين لاءِ موسمي
سوغاتون وٺڻ ويئي هيس؛ اهو وٺي ٿي موڪليانس.

ناتال جي جو مند آهي ته پارٽين جو ڦهڪو پيو
پوي. ڪيترين تي ويئون آهن، پر ڪي اڃا ڪاڻيون
آهن. هيل اسانجي ڪاتي وارن به گڏجي ناٽو ڪيڍي
ڪانو ڪيو هو. هرهڪ پنج ڊالر ڀريا هئا. پر پوءِ جڏهن
ڊاڪٽر گب گولڊ کي خبر پيئي تڏهن هن مڙني کي پئسا
واپس ڪرايا ۽ سڄو خرچ پاڻ ڀريائين. چڱو ڇهڇٽو مٺو.
سڀڪو خوش ٿيو. ڪاتي جي موقعي تي مون ڊاڪٽر
گب گولڊ کي اوهانجو موڪليل چٽساليءَ وارو پتل جي
گلدانن جو جوڙو سوکڙي ڪري ڏنو. ڏاڍو خوش ٿيو،
ٿوليو نه پيو سمائجي. هتي هنن شين جو بيحد قدر
آهي. جيتوڻيڪ هاڻي وڏيڪ پارٽين تي وڃڻ ڇڏي
ڪونه ٿو، ته به مسز والش جي پارٽيءَ تي ويٺوئي
هوندو. مسز والش ڪجهه وقت اڳ اسانجي اسپتال ۾

مونکي ٺهرائجو. ڊاڪٽر ڪيسٽر نه چوي ٿي ته تون جڏهن به چوندين ته تڏهن مان تنهنجو بندوبست پاڻيهي ڪنديس. ڏسجي ته ڏٺيءَ کي ڇا ٿو وٺي.

پهرين آڪٽوبر کان مان اپياس ڪندڙن جي اَڌ ياپڪ جي عهدي تي مقرر ڪئي ويئي آهيان. اِنهيءَ حيثيت ۾ مونکي پنجن نون ڊاڪٽرن کي بجليءَ رستي تپاس ۽ چڪاس جا طريقا سيکارڻا پون ٿا. اِن ڪري ڪم ڇگو وڌي ويو آهي - ايتري قدر جو مٺي ڪنهڻ جي به جڻ فرصت ڪانه ٿي ملي. صبح جو سوير ٿي گهر ڇڏيان ۽ سج لٿي کان اڳ موٽڻ جي مهل اِي ڪانه ٿي ٿئي. ڪجهه ڏينهن ٿيا ته گهر ۾ وقت نه هئڻ ڪارڻ خط اسپتال ۾ئي رهڙي وٺڻ جي ويچار سان لفافو اوڏانهن کڻي ويس، پر اُتي به اُها واندڪائي ڪانه ملي جو خط لکي وٺان. لاچار لفافو واپس گهر کڻي آيس جو اَڄ مس موڪلي رهي آهيان. پر هيءَ ڪم مونکي گهڻو پسند آهي، جيتوڻيڪ جاکوڙ ڇگي ٿي ڪرڻي پوي. هن ڪم ڪانسواءِ ڊاڪٽر گبگولب ٻي وڏي جوابداري منهنجي مٿان مڙهي آهي. ڊاڪٽر اَرن اِسٽاف مهنو موڪل تي ويو آهي ۽ موڪل تان واپس اچڻ سان اِي پنهنجي عهدي جي استعفا ڏيڻ وارو آهي. هُوَ بجلي ويءُ اِسپتال ۾ بجلي تپاس جو "ماهر" ٿي ڪم ڪندو آهي. ڊاڪٽر گبگولب هنجي جاءِ تي مونکي "ماهر" ٿي ڪم ڪرڻ لاءِ چونڊي مقرر ڪرايو آهي. جوابداري برابر وڏي

واهه جوهو ته پيهه به اِلاهي هئي. اَڌ رات کان به اَويرو مس گهر موٽياسين.

مونکي اِمتحان جا فارم به مليا آهن ۽ اِطلاع به آيو آهي ته منهنجو اَميريڪا ۾ رهڻ جو پنجن سالن جو مدو اڳي پورو ٿيڻ تي بيٺو آهي. فارم ڀريا اٿم ۽ ڊاڪٽر گب گولڊ ۽ ٽنڊي ڪيسٽر کي سفارش ڪرڻ جا فارم ڀڻ ڏنا اٿم، جي هو لکي پرڀرو ڏياري موڪليندا. باقي ٽئين سفارش-نامي لاءِ ويچار ڪيو اٿم ته ڊاڪٽر ڪووالٽ کي چونديس. اِمتحان جون ١٩٧١ع ۾ ٿيندو. ۽ اُن لاءِ پڙهڻ هينئر کان ئي چالو ڪري ڇڏيو اٿم. ڊاڪٽر جي. سميون پڻ ساڳئي امتحان لاءِ ساڳئي وقت وهندو. اَسين ٻئي گڏجي پڙهندا آهيون. هر هفتي ٻن ٽن ڳالهين جو اڀياس ڪندا آهيون ۽ اُن تي هڪٻئي سان بحث مباحثا ڪندا آهيون، جنهن ڪري هر ڪا ڳالهه چت تي چڙهي اُڪرجي ويندي آهي.

باقي رهيو هتي رهڻ جي مدي وڌائڻ جو سوال. مون تي هرڪو زور ٻڌي بيٺو آهي ته مان ديس جو خيال ڇڏي، هتي ئي رهي پوان. هو سڀ چون ٿا ته ديس وڃي پڇتائيندين! پر منهنجي دل اَچا ته نٿي ٻجهي. مان هر ڪنهن کي هميشه اِئين چوندي آهيان ته هڪوار ديس وينديس ضرور! جيڪڏهن اَوهانکي منهنجو ڪم پسند آهي ته سال ڪن جي ڪوشش ڪانپوءِ به جي مونکي اُتي مزو نه آيو ته اوهانکي لکنديس، پوءِ ڪري

ڪنهن معرفت اِهي ڏياري موڪلجو. انهن شين جو
هتي وڏو مان آهي.

دادا، جي دل ۾ نه ٿئيو ته هڪ ڳالهه چوانو. اَوهان
تازو جيڪي فوٽا مونکي موڪليا آهن تن ۾ توهين چڱو
لهڪاريل پيا لڳو. مونکي اَوهانجي سماج شيوا جي
ڪاريه تي نه رڳو خوشي آهي، پر ناز پڻ اَٿم. پر ايترو
هجڻ نيڪ ناهي. هاڻي اوهين پنجاه کان مٿي جا آهيو.
ڪٿي جسو جهڙي پيو ته ٿهڻ ڏکيو ٿي پوندو. اَجائي
جاکوڙ کان ڪنارو ڪريو. منهنجي ٿي صلاح، باقي
مرضي اَوهانجي. اَسين اوهانجا ٻار ته هميشه اِئين ئي
چاهيندا سين ته دادا سدائين سگهو رهي.

مان اوهان جي لکڻ موجب ڊاڪٽر فليشر کي گلن
جي نوڪري موڪلڻ لاءِ اوهان پاران "ٿئنڪ يُو" ضرور
چونديس. مون توهان کي لکيو ڪين هو ته هو وڏ گهراڻو
۽ فهميندو ماڻهو آهي. هُو ٽيڪساس جو رهاڪو آهي.
جيتوڻيڪ سندس هيٺيون ڌر اَڌرنگ سبب نستو
آهي، ته به هُو پنهنجو سڄو ڪم پاڻ سنڀاليندو ڪندو
آهي. ڪنهن جي محتاجي ڪرڻ کان هُو هميشه عار
ڪندو آهي ۽ ڪڏهن ڪين چاهيندو آهي ته ڪو
شخص مٿس ڪهل ڪري. هُو پاڻ ٻين جي دل وٺندو
آهي. سريرڪ ڪشت جي ڪيس ڪڏهن به ڪا چنتا
ڪانه رهندي آهي ۽ هُو ٻين جي ڪشت دُور ڪرڻ

آهي، پر ڪم دلپسند آهي. مان انهيءَ لاءِ هتي م
تي ڏينهن، سومر، ٻڌر ۽ جمع ڏينهن اِهو ڪم سنڀالڻ
ويندي آهيان. هتي ڪم جو وڏو قدر آهي. منهنجو
ڪم سيني کي ايترو ته پسند آهي جو مونکي هوُ ڪڏهن
ٻه ڪنهن ڳالهه تي ناڪار نه ڪندا آهن. جيڪي چوندي
آهيان سو مڃيندا آهن. هن ڏياريءَ تي مون موڪل
ڪئي. پاڻ گهٽي ڀاڳي ٻنيِ اَسراعيل جي نسل مان
آهن. هنن پنهنجي نئين سال جي موڪل ڪاڏي. مون
ڏياريءَ جي موڪل گهري ته هڪدم ۽ خوشيءَ سان
ڏنائون، جيتوڻيڪ سندن نئين سال واري ڏينهن مونکي
ٻه موڪل ملي هئي- ٻيا سڀ جو ڪم تي اَچڻا ڪونه
هئا ته مان اَڪيلي سر ٿورِيائي سڄو ڪاتو هلائي سگهان
ها! پر منهنجي نئين سال واري ڏينهن فقط مونکي ئي
موڪل هئي، پاڻ اُن ڏينهن ڳهندا ئي رهيا!!

مان پنهنجي ڪاتي جي ناتال جي ڪاني تي "نٽراج"
واري لڪڙي پائي ويئي هيس. ڊاڪٽر گب گولڊ کي
اِها ڏاڍي وڻي، ايتري قدر جو چيائين "مونکي اهڙيون
ڇهه ڪن گهرائي ڏيندينءَ، مان اِهي سوکڙيءَ طو
مائٽياڻين کي ڏيندس. ڏاڍيون سٺيون ٿيون لڳن." اِه
لڪڙي مونکي منهنجي ساهيڙيءَ ڪندا ڏني هئي
ٻڌايو هئائيمِ ته ڪاڏي اُديوگ تان ورتي هئائين. س
جي نمؤ اهڙيون ڇهه لڪڙيون وٺي اچي ته هئون هت

(٢٧)

نيو يارڪ،

٢٧ مارچ ١٩٧١ع

پيارا دادا،

اَج ڪالهه اَوهانجو خط البت ڇرڪو ٿو اچي. گذريل ٽن مهنن ۾ ٻه دفعا اِئين ٿيو آهي. خط لاءِ اکيون وجهيو ويٺو هج، جي ڪٽي اچي. پر ٿئي اِئين ٿي ٿو ته جڏهن ويچار ڪريان ته تار ڪريانو ته خط اَچيو سهڙي. پرديس ۾ پنهنجن جي ياد ڏاڍو ستائي ٿي؛ سندن تات تن سان لڳي ٿي پيئي آهي. اوهان کي فرصت برابر گهٽ ملندي هوندي، تڏهن به ٻه اکر لکڻ ۾ ڪا خاص ويرم ته ڪين لڳندي. پر انهيءَ ڪري مونکي ڪيڏي نہ دلجاءِ ٿيندي. هاڻي باقي هيءُ سال ٿي ته آهي، پوءِ تہ اچي گهر سکي ٿيندس. هفتي ۾ هڪ دفعو خط ضرور لکندا ڪريو، نہ تہ وياڪل من ڪٿان جو ڪٿي ٻوڙيو وڃي.

جون ۾ اِمتحان ۾ وهڻ جي منهنجي پڪ ٿي ويئي آهي. ڊاڪٽر گڊ گولڊ کي ڊاڪٽر ايلڪس اَهڙو اطلاع خانگي طور خط ۾ ڏنو آهي. اِمتحان فلاڊيلفيا شهر ۾ ١٨ ۽ ١٩ جون تي ٿيندو. اِهو امتحان زباني ٿي ٿيندو. پر امتحان جي نتيجي جو اطلاع مونکي آڪٽوبر ۾ اِتي موڪليو ويندو. هاڻي جا اِمتحان جي پڪ ٿي

جي لڳڻ ۾ اُئي مگهن رهندو آهي. اوهان ۽ ڪان چاچا هنجي ٻمبئي ۽ دهليءَ ۾ اهڙي تہ خاطري ڪئي آهي جو هو جيتوڻيڪ مونکي گهڻ دفعا گڏيو آهي تہ بہ هر دفعي اوهان جي سارا ٻئي ڪئي اٿس- آيا بہ سندس دل ڀاڻي لٿي.

وڌيڪ ٻئي دفعي.

پيارن مان،
ڪملا.

مون اڳي اوهان کان لکي پڇيو هو ته گهر لاءِ اُنن ڇٽن جي ڪاني جو مالڪ (پلسٽڪ) سيٽ وٺان. توهان ان باري ۾ ڪو جواب ڪونه ڏنو. ڪجهه وقت ٿيو ته مان ۽ نانڪ مسند جي ڪنوار سشميتا تازو کليل شاپنگ سينٽر (Shopping Center) تي، جنهن کي ڪنگس پلازا (King's Plaza) ڪري ٿا سڏين، خريداري لاءِ ويئوسين. اُتاهه خريدي مرڪز آهي - منجهس اڪيچار ننڍا وڏا دڪان آهن جتي هڪ هنڌ ئي جيڪي به گهرجي، سو ملي. ڪاڌي پيتي ۽ هرقسم جي وندر ورونهه جو به هتي بندوبست ڪيل آهي. خود ناٽڪ ۽ سنيما پڻ هڪ هنڌ، هڪ ڇت هيٺان منڊيل آهن. وڏي ڳالهه اها ته هتي سڄي شاپنگ سينٽر ۾ مقرر گرمي پد قائم ڪيل آهي، جنهنڪري سياري ۾ ته هيءَ سينٽر ماڻهن سان وڏو وڙ ڪندو. خريداريءَ لاءِ ٿڌ ۾ ڀٽڪڻ ڪنهن کان ٿو پڄي! سيڪو هن سينٽر ۾ لنگهي ايندو ۽ سڄو ڏينهن آسانيءَ سان خريداري به ڪري سگهندو ۽ موجون مزا به وٺي سگهندو!! سو دڪان ڏسندي منهنجي نظر هڪ ڪاني جي سيٽ تي چڙهي - هيؤن سڀ شيون پلئسٽڪ جون، پر لڳيون ائين پئي جڻ چينيءَ جون آهن. پر هنن جي پلئسٽڪ گهٽي سني هئي. جئن ته هن سيٽ ۾ ڀڄڻ پڙڻ ۽ داغ، وغيره جو اَصل امڪان ڪين آهي ۽ سيٽ ڏسڻ جو وڻندڙ ۽ سهڻو ۽ اَگهه ۾ پڻ خاص مهانگو ڪين آهي، سو اُتي گهر لاءِ خريد ڪيم.

چڪي آهي ته مون زور شور سان پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. هفتي ۾ ٻه ڏينهن ته مان اسپتال ۾ ترسي، اتي رات جو ساڍي اٺين يا نوين تائين پڙهندي رهندي آهيان. ڇنڇر آرتوار جو موڪل هوندي آهي ته ڇنڇر ڏينهن خوب پڙهندي آهيان ۽ آرتوار آسائش ۾ گذاريندي آهيان. مان سمجهان ٿي ته هن طرز تي پڙهڻ سان امتحان تائين مان سٺو اڀياس ڪري سگهنديس.

ڊاڪٽر گڊ گولڊ کي- جنهنجي نظرداريءَ هيٺ ٻن سالن لاءِ ڪم پئي ڪيو اٿم- دل سان ائين ڪين ٿو لڳي ته مان ڪا وطن واپس موٽي وينديس. سندس دل ٿي چاهي ته مان ڪا آمريڪا ڇڏيان. هُو مونکي سٺي پگهار تي عهدي وٺي ڏيڻ جي سوچ ۾ ئي رهي ٿو. ٻه چار ڏينهن ٿيا ته وري ڳالهه ڇوريائين- ”تو سچ پچ وڃڻ جو ويچار ڪيو آهي ڇا؟“ ڪيس نه ڏکوئڻ جي خيال کان، چاڪاڻ ته هُو مون سان ڏاڍو سٺو هليو آهي، ڏاڍي فهميدي نموني ۾ چيومانس ته في الحال ته ويچار ائين ئي اٿم، پر مان ڪا هوڏ ٿي ڪين ٻڌي آهيان، وقت تي ويچار بدلجي به سگهي ٿو. انهيءَ تي سندس منهن تي سرهائي ڇانئجي ويئي ۽ هڪدم چيائين، ”شڪاگو جي وڏي اسپتال ۾ بجلي جي مکيه-ماهر جي جاءِ خالي آهي. سال جو چار لک رپيا پگهار آهي. تون رڳو ’ها‘ ڪر، ته مان بندوبست ڪريان!“ لحاظ سان ورندي ڏنيمانس، ”چڱو، سوچيان ٿي.“

ڪجھ ڏينهن ٿيا تہ ڪانتا مونکي رات جي مانيءَ
جي نينڊ ڏني. مون چيومانس تہ ڪنهن موڪل جي
ڏينهن ايندي سين. انهيءَ تي چيائين تہ موڪل واري
ڏينهن (آرتوار) مونکي ڪم تي وڃڻو ٿو پوي، تنهنڪري
هفتي جي ڇهڙي بہ ڏينهن تي ضرور اَچ. رات جي
ماني اَڪثر ريت مان نہ باسيندي آهيان جو موٽڻ ۾
البت دير ٿي ٿئي. ڪاڌي ختم ٿيڻ تائين ڇڳي دير
ٿيو وڃي. مونکي نوين بجي رات ڪانپوءِ سب وي
Subway (زير زمين ريلوي) رستي مسافري ڪرڻ پسند
ڪين اچي. ٽئڪسيون برابر آهن، پر بروڪلن مان جتي
ڪانتا ٿي رهي، انهيءَ ٽائيم تي ٽئڪسين وارا منهاٽن لاءِ
جتي مان رهندي آهيان، ڀاڙو ڪڻڻ ۾ البت ڪيٻائيندا
آهن، ڇو تہ موٽندي وري ڀاڙو خير هٿ لڳندو اٿن.
پر ڪانتا جو زور ٻڌو، سو ڪنڌ ڪيائي نہ سگهيس.
ڪاڌو بہ ڪاڌوسين ۽ حال اَحوال بہ ڏنو ورتوسين. وقت
ڏاڍو سٺو گذريو. ڪانتا ڪاڌو سڀ گهر ۾ تيار ڪيو هو.
پرديس ۾ سنڌي ڪاڌو خير ٿو نصيب ٿئي. ڪانتا ڪاڌو
ٺاهيو بہ سٺو هو، سو چپ چٽي اُٿياسين. ڳالهين ڪندي
ڪانتا گهٽي ڪم جي ڏالهن ڪئي. چيائين: ”پارت
۾ توڙي اَفريڪا ۾ (جتي چنيءَ جا مائٽ رهندا آهن)
بہ ڪم ڪيو اٿم، پر اُتي خاص ٿڪ ڪڏهن ڪين
محسوس ڪيم. هت تہ جنسي ڳهٽو ٿو پوي.“ مون
انهيءَ تي سمجهايومانس تہ هتي ڇڱي چوکي ڪم ڪرڻ

هھڙن سيٽن جو تہ سفيد هو، پر گلڪاري گوناگون رنگن جي هئي. مون سونهري گلڪاريءَ وارو سيٽ ڪنيو. ڪناريءَ کان اها گلڪاري ڏاڍي سهڻي ٿي لڳي. هن قسم جي پلاسٽڪ شين کي هتي ڪارنيلا (Cornella) جي نالي سان ڪوٺيو وڃي ٿو. مون سيٽ کي ٽن حصن ۾ ورهايو آهي، جنهن مان هڪ حصو پاڻيءَ جي جهاز رستي اوهان ڏي روانو بہ ڪري چڪي آهيان. سيٽ حصن ۾ موڪلڻ ڪري اجائي ڳري محصول ڀرڻ کان بچي وڃبو. مونکي خاطري آهي تہ سيٽ اوهان کي پسند پوندو ۽ گهر جي سونهن ٿي ڀيهندو.

هتي ڪجهہ وقت لاڪر هڙتالن جي وري ڌم مچي وئي آهي. پهرين جوکم هڻائڻ (باهين وسائڻ) کاتي وارن هڙتال ڪئي. ان کان پوءِ شهر جي صفائي کاتي وارن ڪم بند ڪيو. گند جا ڍير ٿيندا ويا ۽ ڏڪا ڪڙا ٿي ويا، مگر گند ڪچرو ڪڻڻ وارو ڪونہ هو! رستي تي برف جا پاري تهہ ڄمي ويا، جنهن ڪري موٽر گاڏي هلائڻ جوکائتي ڳالهہ بڻجي پيئي، پر ميونسپل مزورن کي چنتا ئي ڪا نہ! پوءِ پوليس وارن پڻ هڙتال جو ڏڪو ڏنو. سڄو شهر ڄڻ بيوس ۽ لاڏڪو بڻجي پيو. مزدور ۽ ڪمي بہ ويچارا کهڙي ته وڃن. شين جا اگهہ وڃن ٿا چوٽ چڙهندا، پوءِ هو پگهارن مان پورت ڪن ڪيئن! پگهار ۾ اضافي ٿيڻ کانسواءِ هنن جو چاڙهوئي ڪونهي. پوءِ هڪ ٻئي پٺيان هڙتالون ڇو نہ ٿينديون!!

ڏيڍ مهني جي هوائي جهاز جي ٽڪيٽ مان هتان وٺي موڪليندي سانءِ. هتي منهنجو گهر تہ نهيو پيو آهي. اوهانکي ڪا بہ تڪليف ڪانہ ٿيندي. اوهانکي هيئرن سالن جي بنا موڪل نوڪري ڪرڻ ڪري مهنو بہ موڪل ملڻ ۾ ڪا خاص اَرچڻ نہ ٿيڻ گهرجي. مان بہ امتحان ڏيئي واندي ٿيندي س. منهنجي هن سال جي بہ هفتا موڪل رهي پيئي آهي. گڏجي گهمي ايندا سين. ڳالهہ پسند اچي ٿي ڪين نہ؟ جواب ضرور ڏجو. ناڪار مونکي پسند ناهي.

وڌيڪ ٻئي دفعي.

پيارن مان،
ڪملا.

جو رواج آهي. وڏي ۾ وڏا ڊاڪٽر پڻ ڪم ۾ جنبيا پيا هوندا آهن. ورلڊ ڏيندي چيائين، ”ڪمائي برابر نالهي بڌي آهي، پر جڻ رت ڪٽورو ڏيئي پيٽ ڪٽورو ٿو ونڊو پوي. اڃا شروعات آهي. پاڻيهي مان به ايتري ڪم تي هري ويندس.“

ڪاني ڪانپوءِ ڪانئا چيو ته هل ته سنيما تي هلون. مون بلڪل نڪار ڪيومانس. شايد منهنجي رڪائي دل ۾ ٿي هجيس، پر مون سان جيڪا ويڌن ٿي رهي هئي، تنهنجي مونکي سڌ. مونکي اوچتو مٿي ۾ سور اچي پيو هو. پٺي پڻ سور ۾ جڻ ونجي ويئي هئي ۽ بدن ٽڏو ٽڏو پئي لڳو. مون اها ڳالهه ڪانئا ۽ سندس گھوٽ سان ڪانه ڪئي، جو اهو خراب پئي لڳم ته وٽن ماني کائي بيماريءَ جي دانهن ڪريان، جيتوڻيڪ هو ٻئي ڊاڪٽر هئا ۽ ڪجهه نه ڪجهه ترت علاج ڏسين ها. هتي هڪ نئين قسم جو فلو ڦهلجي رهيو آهي. سمجهيم ته اهو فلو ٿيو اٿم. ڪڇيم اصل ڪين، ڪنجهڻ ڪڙڪڻ اچيم ڪونه، سو جلد ۾ موڪلائي گهر هلي آيس. ٽيسٽائين تپ جو زور وڌي ويو. هڪدم گوري ورتي، دٻ ڪري، سمهي پيس. صبح سان بلڪل چاڪ، جڻ ٿيو ئي ڪجهه ڪين هوم!!

دادا، جڻ ئي امتحان جي پڪ ٿي آهي تڻ ئي من ۾ هڪ ڳالهه اچي ويٺي آهي- دل اٿم ته توهين ۽ ممي آمريڪا جو چڪر لڳائي وڃو. اوت موٽ جي

اَنديشو. جيڪي ڪجھہ اِيپاس ڪيو ھوم تنھن مان تسلي ٿي چڪي ھيم تہ امتحان ۾ سٺو ڪنديس.

منھنجو امتحان ١٩ جون تي صبح جو ٧ بجي ھو. فلاڊيلفيا ۾ هوٽل جو بندوبست ڪري ڇڏيو ھوم. ١٨ جون تي منجھند ڪانپوءِ ريل رستي فلاڊيلفيا ڏانھن رواني ٿيس. ريل اَچي شھر ۾ ڇڏيو، پر منھنجي هوٽل ڪجھہ پري ھئي. سو ٽئڪسي ڪري پھتي. رات جو ننڊ بہ سٺي آئي، جنھن ڪري صبح جو اُٿڻ سان پاڻ کي تازو توانو سمجھيم. جلد سھي سنيري امتحان جي جاءِ تي وقت سر اَچي حاضر ٿيس. منھنجو آتم وشواس بلنديءَ جي چوٽيءَ تي ھو. ٽن ڪلاڪن امتحان ورتو. ٻن وت سٺو ڪيم ۽ ٽئين وت تہ تيھائين سٺو. منھنجي بوليويا واري ساھيڙي ڊاڪٽر مارٿا منٽيئر پڻ ساڳيو امتحان ڏيڻ آئي ھئي. اِمتحان ختم ٿيو تہ وڏيڪ ترسڻ جي ضرورت ئي ڪانہ رھي. سو ٻئي گڏجي نيويارڪ آيوسين ۽ مارٿا گھر وڃڻ کان اَڳہ بہ چار ڏينھن مون وٽ رھي پيئي. ھونءَ تہ ڊاڪٽر ٽئسي ڪيسٽر بہ ممتحن ٿئي ھا، پر ھوءَ منھنجو امتحان نہ وٺي سگھي ھا، جو تہ اسين ٻئي ساڳي سنستا ۾ ڪم ڪندڙ آھيون. ھن دفعي اڳھائيءَ جي ڪري ڪيس ھن ڪم کان پاڻ کي ڇڏل رکڻو پيو.

ڊاڪٽر ڪيسٽر مونکي خاطري ڏني ھئي تہ ھوءَ مونکي امتحان جي خبر جھٽ وٺي ڏيندي. پر اِھو

(٢٨)

نيو يارڪ،
٢٢ جولاءِ ١٩٧١ع

پيارا دادا،

مون وٽان اوچتي تار اچڻ تي اوهانکي ٻهرين البت اُلڪو ٿيو هوندو. پر هيءَ خوشخبري اوهانکي هڪدم سڻائڻ کانسواءِ رهي ڪين ٿي سگهيس!! هن اِمتحان ۾ پاس ٿيڻ تي وڏي ڳڻتي لٿي. اڃا به هڪ امتحان ڏيڻو اٿم، جو اوهيو شهر ۾ سيپٽمبر ۾ ٿيڻو آهي. اِهو خاص ٻجليءَ رستي تپاس ۽ چڪاس جي ترتيب ۾ ٿيندو، جيڪو علم مون ڊاڪٽر گڊ گولڊ جي نظرداريءَ هيٺ پرايو آهي. مونکي اِنهيءَ امتحان جي ڪا خاص چنتا ڪانهي. مکيه ڳالهه هئي هن اِمتحان جي، جنهنجي نتيجي جي اوهانکي تار موڪليم. امتحان لاءِ پڙهڻ ۾ مون وَسون ڪين گهٽايو. اِمتحان کان اَڳ جا پندرهان ڏينهن موڪل ورتي هيم، تنهن ۾ ڏينهن رات سخت محنت ڪيم، تانجو امتحان کان پنج ڏينهن اَڳ مغز جواب ڏيڻي بيٺو- دماغ ۾ وڌيڪ ڪجهه وهڻ جي جڳ جاءِ ئي ڪين رهي هئي. مون به وڌيڪ پڙهڻ ڇڏي ڏنو. پاڻ سان وڙهڻو ٿوروئي هو! زوريءَ پاڻ پتوڙڻ مان ورڻو ڪجهه به ڪين هو، مور ڳو ڇيهو رسڻ جو امڪان- ڳالهين جو هڪ ٻئي سان ملي ڳوڙها ٿي وهڻ جو

مليو ته هن هڪدم خط رستي موڪلي منهنجي امتحان ۾ پاس ٿيڻ جو اطلاع ڏنو ۽ مون وري اوهانکي يڪدم تار دواران خوشخبري رسائي. امتحان جي نتيجي جي ڳالهه جا لائين ٿي.

منهنجي دلدار ڊاڪٽر ئنسي ڪيسٽر ڪيتري وقت کان ناچاڪ پئي رهي آهي. هاڻي ته گهڻو ٺيڪ آهي ۽ اُتر ڪئرولينا ۾ پنهنجن مائٽن ۾ ٽڪڻ ويئي آهي، پر هن جيڪا پيڙا ڏٺي آهي سا ڌڻي شل دشمن کي به نه ڏيکاري! هڪ ڏينهن اوچتو خبر پيم ته هوءَ اچانڪ ڍرڪي ويئي، جنهن ڪري هن کي اسپتال ۾ ”ترت علاج“ لاءِ داخل ڪيو ويو هو. ڊاڪٽر ڪيسٽر جا هميشه حاڪماڻي فلڪ سان اسپتال جي ورانڊي مان ڊڊبي سان پيئي ايندي ويندي هئي، تنهنجون ٽنگون ڪم ڪرڻ کان اوچتو پڙ ڪيدي بيٺيون هيون! مان يڪدم ڪيس ڏسڻ ويس. جنهن نموني هوءَ لوٽ ٿي پيئي هئي، سو مان ڏسي بنه دهلجي ويس. ڪيس ڇيم ڪجهه ڪين، پر اُرمان ڏاڍو ٿيم. دوا درمل ته هڪدم چالو ڪئي ويئي ۽ ضروري آپريشن به ڪيائونس؛ هوءَ ڪم تي به اچي چڙهي، پر اڳيون دم جڻ ٽٽي چڪو هوس. چال ۾ گهڻي ڍري ٿي چڪي هئي، تنهن ڪري ڪيس وري چڪاسيو ويو ته پتو پيو ته مغز ۾ هڪ ننڍي ڳوڙهي اٿس، جنهن سندس چستائيءَ کي ڍرو ڪري ڇڏيو هو. ڏينهون پوءِ ڊاڪٽر ڪيسٽر ويئي ڍرڪندي،

تي نہ سگهيو، ڇاڪاڻ تہ مارڪن جاچڻ ۽ پڪاس جو طريقو هن دفعي ڪان بدلايو ويو هو، جنهن ڪري جلد خبر ڪنهن کي ڪين ملي سگهي. منهنجو تہ ٻيو بہ رولو هو. مون سان مقرر مدي ڪان تي مهنا اڳہ امتحان ۾ وهڻ جي رعايت ڪئي ويئي هئي، پر نتيجو آڪٽوبر ڪان اڳہ ٻڌائڻ لاءِ امتحان وٺندڙ هرگز تيار نہ هئا. مارٿا کي پاس ٿيڻ جو سماءُ ٻہ ٽي هفتا اڳي ڏنو ويو، باقي مونکي آڪٽوبر تائين واساما ڳالهيا هئا. ڇونہ هفتو کن اڳہ منهنجو ڊاڪٽر آرل ايلڪن سان ٽيليفون تي ڳالهائڻ ٿيو. هو اسانجي ڪم واري سڄي آميريڪا جي سنسٿا جو خزانچي آهي. هو روچيسٽر (منيسوٽا) ۾ رهندو آهي. ڳالهائڻ ۾ نهايت فهميدو ۽ همراهہ پئي لڳو. پنهنجي ڳالهہ ٻڌائيمانس تہ ڪيئن ري گناہ مونکي منهنجي امتحان جي نتيجي ٻڌائڻ ڪان سڄا سارا ٽي مهنا رهت تي رکيو ويو. يڪدم چيائين، "نہ، نہ، اصل نہ! ٿابتي موڪل تہ توکي سيپٽمبر ۾ ملڪ موٽي وڃڻي آهين تہ انهيءَ آڌار تي بنا دير خبر ڏني ويندي." مون بہ دير ڪانہ وڌي ۽ پنهنجي پاسپورٽ واري انهيءَ حصي جو فوٽو ڪڍائي تيار ڪيو جنهن جا ٽايل هو تہ مان آميريڪا ۾ سيپٽمبر ١٩٧١ع ڪان پوءِ رهي نٿي سگهان. اهو دستاويز مان پنهنجي وڏي ۾ وڏي ڊاڪٽر هاورڊ رَسڪ وٽ کڻي ويس، جنهن هڪدم خط لکائي، منهن جي ڳالهہ جي تصديق ڪئي. ڊاڪٽر ايلڪن کي خط

اِنهيءَ لاءِ عذر اِهو ڏنو اَٿو تہ اِها ڏيڍ هزار رپين جي
ڳري قيمت واري پين، هاڻي جڏهن اوهين نوڪري
پوري ڪري گهر اچي وڃڻ جي منزل تي پهتا آهيو،
اوهان کي ڪين سوڀندي. تنهن ڪانسواءِ توهان لکيو
آهي، ”آءٌ ڪهڙو پريزيڊنٽ آهيان جو اِها پين ڪم
آڻيان!“ اَوهان ائين لکندي شايد ايترو نہ سوچيو هوندو
تہ اِهو اوهين پاڻ سان نسورو ناحق ڪري رهيا آهيو.
ٻيو نہ تہ انهيءَ کان تہ اِنڪار ڪين ڪري سگهبو تہ
مان جنهن ڪاميابيءَ جي ڪڙيءَ تي رسي آهيان اهو
فقط اوهان جي اُتساهہ ڏيڻ جي ئي ڪري. قدرتي طور
مون ۾ جيڪي خوبيون ۽ خاصيتون هيون سي اوهانجي
اوچ ڏيارڻ سبب ئي اُسري ظاهر ٿيون، نہ تہ اِهي
اَندرئي نسائجي وڃن ها. مون ۾ جو خودداري
جو انگ آهي، جنهن سبب هت اُميريڪا ۾ مان
پنهنجي هستي ڄمائڻ ۾ ڪامياب ٿي آهيان، اها اَوهان
جي خودداريءَ جوئي عڪس آهي. توهان کي مون
لکيو ڪين هو تہ هت اُميريڪن ڊاڪٽرن جا پگهار
وڌايا ويا، پر ٻين ديسن جي ڊاڪٽرن کي ڪوڏي بہ
وڌائي ڪانہ ڏني وئي. اسانجي طبي مرڪز ۾ دنيا-ڀر
جي ديسن جا ڊاڪٽر آهن- اِهي سڀ ائين ڪڇن
جڻ پيت. پر مان ڪين رهيس. منهنجي آواز اُٿارڻ
ڪري ٻوٽو ٻريو ۽ رهيل اِضافو پڻ پرچي مليو!! اوهان
جنهن طرز سان اُسان ٻارن کي پاڙهي پنهنجي پيرن تي

جنهن ڪري ٻيو واهه وسيلو نه ڏسي، مغز جي آپريشن
جون تياريون ڪيون ويئون. آپريشن ته ٿيو، پر پهريان ٻه
ڏينهن ته پيڙا جڻ سهڻ کان ٻاهر هئي- خود سندس بچڻ
جو اِمڪان پڻ گهٽ وڌ ٿي نظر آيو. پر چڙهي پيئي. سندس
مائٽ پري رهندڙ آهن. سمجهيائين ته سڀ ڪجهه پئي،
جنهن ڪري دل پئي ٻڏيس. پرگهور لاءِ نرسون ته برابر
چوويهه ڪلاڪ لڳاتار حاضر هيون، پر هن هنيليءَ کي
هن ويل دلداريءَ جي وڌيڪ درڪار هئي! مان اِن
ڪري ونس هرروز يا وقتي ڏينهن ۾ ٻه پيرا پڻ ويندي
هيس. ڪيترا دفعا کيس سهڻا سرها گل ۽ ترت نوبني
ٿيڻ جي شڀ اِڇائن جا ڪارڊ ٻڻ موڪليم. مونکي
ڏسي هوءَ خوش ۽ سرهي ٿيندي هئي. هي ٻه چار
مهنا سندس ڪاتو مون ئي پئي سنڀاليو آهي. شڪرانا
پڳوان جا آهن جو هيءَ خود دار ۽ ماهر ڊاڪٽرياڻي
ڪشت ڪاٽي چڙهي پيئي، جنهن خلق خدائي سندس
قابليت مان وڌيڪ فيض پرائي! ڊٽي پنهنجا ڪم اِجهو
جو اِئين ٿو ڪري!!

مون خريداري ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي آهي.
پنهنجي طبي اوزارن لاءِ توهان جي صلاح موجب پئسا
پاسيرا ڪري رکيا اٿم. هڪ بجلي مشين، جا ڪم چالو
ڪرڻ لاءِ ضرور گهرجيم، رڳو اُهائي پنج هزار ڊالر ٿي
ڪائي! پر اُنجو فڪر ڪونهي. ڊٽيءَ جي مهرباني آهي.
اوهان مونکي جهلي موڪليو آهي ته مان اوهان لاءِ
سڄي سوني پاڻ ڪر پريزيڊنٽ پين خريد نه ڪريان.

هتي به اِتي موافق مهانگائي چوٽ چڙهي چڪي آهي، جنهن ڪري ئي ٻگهار وڌائڻ لاءِ هڙتالن جي ڌم لڳي پيئي آهي.

مان تازو نانڪ مسند جي گهر ويئي هيس. گهڻو وقت وٽن ڪانه ويٺيس جو اسپتال جي ڪم پٺيءَ ڪونيو، پر وڃڻ ضروري هو جو مهنجن لاڪر ڪونه گڏيا هئاسين. اڳي به مارچ جي پڇاڙيءَ ۾ ڊيپوءَ جي جنم ڏينهن سڄو ڏينهن اُتي گذاريم. گذريل سال جو جنم ملهائڻ لاءِ وٽن ڪانه ويئي هيس سو نانڪ اَچا سوڌو آڪڙيو وينو هو. سشميتا منهنجي اچڻ تي خاص خوش ٿي جو ڪم ونائڻ وارو ڪو ته اَچي جاڳيو هو! اَڪيلو ماڻهو نه کلندو سونهين، نه روئندو!! ڪم ۾ پڻ اَڪيلي سر چاهه گهٽ ٿو لڳي. هن دفعي جو ڪم تي ويٺيس ته سوا سؤ سنبوسا اُڪلائي ورتم!

اوهان جيڪي هوليءَ جي ڏل جا فوٽا موڪليا آهن تن مان ڏسجي پيو ته منڙيءَ ممي ۽ بيبي بلڪل ٺيڪ آهن، باقي اوهين ڪجهه قدر لهڪاريل. خاص نه، پر ڪجهه قدر هتي ضرور ويا آهيو. اُوهانجي ماسات چندروءَ به ساڳي ئي ڳالهه تي ڪئي ۽ پيٽس ڪانتا ۽ سندس گهوٽ ڊاڪٽر چني شاهه، جي تازو بمبئيءَ مان ٿي آيا آهن، تن جو پڻ اِئين ئي چوڻ هو. دادا، توهان ڪي اسانجي ڳالهه کي هاڻي خاص طور ڪجهه وزن ڏيڻ

ٻيهڻ لاءِ تيار ڪيو آهي، تنهن تي هوند هرڪنهن مائٽ کي رشڪ ٿئي. سو مان اوهان لاءِ پريزيڊنٽ فائونٽن پين خريد ڪري آئي آهيان. سيٺي جي لکڻ موجب سندن لاءِ شيون خريد ڪيون اٿم. خاطري ڪريو ته منهنجي ممي‌ءَ لاءِ جيڪي هن طلبيو آهي سو ته ضرور کڻي ايندس، پر اُن جو سوايو ئي سهين. هن جنهن نموني مان ميٽ ۾ ۽ هميشه مرڪندي گذريل ٽيهن سالن لاءِ اسانجي ساهه سان سار پئي لڌي آهي ۽ پيار سان پاليو ناتيو آهي ۽ گهر جو ڪارخانو پئي هلايو آهي، تنهن لاءِ هن جيڪا شڪرادائي لهڻي، سا سندس لاءِ ڪيترين به شين آڻڻ سان ٿوري به ميچي نه سگهبي. جتي اَج ڪالهه ڇهن ٻارن جي ٿي ليکجي چانگ ۽ ست ٿيا ٻارن جو جهنڊ، ته ممي‌ءَ ايتري شاباس به نه لهڻي جو سندس لئي موجب ڪٺي شيءِ آڻجي!! تنهن ڪانسواءِ هن گهڻو ٿوروئي لکيو آهي. سندس ڪجهه شيون ته خريد ڪيون اٿم، باقي ڪجهه ساڙهيون، وغيره جاپان ۾ خريد ڪنديس. مون رڳو اوهان لاءِ خريداري ڪين ڪئي آهي؛ پنهنجي لاءِ پڻ گهڻو ڪجهه ورتو اٿم- هڪڙي پوشاڪ مشهور بانوٽ (Bonwit) ٽيلر جي دڪان تان خريد ڪيم. هيءَ ڊگهي گهگهي جي ڊريس Maxi ئي به سو رپين کان متي ڪائي ويئي، سا به جڻ سستي ملي جو ڪجهه لاٽ ڏنائون. ٻي ڊريس ٽي سٺين رپئي کان به سوائي اگهه تي ملي.

پسند ايندي يون آهن. خير، فائدو منهنجن مهمانن کي ٿيندو، خاص طور آمريڪن مهمانن کي، ڇو ته هو پڻ سرهاڻ جا شائق ۽ اسانجين ديسي شين جا خاص خواهان آهن. جنهنجي قسمت.

ٻي ڪا خاص خبر چار ڪانهي. خط جلد لکجو.

پيارن مان،
ڪملا.

گھرجي؛ اِهو اسانجو اوهان تي حق آهي. پنهنجي ڪجھ نگاهه ضرور ڪريو. اوهانجي هاڻي اها وٺي اچي ڇڪي آهي جو جي قضا سان اوهان جو جيءُ ڪٿي جهڙيو ته انجو وري جوڙڻ ڏکيو يا مشڪل ٿي پوندو.

مون نيويارڪ اڪيڊمي آف سائنسز جي خاص طبي ميڙ اڳيان پنهنجو ڪوجنائتڪ پيپر پڙهيو. چڱو ڪامياب ويو. ڪيترا حاضر ماڻهو مون وٽ وڌي آيا ۽ مونکي مبارڪون اچي ڏنائون. ڪن وري خط لکي موڪليا، جن ۾ منهنجي ڪيل ڪم کي خوب ساراهيو هئائون. مان اهڙو ٻيو پيپر پڻ تيار ڪري رهي آهيان ۽ آشا اٿم ته اِهو پڻ اڳئين ڀيري وانگر ماهرن کي پسند ايندو.

مونکي خاص ته ڪجھ گھربل ڪين هو، باقي ڪرتن لاءِ چانديءَ جا ٻيڙا، لڪندڙ لڙهن سان، جي اڪثر پياٽيون پائينديون آهن، ۽ ٽوريون اگربتيون ڪپنديون هيون. تنهنجي بدران ڪٺي ٻيڙن جا چار جٽ، ڪرائيءَ جو ڪنگڻ، هيتريون ساريون نراليون سرهاڻن جون اگربتيون ۽ پان مصالحي جا ٻه وڏا پئڪيٽ ڪاهي موڪليا اٿو! آهن ته سڀ مونکي سهاءِ، پر ايترا ضروري نه هئا. اگربتين جو ته مونکي اڳيئي شڪ هو. اگربتين جا جهڙا اوهين شوقين آهيو اهڙا ٻيا ڇدا هوندا. مونکي پڻ قسمين قسمين سرهاڻ واريون اگربتيون خاص

مان هيءُ خط نيويارڪ کان ڪئليفورنيا جي سينٽ ڊياگو هوائي بندر ڏانهن ويندي لکي رهي آهيان. ڊاڪٽر مارٽا منٽيئر مونکي ڏاڍو زور ڪيو هو، "وطن وڃڻ کان اڳ هڪ دفعو مون وٽ ضرور اچج." سو اوڏانهن وڃي رهي آهيان. ٻه چار ڏينهن وٽس رهي اَميريڪا جي اولهه ڪناري تان وطن ڏانهن اُسهنديس- پئسفڪ مهاساگر وماڻ رستي پار ڪري، جاپان ۽ هانگ ڪانگ ڏسي، اوڀر طرف کان اچي بمبئيءَ لهنديس.

هيءُ پويان پندرهن ڏينهن ته اِئين گذري ويا جو اَصل لک ئي نه رهي. گهڻو وقت ته مانين ڪارائڻ ۽ کائڻ ۾ گذري ويو. مون ته ٻه ٻه مهمان ڪري گهر ۾ مانيءَ تي گهرايا. مونکي گهڻو تڻو هوٽلن ۾ ئي ماني ڪارائي ويئي. جيتوڻيڪ مون طعام طرح طرح جا کاڌا- هنگيرين، جرمن، فرينچ ۽ جاپاني، وغيره، پر ڊاڪٽر جارج فليشر جي ئي عمدي ۾ عمدي ماني هئي. هوءُ ڪاني لاءِ مونکي "اِنڊلنٽ ڪمرو" ريسٽارنٽ ۾ وٺي هليو. هيءَ ڪافي مهانگي ريسٽارنٽ آهي. پر چاڪاڻ ته هيءَ موڪلاڻيءَ جي ماني هئي، ۽ جارج ۽ مون گهڻو وقت ساڳئي هنڌ گڏ ڪم ڪيو هو، تنهن ڪري هن زور ٻڌو ۽ جڻ ضد ڪري بيٺو ته هيل خاص کانو کائبو ۽ مان هن کي هن دفعي ناڪار ڪري نه سگهيس. نه فقط کاڌو لذيذ هو، پر بيرن، وغيره جو نمونو ٻه جهجهو فهميدو ۽ وڻندڙ هو.

هڪ محفل مونکان لڪائي رتي ويئي. منهنجي

(٢٩)

نيويارڪ کان هوائي جهاز ۾،
١٤ سپٽمبر ١٩٧١ع
پيارا دادا،

آخر نيويارڪ کي اَلوداع ڪري، وطن وري رهي آهيان، انهيءَ شيءِ اِڇا سان تہ پنهنجي اڀياس جو ديش-ڀائين کي لاڀ رسايان. آشا سڦل ٿيندي يا نہ، سا تہ ايشور جي اختيار آهي، پر منهنجي ڀاوَنا اِها آهي. نيويارڪ تہ پڇاڙيءَ توڙي نس ٻس ڇهٽي پيئي. اکر اُڪلنس ها تہ هوند ائين ئي چوي ها: ”وڇوڙو ڏيئي نہ وڃ.“ ڊاڪٽر ڪيسٽر تہ منهنجي اِرادي ۾ ڀنگ وجهڻ جو سندرو ٻڌو ٿي ڏنو. چوڻ لڳي، ”اسان مان توکي ڪو ڏک سوُر آهي ڇا؟ اِهو دل ۾ سانڍڻ مان ڇا ورندو! ڪڍي ڪر ٻاهر. تنهنجي لاءِ هتي نيويارڪ ۾ هن طبي مرڪز ۾ئي لائق عهدي جو بندوبست ٿي ڪريان. تون ڊاڪٽر مئڪيوٽ سان گڏجي اچ.“ مون ڊاڪٽر نئنسي ڪيسٽر جي دل ڏکوئڻ نٿي چاهي، خاص ڪري جو هوءَ هيڏي بيماريءَ مان مس بچي اُٿي هئي. موڪلائڻ جو وقت آيو تہ پورو موڪلايو مانس بہ ڪين. ويجهڙائيءَ ۾ سندس اڳيان منهنجي وڃڻ جو ذڪر نڪرندو هو تہ هڪدم مَن پرچي ايندو هوس. تنهن ڪري ڪانئس ٽڙو موڪلائي هلي آيس تہ ڪٿي نيرڻ ڇلي نہ پوئنس.

اِنسٽيٽيوٽ ۾ دنيا جي مڙني ديسن مان ڪي نه ڪي ڊاڪٽر وڌيڪ اڀياس لاءِ کڻي اچن ٿا. ڪيترا قابل ڊاڪٽر اوچ اڀياس ڪري وڃن ٿا. منجهن ليکڻ به آهي ۽ لياقت پڻ. پر تنهن هوندي به منجهن ڪجهه ڪمي رهيل ضرور نظر ايندي آهي. ڊاڪٽر ماڙيوالا جو هيءُ شايد پهريون مثال آهي جو آميريڪن ڊاڪٽرن ۽ منجهس ترمانڊ به تفاوت ڪين رهيو آهي. سندس صفت ۽ سارا ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهجي؛ سندس لگن ۽ سچائيءَ، صداقت ۽ اثرت کي نظر انداز ڪري نٿو سگهجي. هنجي قابليت ۽ مهارت سڀ سمان ظاهر آهي. مون هنجي موڪلاڻيءَ واري محفل ۾ شريڪ ٿي پنهنجوئي مان ڪيو آهي. مونکي يقين آهي ته هوءَ جتي به ڪم ڪندي، اُتي پاڻ موڪيندي." محفل ڪجهه وقت هلي. چرچا گهڻا پڻ چڱا ٿيا. آخر سيني گهڻي حب سان موڪلايو؛ ڪيترن نديون وڏيون سوکڙيون ڏنيون ۽ موڪلائيندي اِئين پڻ چيائون، "ڊاڪٽر ماڙيوالا، اسانکي خاطري آهي ته تون آميريڪا موٽي ايندينءَ ۽ پنهنجي سڀاجهائيءَ ۽ شفا جو فائدو هتي جي ماڻهن کي رسائيندينءَ!"

هفتي ٻن کان مان جيتوڻيڪ اُچڻ جي سانباهي ۾ چڱي رڌل هيس ته به اڳئين هفتي جي آخر ۾ موڪل جا به ڏينهن ورمانٽ جو چڪر هڻي آيس. مسٽر ۽ مسز سمٿ ڪجهه وقت کان پٺي اچڻ لاءِ چيو، سو سندن

اسپتال وارن پارٽيءَ لاءِ مون تي گهڻو زور آندو هو، پر مون نه پاسيو هو. نيٺ هڪ ڏينهن مان جنهن ڪم تان ٿي لٿيس ۽ ڊاڪٽري چوغو اڃا پيو ئي هوم ته ڊان مون وٽ لنگهي آئي ۽ اچي چيائين، "ڪو معزز ماڻهو آيو آهي. سڀ هال ۾ اچي گڏ ٿيا آهن، ماڙيوالا تون به هل ته هلون." مونکي ته ڪنهن به قسم جو گمان ڪين جاڳيو. مان جا اُتي پهتيس ته سيني کي اُتي آيل ڏٺم. خود ڊاڪٽر هاورڊ رسڪ پڻ اچي چڪو هو. منهنجو اُتي پهچڻ ۽ تاڙين سان سواگت جو شروع ٿيڻ! هيڏانهن هوڏانهن گهڻوئي نهاريم، پر ڪو ٻاهريون يا وڏو ماڻهو ڪٿي به نظر ڪين آيو. تڏهن مس سمٿ ٻڌايم ته هيءَ مون سان حرفت ڪئي ويئي هئي. پر هاڻي مان ڇا ٿي ڪري سگهيس!! مونکي ڊاڪٽر رسڪ جي پاسي ۾ وهاريو ويو. جنهن ته ڊاڪٽر رسڪ طبي ڪاتي جو بالا ڊاڪٽر هو، تنهن ڪري ڪيس ٻه اکر چوڻ لاءِ چيو ويو. ڊاڪٽر رسڪ عام ريت خاص ڪين ڳالهائيندو آهي، پر ان ڏينهن جو اچي پلٽيو ته نه رڳو مونکي اَچرج وٺي ويو، پر جيڪي چيائين تنهن سيني جا جنسي ڏند چپن سان لڳائي ڇڏيا. ڏاڍو اَرمان ٿيم جو ٽيپ رڪارڊ ساڻ ڪونه هوم، نه ته هولد اها تقرير اوهان جي ٻڌڻ لاءِ ٽيپ (Tape) ڪريان ها. سندس اکر اڃا سوڌو ڪنن ۾ پيا ٻرن. ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڊاڪٽر رسڪ چيو، "هر سال اسان جي

بازون جنسي ٽڪر تي اچي بيٺيون. اوڏيءَ ويل ته سور جي ڪا به سمڪ نه رهي، پر هاڻي هوائي جهاز ۾ جو بانهون سور ۾ ڪڙهي رهيون آهن، اُن مان تخمينو لڳائي ٿي سگهان ته ڪيڏي نه هڻ پڇاڙ ڪئي هيم! پر هڪ ڳالهه واهه جو نئين جان بخشي - اسر جو جو اَوهانجي ٽيليفون آئي ته ڏاڍي خوش ٿيس ته ”گهر ٿو سڏي.“ اَوهانجو آواز بلڪل چٽو ٻڌڻ آيو. اَوهان چيو، ”دل ۾ نه ڪجاڻ جو تنهنجي لنب ۾ رکنو وڌو آٿم.“ دادا جو به ڪڏهن دل ۾ ٿيو آهي! تنهن کان سواءِ جيڪي توهان چيو تنهن ته دل بهار ڪري ڇڏي. ٿڪ پر ڪري اُڏامي ويو ۽ ٿوري وڏيڪ لنب جو ڪو به اَرمان نه رهيو.

سامان ٻڌي تيار ڪيم ته سامان موڪليندڙ ڪمپنيءَ جا ماڻهو اچي سهڙيا. ڪيڏي نه سنڀال سان هرڪا شيءِ ڏائيڪي رکي، پيٽيون بند ڪري، اُنهنتي لوهي سنها پٽا چاڙهي، سارو سامان پختو ڪيائون! ڪل ٽي شاهي ٽرنڪون، پنج سوٽ ڪيس، ۽ ڇهه داڳينا ڪتابن جا!! ايڏي مال جي ڪٽاڻيءَ ۽ ڀاڙي بلي پئسا به چڱا لڳندا! پنهنجي ساهيڙي ڊان کي پئسا ڏيئي ڇڏيا اٿم. سب خرچ پري، هوءَ سامان جا ڪاغذ ايڏانهن روانا ڪندي. تنهن کانسواءِ جيڪو سامان ساڻ اٿم سو به وزن ۾ چڱو ٿيندو، جنهن ڪري ڪئليفورنيا کان سامان بلي پڻ چڱو ڀاڙو ڀرڻو پوندو.

دل رکڻ ڪاڻ ضرور وڃڻوئي پيو. اوت موٽ بس ۾
مسافري ڪيم. هر هڪ طرف پنج ڪلاڪ لڳا. ورمانٽ
جي اولهه ۾ اوچا پهاڙ آهن، جن کي ايڪئيناڪس
(Equinox) جبل ڪري ڪوٺين ٿا. اِهي جبل سمنڊ
جي سطح کان قريبا چار هزار فوٽ اوچا آهن. جبل
جون جدا جدا ايراضيون ۽ چوٽيون (چوٽ) خانگي مالڪيءَ
تي آهن. انهن جو ڪجهه حصو ڪارٿيوُسين ڪرستان
پادرين خريد ڪيو هو. اُتي هنن پنهنجي هڪ شاهي
ديول اَڏائي هئي، پر هاڻي اُن ۾ فقط پندرهان پادري
رهيا پيا هئا. اوچي ۾ اوچي پهاڙيءَ تي هڪ هوٽل
نهيل هئي. هتي جي خوبي اِها هئي جو پهاڙيءَ تان
چوطرف نهار ته آميريڪا جي ڇهن جدا راڄين تي نظر
پوي! ورمانٽ ۾ چڱو مزو آيو ۽ ٻه ڏينهن قدرتي
نظارن جي مؤج ماڻي، آرتوار اَڌ رات جو گهر اچي سهڙيس.

دادا، چوندا آهن ته گهر ناهي ڏس ته ڪل پوئي!
پر گهر سميٽڻ پڻ سٺرو ڪينهي!! گهر ناهڻ ۾ مونکي
خاص تڪليف درپيش ڪين آئي جو اِهو آهستي
آهستي ڪري پئي ناهيم. پر هت ته يڪساهيءَ گهر
سميٽڻو هو. جنسي بيک نڪري ويئي. سيڪا شيءَ
سنڀالي بند ڪرڻي هئي ۽ پوءِ اُن کي بنگ يا پيتيءَ
۾ پوريءَ طرح ماپائڻو هو، جنن ڪڻ پاهه ۾ ڪتي ضربجي
نه ۽ سک سان سالم بمبئيءَ پهچي. هڪڙو ٽائيم جي
تنگي، بيو سيني کي منهن ڏيڻو پئي پيو. ڪم ڪندي

آهي. مون جيڪڏهن پنهنجي پروگرام ۾ بدل سدل ڪئي، ته مان اوهانکي ضرور اطلاع ڪنديس.

پياري جي ماني مون ڪانئنا وٽ کاڌي. گهڻي رات تائين ڳالهائيندي چڱا چرچا گهٻا ڪياسين. سي ايءَ چيو ”مان صبح جو توکي گهران ڪڍي، هوائي بندر تي پهچائي ايندس.“ مون کيس جهليو، ڇاڪاڻ ته کيس پنهنجي ڪم تي وڃڻو هو ۽ هروڀرو موڪل وٺڻ جي ڪا ضرورت ڪانه هئي. سمجهايومانس ته منهنجي ساهيڙي ۽ سندس پريتوان اها جوابداري پاڻ تي هموار ڪئي هئي. مس ڪري چئي مڃيو. نيٺ ڪانئس موڪلايم. اِنهيءَ تي چئي موکي موٽر ۾ گهر ڇڏي ويو.

صبح ساڻ بيورلي بنس ۽ مسٽر ڊيوائين موٽر ڪڍي اچي سهڙيا. مان ته تيار ويٺي هيس. سو سيگهه ڪري جان ايف ڪينيڊي هوائي بندر ڏي رفتار رکيسين. بندر چڱو پري هو، پر ڳالهين ٻولهين ڪندي مفاصلو جهٽ گهڙي ۾ ٽپي ويو. جهاز جي چڙهڻ جي تياري هئي. ساهيڙيءَ کان ٽڙو موڪلايم ۽ هڪ دفعو ٻه ٻيا پنيان نهارڻ جي اچي هوائي جهاز ۾ پنهنجي جاءِ والاريم. جهاز وقت تي چڙهيو.

جهاز ۾ آهيان ۽ آڏامي اچي رهي آهيان اوهان وٽ. ڳالهيون ته ڪئڻ جون ڪيتريون. وڌيڪ روبرو.

پيارن مان،

ڪملا.

مان چار ڏينهن مارٽا وٽ رهنديس. اُتان لاس اينجيلس هوائي اڏي تان سوار ٿيندي جهاز پڪڙينديس، جو آٽي ٽوڪيو ۾ لاهيندم. ٽوڪيو ۾ ٻه ڏينهن رهنديس. ڪمپني ٽوڪيو جي هلٽن هوٽل ۾ منهنجي رهڻ جو بندوبست ڪيو آهي. ٽوڪيو ڏسڻ لاءِ ٻه ڏينهن ڪافي ٿيندا. مون اوهانجي ماسات چندروءَ کي پنهنجي اچڻ جو هتان اطلاع ڪري ڏنو آهي، جيتوڻيڪ پاڻ جڏهن نيويارڪ آيو هو ءَ گڏجي ماني کاڌي هئيسين ته ڪليو ٽوٽو ڏنو هئائين ته جاپان اچين ته اسان وٽ اوساڪا ۾ درسن ضرور ڏج. مون ويچار ڪيو آهي ته ٽوڪيو مان کيس ٽيليفون ڪنديس. پوءِ جي وڻيو پيو ته اوساڪا مان چڪر ڏيئي اينديس. ٽوڪيو مان اينديس هانگ ڪانگ. اُتي منهنجي ساهيڙي بيورلي بدس جي پريتوان فريڊرڪ ڊيوائين پنهنجي دوست رالف ڊيوان کي لکيو آهي، جو مون کي شهر گهمائيندو به ۽ خريداريءَ ۾ پڻ واهر ڪندو. هن ئي هانگ ڪانگ ۾ هوٽل ۾ منهنجي رهڻ جو بندوبست ڪيو آهي. هانگ ڪانگ مان، مان ٢٦ تاريخ نڪرنديس ۽ بئنڪاڪ ۾ جهاز مٽائي، ساڳئي ڏينهن شام جو ساڍي اٺين بجي اچي اُتي سهڙنديس. وڏي به هوائي جهاز جي پهچڻ جي وقت جي پڪا ڪجو، ڇو ته ڪڏهن ڪڏهن ڦيرڦار ضرور ٿيندي

بندوبست اُهڙيءَ ريت ڪيو ويو آهي، جو ايڏانهن اچي ڪين سگهنديس. ان ڪري ئي ته ائين اورانگهي وچڻ ڪان ٽيليفون تي ڳالهائڻ ضروري سمجهيم. پر هوءُ ائين سوچي چو تو! چوڻ لڳو، "هن سڏ پند تائين اچي، اسان وٽ نه اَچين، اهو نهي ٿوروئي ٿو. پيو نه ته شام جو اِتان نڪري رات اَسان وٽ رهي، صبح ساڻ هوائي جهاز پڪڙيندينءَ ته. تنهنجي مسافريءَ جي ترتيب ۾ ڪوبه رخنو ڪين پوندو. ضرور اَچ. مان توکي هوائي اَڏي وٺڻ ايندس ۽ صبح ساڻ توکي هوائي جهاز تي اُپرائي پڻ ايندس. قسمت سانگي تنهنجو هن طرف اچڻ ٿيو آهي، توکي اوساڪا اَچڻوئي پوندو." نوٽو سويڪار ڪرڻوئي پيو. سو ٽپڙ سهيڙي، سفر جو سانباهو ڪيم ۽ ٽيليفون تي هوائي جهاز جي ٽڪيٽ جو بندوبست ڪري ورتم.

ٽوڪيو ڪان اوساڪا پهچڻ ۾ خاص ويرم ڪانه لڳي. چندرو مون لاءِ ترسيو بيٺو هو. چندروءَ جو گهر ايڏو نه پري هو جو پهچڻ ۾ اَسانکي پيو نه ته ڪلاڪ ته ضرور لڳو هوندو! تنهن ڪالسواءِ اوساڪا جي پهراڙيءَ جون گهٽيون اُهڙيون ته سوڙهيون هيون جو اِمڪان هو ته موٽر ڪنهن مهل به فوٽ پاٿ تي چڙهي وڃي!

گهر پهچڻ تي چندروءَ جي ڪنوار شيلا ۽ سندس ٻار ڏاڍي قرب سان اَچي گڏيا. شيلا جهٽ بمبئيءَ جهڙي پيل-پري پليٽ ۾ پائي آئي. ائين ٿورو چشڪو

(٣٠)

هانگ ڪانگ،
٢۴ سيپٽمبر ١٩٧١ع
پيارا دادا،

اُميد ته اوهين سڀ خوش چڱا ڀلا هوندا. جيئن مون اوهانکي پنهنجي اڳئين خط ۾ لکيو هو، مان مارئا وت چار راتيون ٽڪي، هوائي جهاز رستي ٽوڪيو ڏانهن روانو ٿيس. ٽوڪيو ۾ مون لاءِ رهڻ جو بندوبست هوائي جهاز وارن ڪيو هو. هوٽل تي پهچڻ سان ڪجهه ساهي پٽي نڪتيس شهر ڏسڻ. ٽوڪيو جو شهر سنهو ۽ سهڻو آهي. رستا ۽ سڙڪون ڪشاديون، عمارتون عاليشان ۽ وڻندڙ ۽ نظارا هر وقت ڏسڻ جهڙا. رات جو ٽوڪيو جڻ جنت ٿي پيو ڀاسي! ٽوڪيو ۾ پئرس جي ايفل مناري جهڙو منارو هو، جو بجلي بتين جي روشنيءَ ۾ خاص دلڪش ٿي لڳو.

مون اوهان کي لکيو هو ته مان اوهان جي ماسات چندروءَ کي جاپان وڃڻ جو اڳواٽ اطلاع ڪونه ٿي ڏيان؛ ٽوڪيو مان ٽيليفون تي ساڻس ڳالهائيندس. ڪيم به ائين ئي. هوٽل مان ٽيليفون ڪيم ماڻس ته پاڻ ئي ڪبيا ئين. چيائين، "اڳواٽ تـه خبر ڏين ها. ڀر هاڻي اسان وٽ اوساڪا ڪهڙي ڏينهن ٿي اچين؟" مون چيو ماڻس تـه منهنجي هوائي جهاز جي مسافريءَ جـو

مان ٻڌو پيو ته ٽئيپيه ۾ طوفان لڳڻ ڪري اُتي جي هوائي اَڏي تي جايون ڊهي اچي پٽ پيئون هيون، جنهن ڪري هوائي آمدرفت لاءِ خطرو پيدا ٿيو هو. اِنهيءَ ڪارڻ سوچي رهيا هئا ته جوکم کڻي هوائي جهاز تائيپيه ۾ لاهجي يا نه. سڀ جا پاڇولا اوله طرف لڙڻ شروع ٿيا هئا. اُتي چندروءَ جي دوست کي خيال آيو ته ڇو نه کين اوساڪا مان ٽوڪيو هلجي ۽ اُتان هانگ ڪانگ لاءِ هوائي جهاز کڻجي. هُو جو پيو ٽڪڙو ايندو ويندو هو ته هنڪي اِنهن ڳالهين جي ٻڌوبي ڄاڻ هئي. سو هوائي ڪمپنيءَ جي ماڻهن کي چيائين ته اسانکي هتان ٽوڪيو موڪليو ۽ اُتان اَسين هانگ ڪانگ جي هوائي جهاز ۾ روانا ٿي وينداسين. پهرين ته ڪجهه ديرر بدل ٿي، پر آخر مڃيائون ۽ اسين جاپان هوائي جهاز ڪمپنيءَ جي جهاز ۾ ٽوڪيو آياسين. اسانجو جهاز سڌائي وقت تي ٽوڪيو اچي سهڙيو، ڇو ته اُتان جهاز هانگ ڪانگ ڏانهن روانو ٿيڻ لاءِ تيار بيٺو هو.

مون سمجهيو ته منٽن ۾ وڃي ٻئي جهاز ۾ چڙهبو، پر اِئين ٿيو ئي ڪين. مورڳو سرڪاري عملدارن جي اَچ وڃ ۽ جاپاني زبان ۾ سندن سس پس شروع ٿي ويئي! مونکي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته هيءُ رولو ڇا لاءِ متو هو. پڪ ٿي ويم ته جهاز هليو ويندو ۽ مان هتيئي رهجي ويندس! آخر هڪ عملدار کي وٽ آيا، جنهن کي انگريزيءَ ۾ ڪجهه زبان ڇورڻ آئي ٿي. هن مونکي

ڪري هڪ ٻئي کان حال اَحوال ورتوسين. پوءِ هلياسين هوٽل تي ماني کائڻ. جاپاني ماني واه جي لذيذ هئي. هونءَ ته ڳالهين ڪندي شايد سڄي رات ٻري وڃي ها، پر جڏهن ته مونکي اَسر جو هوائي جهاز پڪڙڻو هو، تنهن ڪري ڳالهين جو سلسلو اَڌ رات کان اڳ ئي پورو ڪري، وڃي سمهياسين.

چندرو اَلبت ٿڪل هو، پر وقت جو اڇي پريو هو، سو سندس ڪنوار ڪيس وڃي اُٿاريو. پوءِ مونکي جهٽ ۾ نيرڻ تيار ڪري آڻي ڏنائين. مون گهڻوئي جهليومانس ته ايڏو سوير نيرڻ جي ضرورت ڪانهي، پر اسان سنڌين کي مهمانن جي خاطري ڪرڻ کانسواءِ آرام ڪٿي ٿو اچي!! مون نيرڻ ڪئي ته چندرو به سنيئري تيار ٿي ويو ۽ چانهه هڪ ئي گهٽ سان پي هليو مونکي اُڀرائڻ. هوائي اَڏي تي پهتاسين ته ٻڌايائون ته جهاز ڇٽڻ ۾ ڪجهه دير لڳندي. اِتي چندروءَ کي سندس هڪ گهرو سنگتي گڏجي ويو، جو پڻ ساڳئي جهاز ۾ هانگ ڪانگ ٿي ويو. چندروءَ کي دير پئي ٿي، سو هنکي منهنجي پارت ڪري، پاڻ موٽي ويو.

ڪلاڪ به رکي پوءِ ٻڌايائون ته بس هاڻي جهاز ڇٽي ٿو، پر اُنجا آثار اصل نظر ڪين ٿي آيا، تانجو منجهند اچي ٿي. منجهند جي ماني به جهاز ڪمپنيءَ وارن کارائي، پر مونکي هاڻي اُلڪو ٿي پيو ته آخر هانگ ڪانگ پهچندس ڪين اوساڪا ۾ ئي ويٺي هوندس! ماڻهن جي سس پس

ڪاريون ڇڏي، سيڙجي مونکي هوائي اَڏي تي وٺڻ لاءِ آيو، پر منهنجو پتو ندارد. ڪيس ٽراس ٽي گهر موٽي ويٺو پيو. شڪر جو هوائي جهاز وارن هانگ ڪانگ جي ڪنهن هوٽل ۾ منهنجي رات رهڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو هو. سو مان سندن موٽر ۾ چڙهي هوٽل ۾ وڃي سگهي ٿيس. صبح ساڻ مون مسٽر ديوان کي فون ڪئي ۽ ساڍس وقت رکيو. مقرر ڪيل وقت تي مسٽر ديوان مونکي اچي گڏيو ۽ هانگ ڪانگ شهر ڏيکارڻ لاءِ پنهنجي موٽر ڪڍي هليو.

هانگ ڪانگ جو شهر ٻن ٻيٽن تي پکڙيل آهي. هڪ ٻيٽ کان ٻئي ٻيٽ تي وڃڻ لاءِ پتڻ پار ڪرڻو پوي ٿو. پنجين ستين منٽين ننڍڙو جهاز هڪ ٻيٽ کان ٻئي ٻيٽ تي وڃي هلڻ لاءِ اَچيو سهڙي. هانگ ڪانگ جو شهر چڱو ڳتيل آهي ۽ اَتاهه ماڻهو هتي ڳاهت ٿيا رهيا پيا آهن. آدمشماري گهڻي هئڻ ڪري ڪيترا ماڻهو رستن ۽ سڙڪن جي پاسن کان ٻڙيون هڻيو، ڏندو ڏاري پيا ڪن. هانگ ڪانگ ۾ وڻ ٽوڙي باغ خير ڪي تي نظر آيا.

جي مسٽر ديوان مونکي هانگ ڪانگ جو شهر خوب گهمايو ته چندروءَ جي دوست خريداري ڪرڻ ۾ منهنجي واهه جي واهر ڪئي. مان پنهنجي واچ پٽي بدلائڻ لاءِ ڏيئي آئي هيس، جا مونکي منجهند کان جلد ٺهيءَ تيار ٿي ملي. اُن مهل مينهن زور شور سان پئي

هڪ فارم صحيح ڪرڻ لاءِ ڏنو. مون اُن تي جهٽ صحيح پائي اهو کيس ڏنو، پر ته به هن پچر نه ڇڏي. چوڻ لڳو، ”سمجهين ٿي ته ڇاتي صحيح ڪئي اٿيئي! تون ٽوڪيو ۾ بنا اجازت اچي لٿي آهين. اهو هتي جي قانون موجب سخت ڏوھ آهي، ان ڪري توکان اقرار ورتو ٿو وڃي ته ايندڙ ٻن سالن ۾ تون وري ٽوڪيو نه ايندينءَ!!“ مون به نهه پڇي ڇڏي ڏنومانس، ”ڪنهن کي پيئي آهي، جو اُوهانجي اوندن قاعدن واري شهر ۾ ڪو ٻيهر پير پائيندو! اڃا ٻاهتر ڪلاڪ به ڪين ٿيا ته لنبي قطار ۾ بيهي، ٽوڪيو ۾ گهمڻ جي اجازت ورتيم، ۽ هاڻي وري ٻيهر منظوري کپي، سو به صرف هڪ جهاز مان لهي ٻئي ۾ چڙهڻ لاءِ!!“ پتو پيم ته پرديسين سان هتي اهڙا ته حيران ڪندڙ قاعدا آهن، جو هر پيري اُچڻ لاءِ نئين سر سرڪاري پروانو وٺڻو آهي!!! مس ڪري پاسپورٽ واپس ڪيائون ۽ مان ڊڪندي اچي هانگ ڪانگ واري جهاز ۾ چڙهيس. جهاز شايد مون لاءِ ترسيل ٿي ڏنو. ڊڪڻ سبب جو سهڪيس پئي، سو اُج اچي ستايو- جڏهن بسڪوٽ کائي مٿي پاڻي پيتيم، تڏهن مس وڃي ساهت جو ساهه پٽيم.

پئن-اُميريڪن هوائي جهاز شام ڌاري سڪ سان آڻي هانگ ڪانگ لاٿو. پر اُن ڏينهن جو رٿيل پروگرام بنهه ڊانوا ڊول ٿي ويو. مسٽر ڊيوان ٻهنجا ڪم

ڪرڻ لاءِ تاڪيد ته ڪيائين، پر واچ مونکي ملي ڪيئن؟ اوڏي مهل مان ڪاني تي وڃي رهي هيس ۽ ٻئي ڏينهن هو آرتوار. دڪان سڀ بند.

انهيءَ تي مونکي ڪجهه منجهيل ڏسي منگهن چيو، "اوهين خيال نه ڪريو، مان ڪاريگر کان واچ وٺي ساڻ کڻي ويندس. اوهين پنهنجي سهوليت تي مونکي گهر فون ڪجو ته مان اوهانکي واچ پهچائي ڏيندس؛ مان هتي ويجهوئي ته رهندو آهيان." مونکي اها ڳالهه پسند اصل ڪين تي آئي ته مان ڪا کيس اينري تڪليف ڏيان. پر بيو ڪو چارهوئي ڪونه هو ۽ ويتر جو منگهن هيڏو پنهنجائي سان تي هليو، سو منجهس ايمان ٻڌجي ويو. انهي ڪري واچ کيس سپرد ڪري، ڪانئس سندس سرنامي جو ڪارڊ وٺي، ڪاني تي هلي ويس.

ٻئي ڏينهن صبح جو نوين بجي منگهن کي فون ڪيم ته چيائين، "اڄهو، واچ کڻي آيس." ڪجهه منٽن ۾ هن مونکي واچ آڻي ڏني. مون کيس مرمت جا پئسا ڏنا ۽ سندس ٿورا مڃيا. تنهن کانسواءِ کيس ڪافي پيئڻ جي آڇ ڪيم. ڪافي ته پيتيئين، پر منگهن مونکي پئسا ڏيڻ نه ڏنا، نه ڏنا. منگهن لاشڪ رڄ مڙس نڪتو. اهوئي سبب آهي جو سنڌي واپاري جتي به وڃن اُتي پنهنجي فهميدائي ۽ ايمانداريءَ سان سڀني کي پاڻ ۾ وشواس جمارايو ڇڏين.

سڀ ڪم ڪار هاڻ پورو ٿي چڪو آهي. باقي

وسيو، تہ بہ وقت جي تنگيءَ سبب، وسڪارن ۾ ٿي
خريداري ڪرڻ لاءِ چندروءَ جي سنگتيءَ سان نڪري
پيس، جو هوءُ انهيءَ لاءِ خاص مون وٽ ڪهي آيو هو.
خريداري تہ خوب ڪري موٽياسين، پر جان ڪٽي واچ
تي نظر وجهان تہ، واچ جي شيشي هيٺان پاڻي ترندو
ڏٺم. هاڻي جلدئي هوائي جهاز ۾ وطن رواني ٿيڻي
هيس، تہ بہ هيئن واچ کي پاڻيءَ ۾ ترڳندو ڏسڻ اصل
ڪين آئڙيم. اِها ڇنڇر جي شام هئي. بس يا ٽئڪسيءَ
۾ چڙهي، جنهن واچ واري کان پٺو بدلارايو هوم، تنهن
وٽ ئي واچ صاف ڪرائڻ لاءِ وڃڻ جي ڪوشش ورتيم.
سڄا سارا پنجيتاليہ منٽ واجهہ وڌم، پر ڪو بہ تدارڪ
نہ ٿيو. ڏاڍو اَرمان ٿيم. اِتي ويچار آيم تہ ڇو ڪين
هوٽل جي ويجهو سنڌي واچن واري تي اِهو ڪم رکان.
ڀلا تڪڙ ۾ جا هيس! اَڌ ڪلاڪ ۾ مونکي مسٽر ديوان
سان گڏ ڪاني تي وڃڻو هو. هن سنڌي دڪاندار کان
اڳئين ڏينهن ڪجهہ شيون خريد ڪيون هيم. چڱو
فهميدو ۽ اَشراف مڙس پئي لڳو. سو سندس دڪان
تي چڙهي ويس. سندس نالو هو منگهن. ڪم ٻڌايومانس.
يڪدم چيائين، "مان پاڻ تہ اِهو ڪم ڪري ڪين
سگهندس، پر واچ ۾ پاڻي پيو رهندو تہ واچ کي اُٽيڇو
ضرر رسائيندو. مان ڪاريگر کي اوهانجي منهن تي
گهرائي ٿو وٺان. دلجاءِ ڪريو. اَوهانکي ڪم ڪيئن بہ
ڪرائي ڏيندس." ڪاريگر کي گهرائي تسليءَ ڀريو ڪم

ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ هفتا ٽڪڻا آهن. بس، پوءِ چڙهبو
هوائي جهاز ۾، سڌو گهر. خبر ناهي ته هيءُ خط اوهان
کي پهرين پهچندو يا مان اوهان وٽ اڳواٽ اچي
سهڙنديس.

وڌيڪ روبرو.

پيارن مان،
ڪملا.

Printed by Asudomal R. Punwani
at the Crown Printery, Arthur Road, Bombay-11.
Phone : 392375
and Published by C. L. Mariwalla,
Block No. 7, Behind Market, Sion, Bombay-22.